# ترڪيءَ ۾ چار مسافر

سفرنامو



ڊاڪٽر محبوب شيخ

# ترڪيءَ ۾ چار مسافر

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# اول الله عليمُ، اعليٰ عالم جو ڌڻي

اول الله عليمُ، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادرُ پنهنجي قُدرت سين، قائم آهه قديمُ،
والِي واحدُ وَحدهُ، رازِقُ ربُ رحيمُ،
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حَمدُ حڪيمُ.
ڪري پاڻ ڪريمُ جوڙئون جوڙ جهان جي

وَحدَهُ لاشَريڪَ لَہُ، جن اُتوسين ايمانَ،
تَنِ مَڃيو مُحَمَدُ ڪارَڻي، قَلبَ ساڻُ لِسانَ،
اُوءِ فائق ۾ فرمانَ اُوَتڙ ڪنهن نہ اوليا.

اوَتڙ ڪنهن نہ اُوليا، سُتَڙِ ويا سالِمَ،
هيڪائي هيڪُ ٿيا اَحَدَ سين عالِمَ،
بي بها بالِمَ آڳي ڪيا اڳهين.

آڳي ڪيا اڳهين، نسورو ئي نورُ،
لاخوف عليهم ولاهُم يحزنون، سَچَن ڪونهي سُورُ،
مولي ڪئو مامورُ، اَنگُ اَزَلَ ۾ اُنِ جو.

وحده جي وِڌئا، الاالله سين اَورِين،
هنيون حقيقت گڏئون، طريقت تورين.
معرفت جي ماڻ سين، ڏِسَ اندر ڏورين،
ڪُلهِنئون ڪورِينِ، عاشق عبداللطيف چئي.
(شاهه لطيف رحہ)

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# ترڪيءَ ۾ چار مسافر

سنواريل ۽ وڌايل نئون ڇاپو

(سفرنامو)


## ڊاڪٽر محبوب شيخ



پوپٽ

پوپٽ پبلشنگ هائوس

سنڌ بالڪ سنگت - خيرپور ميرس



books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

**POPAT BOOK NO. 16**

**ترڪيءَ ۾ چار مسافر**
(سفرنامو)
لکيڪ: ڊاڪٽر محبوب شيخ
ڇاپو پهريون: مئي 2009
ڇاپو ٻيون: جنوري 2010
تعداد: هڪ هزار
ٽائيٽل ڊزائين: سعيد منگي
ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: فهيم احمد منگي
ڇاپيندڙ: پوپٽ پرنٽنگ پريس، خيرپور ميرس
ڇپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس
سنڌ ٻالڪ سنگت خيرپور ميرس
**ملهه: 200 روپيه**
ملڻ جو هنڌ: عزيز ڪتاب گهر، بيراج روڊ سکر
الشمس اسٽور، پاڪستان چوڪ لاڙڪاڻو
الفقرا پريس، سانگهڙ
نيشنل بوڪ اسٽال خيرپور، تهذيب نيوز ايجنسي خيرپور
ڪاٺياواڙ بوڪ اسٽور، اردو بازار ڪراچي

**"Turkey me'n Chaar Musafir"**
(Travelogue)
By: Dr. Mehboob Shaikh
First Edition: May, 2009
Second Edition: January 2010
Quantity: 1000 copies
Title Design: Saeed Mangi
Composing & Layout: Faheem Ahmed Mangi
Printed by: Popat Printing Press
Mall Road, Khairpur Ph: 0243-552913
Published by: Popat Publishing House
Sindh Balak Sangat Khairpur Mir's.
**Price Rs. 200/-**

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# ارپنا

پنهنجي هيءَ ننڍڙي ڪاوش ارپيان ٿو
وطن عزيز جي اُنهن مجبور ۽ بيوس عورتن کي،
جن تي سندن والد، ڀائر، ڳوٺ ۽ برادريءَ جا چڱا مڙس،
سوٽ، ماسات، مڙس، سهرا، ڏير ۽ پٽ ظلم ڪن ٿا،
غيرت جي نالي ۾،
ملڪيت ڦٻائڻ لاءِ
پنهنجي انا جي تسڪين خاطر
۽ پنهنجي بزدلي لڪائڻ لاءِ.
ارپيان ٿو اُنهن معصوم ٻارڙن کي،
جن جي عمر ته ٿيلهو کڻي اسڪول وڃڻ
۽ راند روند ڪرڻ جي آهي،
پر اُنهن تي تشدد ڪيو ٿو وڃي
۽ ڪين پورهيو ڪرڻ تي مجبور ڪيو ٿو وڃي،
جيئن پنهنجي گهر جي چلهه کي گرم رکڻ لاءِ سهارو ٿين.
ارپيان ٿو اُنهن مزدورن،
هارين، مسڪينن، سپاهين، چوڪيدارن، پٽيوالن، ڪلارڪن
۽ ڏهاڙيءَ تي ڪم ڪندڙ پورهيتن کي،
جن کي آزاديءَ جو منو ميوو،
ٽيهٺ سال گذرڻ جي باوجود به نصيب نه ٿيو آهي.

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# ترتيب


- پبلشر نوٽ: **قربان منگي** 07
- جن کي جيءَ ۾ ڏنم جاءِ: **ڊاڪٽر محبوب شيخ** 08
- پيش لفظ: **ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل** 24
- مهاڳ: **الطاف شيخ** 28

- ترڪيءَ لاءِ تياري 37
- اسان جي اڏام 40
- ترڪيءَ جو تعارف 43
- ترڪيءَ ۾ اسلام ۽ ٻيا مذهب 48
- ترڪيءَ جو تجارتي مرڪز "ڪيسري" 51
- ترڪيءَ جو نظام تعليم 60
- انقره باءِ روڊ 66
- غازي مصطفيٰ ڪمال پاشا 71
- اتا ترڪ جي مزار 74
- وزيراعظم طيب اردگان 78
- ترڪيءَ جو شان: استنبول 81
- مسجد سليمانيه 87
- دولما باغيچه 89
- باسفورس 92
- توپ قاپي محل ۽ ميوزيم 94
- نيري مسجد 100
- صوفيه چرچ ۽ مسجد 102
- حضرت ايوب انصاري رحه 105
- عدنان ميندرس 108
- ترڪي ۽ يورپي يونين 112
- خلافت عثمانيه 113
- تحريڪ خلافت 121
- خلافت عثمانيه جو زوال 124
- استنبول ۾ آخري ڏينهن: ڏڪ بازار جي وزٽ 128
- ڊپارچر لائونج 131
- قونيا 132
- ازمير 134
- هيلن آف ٽرائي 135
- بي بي مريم جو گهر 136
- سفر جون آخري يادگيريون 137
- ڪتاب تي تنقيدي تبصرو: **ظفر الله شيخ** 140



books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com

# پبلشر نوٽ

ڪميونيڪشن جي تيز ترين دور ۾ جتي انٽرنيٽ چاڻ جا انيڪ دروازا اِنساني ذهنن جي اڳيان کولي ٿو ڇڏي، اُتي ئي ساڳي وقت، ڪتاب جي اهميت ڪنهن به حوالي سان گهٽ ڪونه ٿي آهي. سنڌي ۾ پڻ مختلف موضوعن تي ڪتابَ ڇپجن ٿا ۽ انهن مان موضوع توڙي پيشڪش جي حوالي سان معياري ڪتابَ وڪامن به ٿا.

پوپٽ پبلشنگ هائوس گذريل سال 2009ع ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف موضوعن تي سَتَ ڪتاب ڇپرايا، جن مان نامياري تعليمدان ۽ سفرنامہ نگار ڊاڪٽر محبوب شيخ جو ترڪيءَ جو سفرنامو "ترڪيءَ ۾ چار مُسافر" هٿو هٿ وڪامي ويو. ڊاڪٽر محبوب شيخ جي عام فهم ۽ سادي ٻوليءَ سبب، پڙهندڙن هِن ڪتابَ کي ڏاڍي دلچسپيءَ سان پڙهيو. پڙهندڙن جي دلچسپيءَ کي ڏسندي ڊاڪٽر محبوب شيخ هِن سفرنامي ۾ ڪجھ سُڌارا ۽ واڌارا ڪيا ۽ ڪجھ اهڙن بابن جو اضافو ڪيو جيڪي ڪتاب جي پهرئين ڇاپي ۾ شامل ٿيڻ کان رهجي ويا. ايئن سال 2010ع ۾ پوپٽ پبلشنگ هائوس کي اِهو موقعو ملي رهيو آهي تہ هُو هِنَ ڪتاب جو ٻيو ايڊيشن اوهان جي هٿن تائين پهچائي.

اسان کي اوهان جي راءِ جو ضرور اوسيئڙو رهندو ۽ اسان اوهان جو ساٿُ ڪتابن جي دنيا جي حوالي سان ضرور قائم رهندو.

**قُربان منگي**

چيئرمين

پوپٽ پبلشنگ هائوس

سنڌ ٻالڪ سنگت . خيرپور

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

## ليڪڪ طرفان چند سٽون

# جن ڪي جيءَ ۾ ڏنم جاءِ

مان ڪو اديب يا شاعر ناهيان، نہ ئي ڪو ليڪڪ يا دانشور، بس ڪجهہ پڙهيل ۽ ڪي قدر ڪڙهيل هڪ سڌو سادو، سٻاجهڙو ۽ سلڇڻو سنڌي مسلمان آهيان، جنهن ميهڙ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ "ٻٽ سرائي" جي هڪ مڊل ڪلاس خاندان ۾ اک کولي، جتي نہ بجلي هئي ۽ نہ پيئڻ لاءِ صاف پاڻي، امڙ ٻڌائيندي آهي تہ رمضان جي پلاري مهيني جي پهرين روزي تي سحريءَ مهل ڄائس.

پرائمري تعليم جو پهريون سال، ٽنڊوباگو جي اسڪول ۾ پڙهيس، جو بابا سائين جن اُتي ايريگيشن کاتي ۾ ايس ڊي او هيا. ڪين واهن ۽ بندن جي سار سنڀال لهڻ لاءِ هڪ ڏاچي بہ مليل هئي، اسڪول جيئن تہ تورو پرپرو هيو، اُن ڪري منهنجو اچڻ ۽ وڃڻ ڏاچيءَ تي ٿيندو هيو. پرائمري جا باقي ٽي سال واپس پنهنجي ڳوٺ ۾ اچي پڙهيم. ڳوٺ ۾ ڪي راندين جا ميدان يا گرائونڊ نہ هيا، ڪرڪيٽ، هاڪي ۽ ٽينس جا تہ نالا بہ ڪونہ ٻڌا هياسين. بس پنهنجي ياءُ رفيق، سوٽن سراج، ممتاز، نجيب، نعمت، طارق ۽ دوستن جهڙوڪ الله رکيو ٻٽ، نثار ٻٽ سان ڏٺي ڏکر، بلورُ ۽ ونجهہ وٽي کيڏندي وقت گذري ويو.

اسان جو ڏاڏو حاجي عزيز الله شيخ، ڳوٺ ترڙي محبت تعلقو ميهڙ، ضلع دادو ۾ هيڊماستر هيو، پنهنجي دٻدٻي ۽ سٺي انتظام ڪري چڱو خاصو نالو هين. کين ڇهن پٽن ۽ ٻن نياڻين جو اولاد ٿيو، جن سيني کي اعليٰ تعليم ڏياريائون ۽ سٺن عهدن تان رٽائر ٿيا. سندس پٽن مان حاجي غلام سرور شيخ، حاجي شمس الدين

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

شيخ، حاجي نظام الدين شيخ، حاجي ظفرالدين شيخ ۽ حاجي محمد خان شيخ وفات ڪري ويا آهن، باقي حاجي علي خان شيخ اڃان حيات آهن.

اسان جو والد صاحب، حاجي شمس الدين شيخ، نهايت ئي شريف، ايماندار، نهنو ۽ نماڻو انسان هيو. امڙ ٻڌائيندي آهي ته، اڃان مئٽرڪ ۾ ئي نه آيا هيا ته شادي ٿي وئي، ڏاڙهي جو آين ته زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين شيو نه ڪيائون، ڪين ”منهن واري“ نهندي به ڏاڍي هئي. 14-15 سالن جي عمر کان روزا رکڻ ۽ نماز پڙهڻ جو شروع ڪيائون ته 69 سالن جي عمر ۾ وفات ڪرڻ تائين، نه ڪڏهن ڪو روزو ڇڏيائون ۽ نه ئي ڪا نماز گسايائون.

1956ع ۾ ڳوٺ کي الوداع چئي جڏهن لاڙڪاڻه جي گورنمينٽ (پائليٽ) هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتم ته ايڏي وڏي بلڊنگ ڏسي وائڙو ٿي ويم، اُن ڪري ڊپ ۾، ٻه ٽي ڏينهن ته اسڪول ئي نه ويس، ته متان گم نه ٿي وڃان! هاءِ اسڪول جو هيڊماسٽر سائين واحد بخش شيخ ۽ اُستاد ليڇمنداس پلا ۽ محنتي انسان هيا. 1957ع ۾ بابا جي بدلي سکر ٿي ته هاءِ اسڪول نمبر 1 ۾ داخلا ملي، سال ڪن کان پوءِ بابا جي هڪ ڀيرو وري بدلي ٿي ۽ ڪين گدو ۾ بيراج تي رکيو ويو ته ڪشمور جي هاءِ اسڪول ۾ داخلا ٿي. هتي هندو ڇوڪرن جي گهڻائي هئي، اُستادن جي کوٽ هئي ۽ پڙهائي پوري ساري هئي. اُتي جا ٻه ڪلاس ميٽ، غلام حسين بلوچ ۽ غلام قادر سومرو سٺا دوست ثابت ٿيا. 1961ع ۾ واپس لاڙڪاڻه اچي، پنهنجي پراڻي هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتم، جتان 1962ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري نڪتم. اُتي ديدار شاهه، غلام حسين شيخ، اڪبر حيدر سومرو، شاهه مسعود، اڪبر چانڊيو، علي محمد شيخ، رحمت حسين جعفري، عبدالرزاق ٻگٽي ۽ صدرالدين پيچوهو ڪلاسي هيا.

تن ڏينهن ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو، پنهنجي پرامن ماحول، سٺي پڙهائي ۽ محنتي اُستادن ڪري، سڄي سنڌ ۾ نالو ڪڍرايو هيو. ڪاليج ۾ ”ڪو ايجوڪيشن“ هئي ۽ اردو ڳالهائيندڙ شاگردن جو تعداد سنڌين کان گهٽ نه هيو. سٺن پروفيسرن ۾ سنڌيلو صاحب، الطاف شيخ صاحب، وسيم صاحب، عظيم صاحب، شريف صاحب، رياض صاحب ۽ پرنسپال محمد علي خان کي شمار


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ڪري سگهجي ٿو. هاءِ اسڪول وارا اڪثر دوست، ڪاليج ۾ بہ ساٿي ٿيا، انهن کان علاوه، ذوالفقار قادري ۽ عبدالقادر منگيءَ سان بہ اُتي دوستي ٿي.

1964ع ۾ انٽر ڪرڻ کان پوءِ، جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتم تہ دماغ کلي ويو. صوبي جي اڪيلي يونيورسٽي هئڻ ڪري، هر ضلع جا شاگرد هت پيا پڙهن. ان کان علاوه، ٻين صوبن جا شاگرد ۽ ڪوڙ سارا غيرملڪي بہ هتي ڏناسين. ڄامشورو جي معياري تعليم ۽ محبتي ماحول ۾ گذاريل چار سال، زندگيءَ جا خوبصورت ترين ڏينهن هئا. پراڻين يادن کي سارينديءَ ۽ پنهنجي سني ياد داشت مان فائدو وٺندي، ان دور کي اسڪرين تي آڻي ٿو بيهاريان تہ جيئن اوهان نہ رڳو پڙهو پر محسوس بہ ڪيو.

جڏهن حسن علي عبدالرحمان وي سي ٿي آيو تہ ڪيس حيدرآباد جي ريلوي اسٽيشن تان عزت ۽ احترام سان وٺي اچڻ خاطر، ڄامشورو مان شاگردن جون بسون ڀري وياسين، پاڻ چارج وٺڻ کان اڳ ۾، علامہ آءِ آءِ قاضي سان ملڻ ۽ دعا وٺڻ جي خواهش ڏيکاريائين. اهڙي طرح، علامہ صاحب جن جي زيارت ٿي، ٻيو ڀيرو وري ڪين تڏهين ڏٺوسين، جڏهن علامہ صاحب ۽ ڀٽو صاحب، ڄامشورو ۾ ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري وٺڻ آيا. تڏهن سندن تفصيلي خطاب بہ ٻڌوسين، جيڪو اسان شاگردن کي گهٽ سمجهہ ۾ آيو جو اُن ۾ فلسفو ڏاڍو هيو. اُن کان پوءِ، جڏهن 13 اپريل 1967ع تي، پاڻ کي مهراڻ جي موجن حوالي ڪيائون تہ يونيورسٽي ڪيمپس ۾ پنهنجي هٿن سان دفنايوسين.

4 مارچ 1967ع تي، يوسف لغاريءَ جي اڳواڻيءَ ۾ هلايل تحريڪ دوران گرفتار ٿي، 207 شاگردن سان گڏ، سينٽرل جيل حيدرآباد پهتم. گرفتاريءَ کان اڳ، رينجرز واهہ جون لنيون هيون. اڄ بہ ڪپڙا بدلائڻ مهل، پناڙن تي لوهي منهن واري لنين جا نشان ڏسي، گهر واري چوندي آ تہ ”شل مار پوين، ڏاڍا ڪي بي رحم هيا“.

يونيورسٽيءَ جي آخري سال ۾ هيس تہ سنگت ڪٽي شاگرد يونين جي صدارت لاءِ اليڪشن ۾ بيهاريو. مقابلي ۾ حيدرآباد جي هڪ مشهور وڪيل جي نياڻي، نالي زينت منشي کي آندو ويو، ان


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ڪري جو اسان جي ڊپارٽمينٽ ۾ ڇوڪرين جي گهٽائي هئي! واهه جو مقابلو ٿيو، پر ٻن ووٽن تان هارايم. منهنجي گروپ جي ڇوڪرين نجمه، شهزادي ۽ نسيم، مونسان گلي لڳي، اوڇگارون ڏئي رنيون. اسان جي به عمر جا اُهي سال هيا، جو پگهر مان به خوشبو ايندي هئي.

جامشورو جا چار سال اک ڇنڀ ۾ گذري ويا، اُتي نيون دوستيون به ٿيون ۽ واقفيت به وڌي. ڪجهه ويجهن دوستن جا نالا، جيڪي اڄ به ياد اچن پيا، اُهي آهن: سڪندر شيخ، مجيد عباسي، اعجاز قريشي، رياض شيخ، کيم چند لالواڻي، عبدالرزاق ابڙو، ظفر نظاماڻي، شيام لعل، ماجد پرڳڙي، شريف ميمڻ، جام ساقي، شڪور دائود پوٽو، قمر فاروقي، روشن شيخ، تاج ميمڻ وغيره. هاسٽل ۾ لياقت جتوئي ۽ پير مظهر سان به ڪچهريون ڪيوسين. يونيورسٽي جي پروفيسرن مان ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان، اسلام صاحب، ڊاڪٽر خان، متين صاحب، شاهنواز عارباڻي، ڊاڪٽر ممتاز قاضي ڏاڍا ڀلا ۽ محنتي اُستاد هيا.

جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندو هيم ته مهيني، ڏيڍ مهيني ڳوٺ وڃڻ ٿيندو هيو ۽ اسان لاڙڪاڻي يا دادوءَ وارن شاگردن کي "بولان ميل" ڏاڍي مناسب لڳندي هئي. هڪ دفعي جامشورو اسٽيشن کان چڙهياسين ته خبر پئي، ته خانبهادر محمد ايوب کهڙو ۽ قاضي فضل الله به ان ٽرين ۾ لاڙڪاڻي پيا وڃن. ڳالهه دراصل هيئن هئي جو 1958ع ۾ جنرل ايوب خان مارشل لا نافذ ڪري، سياستدانن تي "ايبڊو" نالي هڪ قانون ناهي، ڪي پابنديون هٽي ڇڏيون هيون. هينئر پابندين وارو مدو پورو ٿيڻ کان پوءِ ٻئي ليڊر ڳوٺ پيا وڃن. کهڙو صاحب سيڪنڊ ڪلاس ۽ قاضي صاحب ٿرڊ ڪلاس ۾ وينا هيا. نوٽ ڪرڻ واري ڳالهه اها هئي ته سنڌ جا ٻه سابق وزير اعليٰ، عام ماڻهن سان گڏ، ريل جي هيٺين ڪلاسن ۾ سفر پيا ڪن، هنن لاءِ نه پيجارو گاڏي هئي، نه ايئرڪنڊيشنڊ ڪلاس ۽ نه هوائي جهاز! جامشورو کان لاڙڪاڻي تائين حال احوال ڪندي، هُنَن پنهنجو سينو کولي ڏنو.

ڳالهه نڪتي آهي عوامي نمائندن ۽ سنڌ جي سياستدانن جي، اُن ڪري احوال کي ٿورو وڌايون ٿا. 1961-62ع جو زمانو هيو، لاڙڪاڻي ۾ ڀٽي صاحب، پنهنجي رهائش گاهه "المرتضيٰ" تي، صدر


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ايوب جي مان ۾ هڪ عاليشان ڊنر ڏني هئي، منهنجي چاچي حاجي محمد خان شيخ کي سڏ هيو ۽ هو وري مون کي به ساڻ وٺي ويو. اهيو پهريون پيرو هيو جو پٽي صاحب کي ڏٺم ۽ هٿ به ملايم. اُن کان پوءِ، جڏهن به پٽو صاحب لاڙڪاڻو آيو ته کيس ڏسڻ ۽ ملڻ ضرور ويندو هيس، پٽي صاحب جون بئي عيدون، لاڙڪاڻي ۾ ئي ٿينديون هيون. ان موقعي تي "المرتضيٰ" جا دروازا کلي ويندا هيا، ننڍو يا وڏو، امير ۽ غريب، بنا کنهن چيڪنگ يا پڇا ڳاڇا جي پٽو صاحب سان اچي ملندو، مجال آهي جو ڪڏهن به هُن شخّص جي نرڙ تي ڪو گهنج اچي يا ڪنهن کي ڪاوڙ سان ڏسي.

يونيورسٽيءَ جي تعليم دوران ئي، 14 مارچ 1968ع تي شادي ٿي ۽ ٺيڪ اُن جي ٽن مهينن کان پوءِ، ايم ايس سي (آنرز) جو امتحان ٿيو. لڳو ائين جو ڄڻ ته شاديءَ مهل اسان ٻنهي جا ستارا ملي آيا ۽ گهر واري ڀاڳ واري ٿي لڳي. امتحان ۾ فرسٽ ڪلاس سيڪنڊ پوزيشن آئي ۽ 17 گريڊ جي نوڪريءَ جو آرڊر گهري ويٺي اچي مليو.

1969ع ۾ سي اينڊ ايس (چيلا سنگهه سيتل داس)، ڪاليج شڪارپور کان، بطور ليڪچرار، پنهنجي ڪيريئر جو آغاز ڪيم ۽ اڄ ڏينهن تائين، بنا ڪنهن ساهي پٽڻ جي خدمت جو اهيو سلسلو هليو اچي. شڪارپور ۾ چار سال رهيس، پنهنجي سبجيڪٽ باٽنيءَ ۾ ڏاڍي محنت ڪيم، چالاڪ جو شاگردن کي ڪلاس ۾ مطمئن ڪرڻ ۽ سندن دلچسپي برقرار رکڻ ڪو آسان ڪم نه آهي. اُستاد ٿيڻ ته سولو آهي، پر هڪ سٺي استاد ٿيڻ لاءِ ڏاڍي محنت ۽ علمي پورهيو ته ڪرڻو پوي.

شڪارپور ۾ ئي هيس ته "ون يونٽ" کي ٽوڙڻ جو اعلان جنرل يحيٰ خان ڪيو ۽ مغربي پاڪستان جا چارئي صوبا بحال ٿي ويا. اُن ڪري، مغربي پاڪستان پبلڪ سروس ڪميشن لاهور کي پنهنجا رهيل انٽرويو اڪلائڻ ۽ ڪم بند ڪرڻ جا حڪم مليا. اُنهن ڏينهن ۾ ڪميشن جو چيئرمين، پنجاب جو هڪ چڱي شهرت وارو رٽائرڊ ڪامورو جناب آءِ يو خان هيو. اسان واري سبجيڪٽ ۾ 35-30 اميدوار هيا ۽ جايون ڪل به هيون، بس الله جي مهرباني ٿي ۽ مان بطور ليڪچرار چونڊجي ويس.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ان کان پوءِ جڏهن سنڌ ـ بلوچستان پبلڪ سروس ڪميشن حيدرآباد جو وجود پيو ته مان ڊويزنل فاريسٽ آفيسر جو لکت وارو امتحان پاس ڪيو. انٽرويو جو ليٽر مليو ته مان هڪ ڏينهن اڳ اچي، حيدرآباد ۾ پنهنجي چاچي ظفرالدين شيخ جي گهر رهيس. هُن جي ڪميشن ۾ ڪنهن آفيسر سان واقفيت هئي، چيائين ته ”هل ته هلي حال احوال وٺون“. اُن آفيسر سان جو اچي ملياسين ته هن هڪ لسٽ ڪڍي ڏيکاري ۽ ٻڌايائين ته ”هنن ڪي چونڊيو ويندو“ رزلٽ جو آيو ته سو فيصد ساڳيا نالا هيا. اُن وقت ڪميشن جو چيئرمين جي ڊي ميمڻ هيو.

شڪارپور واري زماني ۾ ”ويسٽ پاڪستان ليڪچرار ايسوسيئيشن“ جو نائب صدر چونڊجي ويس، بس پوءِ ته لئي تي وئي، پڙهائڻ ته ويو وسري، رڳو هيون ميٽنگون، ڊاڙون ۽ ٻٽاڪون. ڪجهه مهينا ته اهيو سلسلو چڱو لڳو، پر پوءِ ضمير ڪائڻ لڳو، شاگردن سان اکيون ڪونه پئي ملائي سگهيس، ڪافي سوچ ويچار کان پوءِ، ليڊري ڇڏي صرف اُستاد ٿيم، ڪلاس وٺڻ شروع ڪيم ۽ عزت ماڻيم. اُن ڪاليج جي ڪجهه سنن اُستادن جا نالا ٻڌائيندو هلان: باقي شيخ، منظور مغل، نيڪ محمد شيخ، واحد بخش پٽو، ڏرمپال، علي نواز شيخ، امين الله علوي، وزير مهر، اوڪاش شيخ، سعيد شيخ، مشتاق سومرو، نذير شيخ، غلام احمد بدوي، احمد علي انصاري، ۽ غني صديقي.

1973ع کان 1979ع تائين لاڙڪاڻه ڪاليج ۾ پڙهايم، اُتي جا شاگرد ڏاڍا ذهين ۽ محنتي هيا. ڪجهه نالا اڄ به ياد اچن ٿا جهڙوڪ اياز سومرو، خالد محمود سومرو، ڪريم راڄپر، نندلال، روشن شيخ، اڪبر سولنگي، احمد علي شيخ، سلطان شيخ، محبوب شاهه، امان جوکيو، مجيد شيخ، حافظ سليمان، ايوب شيخ، صفي جوکيو، عبدالخالق شيخ، اسلم سنديلو، آفتاب شيخ، محمد علي تلهو، حنيف شيخ، عبيد شيخ وغيرهه ۽ سنا ساٿي (پروفيسر) هيا: حسين بخش کوکر، نانڪ رام، عبدالهادي ابڙو، عبدالرسول شيخ، هدايت الله تنيو ۽ نور محمد شيخ وغيرهه.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

مارچ 1979ع ۾ پي.ايچ.ڊي ڪرڻ لاءِ، گورنمينٽ اسڪالرشپ منظور ٿي، اُن زماني ۾ اسان جو هڪ پراڻو دوست، ابراهيم لاکير وزارت تعليم، اسلام آباد ۾ آفيسر ٿي ويو ته سندس ذاتي دلچسپيءَ ڪري، سنڌ جي ڪجهه استادن کي اعليٰ تعليم خاطر، ٻاهر وڃڻ جو موقعو مليو.

روس ۾ پورا چار سال گذاريم، منهنجو گائيڊ پروفيسر سيريدين ۽ روسي ٻوليءَ واري ٽيچر ميڊم ايرينا ۽ ڪلاس ميٽ واليا، ڪڏهن به نه وسرندا. انهن جي شفقت، پنهنجائپ ۽ محبت جي ڪري مان چار سال آرام ۽ سک سان گذاريا، ورنه روس جي ٿڌ ۽ ٻور ڪنڊڙ ٽڪل لائيف ۾ ايڏا سارا سال گذارڻ ڏکيو ٿئي ها. هڪ چوٽي آهي ته سمجهه، سونهن ۽ سچائيءَ واريون خصلتون ڪنهن هڪ عورت ۾ مشڪل سان ملنديون آهن، پر اُهي ٽئي خوبيون واليا ۾ هيون ۽ هوءَ پوري طرح مون سان هئي. روس ۾ رهڻ دوران ڪجهه سنڌي به مليا، جيڪي پڻ مون وانگيان اعليٰ تعليم خاطر آيل هيا، جيئن سيف الله ميمڻ، شريف قلڻ، غلام حيدر جامڙو، اميد علي ٻرڙو ۽ گل محمد بلوچ.

1983ع ۾ روس کان واپسيءَ تي ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ رکيو ويس ۽ ٿوري عرصي کان پوءِ 1984ع ۾ ڏوڪري ڪاليج جو پرنسپال ٿيس. هن ڪاليج ۾ شاگرد تنظيمن جا پاڻ ۾ ڏاڍا جهيڙا ٿيندا هيا ۽ پڙهائيءَ ۾ خلل پوندو هيو، پر منهنجو به اٽل فيصلو هيو ته ڇا به ٿي پوي، ڪلاس هلائبا ۽ وقت تي ڪورس پورو ڪرائبو. جَسُ آهي اُستادن کي جن منهنجو ساٿ نه ڇڏيو، اُنهن جا نالا نه ڪٽندس ته بي قدري ٿيندي جيئن: حمزه علي شيخ، ليکراج، رمضان چانڊيو، شعبان شيخ، جيوڻ ۽ سليم ڪورائي. اتي منهنجي محنت ۽ ڪوشش جي مڃتا طور، ڊائريڪٽر ڪاليجز حيدرآباد طرفان ”بهترين پرنسپال“ جو سرٽيفڪيٽ مليو. سنن شاگردن مان حق نواز سمون ۽ هاشم ابڙو جا نالا ياد اچن ٿا. جن ڏينهن ۾ ڏوڪري ڪاليج جو پرنسپال هيس، تن ڏينهن ۾ لاڙڪاڻه ضلع ۾ ست ڪاليج هيا، اُتان جا پرنسپال پروفيسر رحيم بخش ميمڻ، عبدالمنان چانڊيو، عبدالمجيد ميمڻ، گوپال داس، مشتاق سومرو، محمد پناهه ابڙو ۽ مان روز شام جو پروفيسر فضل


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

پٽيءَ جي ميڊيڪل اسٽور تي نہ ملون تہ مزوئي نہ اچي. هاءِ ڪهڙا تہ هيا پلا ماڻهو، سواءِ هڪ جي، ٻيا سڀ وفات ڪري ويا.

1988ع ۾، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن طرفان مشتهر ٿيل پروفيسر (گريڊ۔ 19) جي اڪيلي پوسٽ تي ڪامياٻي ماڻيم ۽ پوءِ ڊي جي ڪاليج ڪراچيءَ ۾ وائيس پرنسپال ڪري رکيو ويو.

1989ع ۾ پاڪستان ايمبسي اسڪول، عزيزھ جدھ (هينئر انٽرنيشنل اسڪول) جو پرنسپال منتخب ٿيس. 1959ع کان هلندڙ هن اسڪول جي هن مهل تائين (2009ع تائين) جي 50 سالہ تاريخ ۾ مان واحد سنڌي آهيان، جنهن هيءَ ڪرسي سنڀالي هئي. اسڪول ڪي پنهنجي چار منزلہ عمارت هئي، جنهن ۾ 100 کان وڌيڪ ايئرڪنڊيشنڊ ڪلاس روم هيا ۽ 12500 کان بہ وڌيڪ شاگرد، نرسري کان وٺي ڊگري ليول تائين انگريزي ۽ اردو ميڊيم ۾ پڙهندا هيا.

جدھ ۾ سالن کان سوين سنڌي پيا رهن، جن ۾ امير، غريب ۽ وچولي طبقي وارا آهن. سرنديءَ وارن تہ پنهنجي ٻارن کي مختلف اسڪولن ۾ داخل ڪرايو هيو، پر غريبن جي ٻارن لاءِ ڏاڍو مسئلو هيو جو اُنهن جا ٻار ڳوٺن جي سنڌي ميڊيم اسڪولن مان پڙهي آيا هيا. ڪافي ڏينهن ان مسئلي تي سوچيم، آخر، هڪ همت پريو فيصلو ڪري، پنهنجي اسڪول ۾ ”سنڌي سيڪشن“ کولرايم. منهنجي ان فيصلي جي خبر شهر ۾ باھ وانگر پکڙجي وئي ۽ ٻن ڏينهن اندر 300 کن ٻارن (ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين) اچي داخلا ورتي، ما انهن جي معصوم چهرن کي ڏسي خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپيم.

منهنجي ان تعميري ۽ مثبت فيصلي کي ”ڪن ماڻهن“ منفي انداز ۾ ورتو ۽ منهنجي پوسٽنگ مدي پوري ٿيڻ کان اڳم ختم ڪرائي ڇڏي. مان تہ واپس اچي، ڪراچيءَ جي آدم جي سائنس ڪاليج ۾ بطور پروفيسر جوائن ڪيو، پر ”سنڌي سيڪشن“ کي ڪوبہ بند نہ ڪرائي سگهيو. جدھ جا ڪجھ دوست اڄ بہ ياد آهن، جيئن مشتاق وساڻ، دوست محمد مهر، عشرت جوڻيجو، صبيحہ، انور، رسا، شاهد نعيم، امير محمد خان، شاهد عزيز صديقي، شريف خٽڪ، محمد صديق پتوجو، اشفاق، نثار، آفريدي ۽ راجا اقبال وغيرھ.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

سعودي عرب ۾ منهنجو قيام ته اندازي ڪان گهٽ رهيو، پر ڏاڍو مشغول رهيس. تعليمي ماحول ۾ بهتري آڻي جيڪا خدمت ڪرڻ منهنجي وس ۾ هئي اُها ته ڪيم ئي ڪيم پر ٽن وزيراعظمن سان گڏ سندن سرڪاري دوري دوران ڊيوٽي ڪرڻ جو به خوشگوار تجربو ٿيو. بينظير ڀٽو صاحبه، غلام مصطفيٰ جتوئي صاحب ۽ نواز شريف صاحب جڏهن سعودي عرب آيا ته مون کي به پاڪستاني سفارتخانه جي آفيسرن سان گڏ پروٽوڪول ڊيوٽي ادا ڪرڻي پئي ۽ کين انتهائي ويجهو کان ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جو موقعو مليو.

بينظير صاحبه سان گڏ سندن ور جناب آصف علي زرداري به هيا، روزا به گڏ ڪولياسين ته عمره به انهن سان ڪيوسين ۽ خانه ڪعبه جي اندر وڃي نفل پڙهڻ جي سعادت به نصيب ٿي. پاڪستان جي انهن ٽن وزيراعظمن جا رويا، طريقه ڪار، وفد جي ماڻهن جا احوال ۽ سعودي حڪومت جا بندوبست، سڀ نوٽ ٿيل آهن، ڪنهن پئي ڪتاب ۾ ضرور لکبو، انشاالله.

1993ع ۾ ڪيڊٽ ڪاليج جام نواز علي، ضلع سانگهڙ جو پهريون پرنسپال ۽ پراجيڪٽ ڊائريڪٽر ٿي آيس ته اُتي سڄ لڳي پئي هئي، اڏاوت جو ڪم ته شروع ڪيو ويو هيو، پر ڪم ۾ ڪابه ترتيب نه هئي.

اصل ۾ اهيو ڪاليج، ڳوٺ سرهاڙي، ضلع نواب شاهه لاءِ پ.پ حڪومت منظور ڪيو هيو، پر پوءِ، جڏهن جام صادق علي، سنڌ جو وزير اعليٰ ٿيو ته هنن اهيو پراجيڪٽ، پنهنجي ڳوٺ شفٽ ڪرايو. هيءَ اسڪيم جيئن ته وفاقي حڪومت جي هئي، ان ڪري مونکي به هر ٽئين مهيني قسط وار پئسا موڪليندا هيا، ڪڏهن پئسا نه به ايندا هيا، اهڙا مرحلا جڏهن به آيا ته وفاقي وزير تعليم سيد خورشيد احمد شاهه مدد ڪئي. تعميراتي ڪم هلندي، مون ڪاليج ۾ داخلا شروع ڪرائي، وزير تعليم سنڌ عبدالسلام ٿهيم کان پهرين بيچ جو افتتاح ڪرايو. تعميراتي ڪم لاءِ ته وفاق طرفان پئسا ملندا رهيا. پر پگهارون ڏيڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي بجيٽ ۾ اسان جي ڪاليج لاءِ پئسا ڪونه رکيا ويا هيا. اهيو احوال ٿهيم صاحب سان ڪيم، ته هن پنهنجي ڳوٺ ”طيب ٿهيم“ ۾ لنچ دوران چيف منسٽر



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

عبدالله شاهه سان ملاقات ڪرائي، جنهن پنجن منٽن ۾ مسئلي ڪي سمجهي ورتو ۽ 30 لک روپين جو واعدو ڪيائين. واهه جو سمجهه پريو، وعدهه جو پڪو ۽ سچو انسان هيو.

ڄام نواز علي، شايد، پاڪستان جو واحد ڳوٺ هجي جتي ڪابه جهوپڙي يا مَنهُ ڪونه ڏٺم، سيني کي هڪ جهڙا، پڪا پختا، بجلي ۽ پاڻيءَ جي سهوليت سان سرڪاري گهر آهن. ڄام نواز عليءَ ۾ پوسٽنگ کان اڳ به اچڻ ٿيو هيو، جڏهن ڄام صادق علي جي نياڻيءَ جي شادي ٿي هئي، اهڙي شادي مون ڪڏهن به نه ڪاڏي، اهيو احوال ڪنهن ٻئي ڀيري ڪبو. ڄام ذوالفقار ۽ ڄام نفيس وارن منهنجي ڏاڍي عزت ڪئي ۽ ڪڏهن به ڪم ۾ مداخلت ڪونه ڪيائون. شاهنواز جوڻيجي سان ڪيل ڪچهريون، سندس راڄوڻي فيصلا ۽ برجستي گفتگو وسارڻ جهڙي نه آهي. اُنهن ئي ڏينهن ۾، پير بخش خان جوڻيجي جي معرفت، پير صاحب پاڳاره سان، ڊنر تي ون ٽو ون ملاقات ٿي. پير صاحب جن سان منهنجي هيءَ ٽين ملاقات هئي، ان کان اڳ هڪ ملاقات لاڙڪاڻه ۽ ٻي سندن ڪراچي واري رهائش گاهه ”ڪنگري هائوس“ تي، مرحوم ومغفور حاجي الهڏنو خان شيخ، صدر شيخ جماعت سان گڏ ٿي هئي. چاتر وضعداري، بردباري ۽ دورانديشي ڏٺم پير صاحب ۾، سندن ڪيل احوال ۽ گفتگو مون وٽ سيني ۾ سانديل آهي، زندگيءَ ساٿ ڏنو ته ڪنهن ٻئي ڪتاب ۾ پيرائتي نموني ۾ لکبو، انشاءالله. ڄام نواز علي ۾ موسان ڪم ڪندڙن ۾ زبير مغل، حيدر بخش گوپانگ، قائم الدين جروار، ساجد سمون، ڊاڪٽر جاويد ميمڻ، بشير ميمڻ، ليفٽيننٽ موسيٰ ملڪ، فياض لغاري، علي حسن وساڻ ۽ ممتاز لاشاري ياد اچن ٿا. شهري دوستن ۾ عبدالله ورياهه، فقير علي محمد مهر، نذر آرائين ۽ حاجي مهراب ميمڻ ڀلا انسان هيا.

ڄام نواز عليءَ ۾ ساڍا چار سال گذارڻ ڪانپوءِ، ڪراچيءَ جي عائشه باواني ڪاليج ۾ پروفيسري گهري ورتم. 14 آگسٽ 1998ع تي ڊفنيس ۾ پنهنجي نئين گهر ۾ اجان شفٽ ئي مس ٿياسين ته گورنر هائوس مان فون آيو، اُتي وڃڻ ڪانپوءِ خبر پئي ته گورنر سنڌ جنرل معين حيدر سان سان تعليمي بورڊ لاڙڪاڻه جي چيئرمين ٿيڻ


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

لاءِ انٽرويو رکيل آهي. مقرر ڏينهن تي، گورنر صاحب سان تفصيلي ملاقات ٿي جتي خبر پئي ته هن صاحب کي موجوده چيئرمين غلام سرور ٿهيم مطلق بورڊ جي وهنوار هلائڻ جي حوالي سان ڏاڍيون کي شڪايتون پهتل هيون، ايتري قدر جو هو ماڳين بورڊ کي ئي بند ڪرڻ جي خيال ۾ هيو. مون کين پنهنجي ايماندارانه راءِ کان آگاهه ڪيو ته "لاڙڪاڻه جا ماڻهو، ان فيصلي کي قبول نه ڪندا ۽ وڏو احتجاج ٿيندو".

ڪافي ساري گفتگو کانپوءِ مس مس ٺٺو ٿيو ۽ چيائين ته "منهنجي نظرن ۾ اوهان بهترين چيئرمين ٿي سگهو ٿا، پر مون کي سوچڻ لاءِ ڪجهه وقت کپي جو اسپيڪر الاهي بخش سومري، پنهنجي هڪ مائٽ پروفيسر رشيد سومري لاءِ چيو آهي"، سندس ان جملي تي اسان جو انٽرويو به ختم ٿيو، پوءِ سرڪاري فوٽوگرافر کي گهرائي، مون سان گڏ فوٽو ڪيرايائين. ٽن هفتن کانپوءِ مون کي گهر ويني آرڊر ۽ فوٽو گڏ مليا.

28 آڪٽوبر 1998ع تي بورڊ جي چارج ورتم، ماحول جو جائزو ورتم ته ڏاڍو ڏک ٿيو. هڪ وڏيرڪي اوطاق هئي، باقي سرڪاري آفيس ته ڪٿان به نه لڳي. يونين جي صدر ابراهيم مسڻ، اسسٽنٽ ڪنٽرولر امداد مهر ۽ چيئرمين جي "دادلن" اداري کي تباهيءَ جي ڪناري تي آڻي بيهاريو هيو.

لاڙڪاڻه بورڊ ۾ سوا ٽي سال رهيس، مئٽرڪ ۽ انٽر جا صاف ۽ شفاف نموني امتحان ڪرائي، اداري جي ساک بحال ڪيم، 24 ايڪڙن جو پلاٽ ورتم ۽ بورڊ کي مالي طور تي مستحڪم ڪيم. گورنر سنڌ محمد ميان سومري کان پوزيشنون ماڻيندڙ شاگردن کي سون ۽ چانديءَ جا ميڊل به ڏيارياسين، سومري صاحب مهرباني ڪري منهنجي مدي وڌائڻ لاءِ احڪامات جاري ڪيا پر مون کين ادب سان چيو ته "سائين ميلو متو ڇڏجي". اُتي جا کي چڱا ماڻهو جن سان ڏنو، انهن ۾ دائود ميمڻ، رشيد ڪوسو، ممتاز ميمڻ، شعيب سومرو ۽ پيرل ياد آهن.

لاڙڪاڻي ۾ منهنجون شامون ڏاڍيون سنيون گذريون، پراڻا دوست، ڪلاس ميٽ، شاگرد ۽ مٽ مائٽ ڪوڙ سارا هيا. منهنجي ٻن


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

پائرن رفيق احمد ۽ سعيد احمد ۽ ٻن پيئرن جا گهر ٻہ اُتي هيا تہ وڏڙا ٻہ اَبوبڪر مقام ۾ دفن ٿيل آهن. هتان جو چيمبر آف ڪامرس ڏاڍو ڦڙت ڏنم. اينڊڙ ۽ وينڊڙ وزيرن ۽ آفيسرن ڪي آڌرڀاءُ ۽ مانَ ڏين ۽ دعوتون ڪن. ميمبرن ۾ اڪثريت منهنجي قوم جي ماڻهن جي هئي، ان ڪري هر فنڪشن ۽ دعوت ۾ مون کي ضرور ياد ڪن. شام جو ڪچهري ڪرڻ وارن بزرگن ۽ پيارن دوستن مان ڪجهہ نالا هي آهن، عبدالغفور پرڳڙي، سوپو گيانچنداڻي، عبدالرزاق سومرو، قلب حسين لاهوري، خير محمد شيخ، اسماعيل چانڊيو، نذير احمد شيخ، خدا بخش لاڙڪ، ڊاڪٽر امان الله سومرو ۽ مامو بشير وغيرهہ.

لاڙڪاڻہ کان ٽرانفسر ٿي بيورو آف ڪريڪيوليم ڄامشورو ۾ ڊائريڪٽر ٿي آيس، جتي ڏاڍو سڪيم ۽ پرائيم. اُستادن جي تعليم و تربيت، ٽريننگ، ورڪشاپ ۽ سيمينار ڪرائڻ ۽ Pc-1 ناهڻ ٻہ اُتي ئي سکيس.

بيورو جي ساٿين ۾ محبوب هاليپوٽو، مسرت رضوي، سعدالله، شريف ڪلهوڙو، روشن پنوهر، راڌو خان، مجيد پرت، ادريس جتوئي ۽ عنايت شيخ جا نالا دل تي لکيل آهن.

بيورو ۾ ئي هيم تہ اوچتو فيڪس تي آرڊر آيو تہ سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ جي چيئرمين جي اضافي چارج ٻہ سنڀاليان. ٿورن ڏينهن ۾ سيڪريٽري تعليم نذر حسين مهر ۽ وزير تعليم خان محمد ڏاهري اچي ڄامشورو آفيس ۾ مليا، حال احوال کان پوءِ ٻڌايائون تہ مون کي بورڊ ۾ مستقل چيئرمين ٿاڪن. منهنجي لاءِ اهيا ڪا سٺي خبر ڪونہ هئي، بورڊ ۾ "نٺ" تہ ڏاڍا هيا، پر سڪون نہ هيو، چوٽي آهي تہ "اُهو سون ئي گهوريو جو ڪن چني". اُن ڪري مناسب لفظن جو انتخاب ڪري معذرت ڪيم. ڏاهري صاحب شريف ۽ ايماندار انسان هيو، جنهن منهنجي انڪار تي ناراضگيءَ جو اظهار نہ ڪيو.

نواب شاهہ ۾ اُستادن جي تعليم و تربيت لاءِ پائيٽ (PITE) جي نالي سان هڪ ادارو ورلڊ بينڪ جي تعاون سان ٺهيو آهي، ٻين صوبن ۾ ٻہ اهڙا ادارا گاڏيءَ وارن شهرن يعني لاهور، پشاور ۽ ڪوئيٽا ۾ ٺهيا، پر سنڌ ۾ نواب شاهہ ۾ هجڻ ڪري هڪ طرف تہ هن


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اداري کي تربيت ڏيڻ لاءِ سٺا استاد نہ مليا تہ ٻئي طرف سکيا ونندڙ اُستادن بہ اچڻ کان پئي ڪيٻايو.

پائيٽ اچي، اُتان جي نئين نهيل بلڊنگ جي خراب حالت ڏسي حيرانگي ٿي. اسٽاف لاءِ پيئڻ جو پاڻي نہ هيو ۽ سکيا لاءِ ناهيل ماڊل اسڪول ۾ استاد تہ مقرر ٿيل هيا پر ٻار ڪونہ هيا! منهنجو هڪ پراڻو دوست عبدالقادر منگي، ڊي سي او ٿي آيو تہ مني پاڻيءَ جو مسئلو حل ٿي ويو، اسڪول ۾ ٻارن کي داخلا ڏنيسين ۽ انٽيل (INTEL) نالي ڪمپنيءَ کان مفت ۾ ايئرڪنڊيشنڊ ڪمپيوٽر ليب ٺهرائي ورتيسين، اُستادن جي تربيت ۾ نئون روح ڦوڪڻ خاطر، ڪراچي ۽ حيدرآباد مان ناليوارا ماسٽر ٽرينر گهرائي لڳاتار پروگرام ڪياسين، جنهنجي پڄاڻيءَ تي هميشہ ڪنهن نامور ۽ مشهور شخصيت کي گهرائي ليڪچر بہ ڪراياسين. مون سان ساٿ ڏيندڙن ۾ مشتاق شاهاڻي، اصغر ميمڻ، اعجاز خواجہ ۽ تهذيب شاهاڻي پنهنجي ڪم ۾ ماهر ۽ ڏاڍا محنتي انسان هيا.

2004ع ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري تعليم مقرري ٿي تہ سنڌ سيڪريٽريٽ جي ”تغلق هائوس“ ۾ اچي وينس. منهنجي لاءِ اهيو هڪ نئون تجربو هيو. بيورو ڪريسيءَ جون اٽڪلون, ڪم ۾ آساني پيدا ڪرڻ يا ساٿي ڪم کي ڏکيو ڪري پيش ڪرڻ، گروپ بندي ۽ ننڍڙيون سازشون ڏسڻ جو موقعو مليو. چيف منسٽر هائوس ۽ گورنر هائوس ۾ وڏي سطح جون ميٽنگون بہ اٽينڊ ڪيم. ان دوران محمد هاشم لغاريءَ جي ٽن هفتن لاءِ ٻاهر وڃڻ ڪري، سيڪريٽري تعليم جي ڪرسي بہ ماڻيم. سيڪريٽريٽ ۾ طفيل جماڻي، ڪريم بخش سروهي ۽ قادر بخش رند ساٿي هيا، جڏهن تہ سينيئر پوزيشن تي ڪم ڪندڙ ساٿين ۾ فضل الله قريشي، ڪي بي رند، ڊاڪٽر ايس ايم قريشي، اسلم سنجراڻي، نذر حسين مهر، غلام سرور ڪيڙو، نذر محمد شيخ، محمد شريف بلوچ ۽ ظفرالله شيخ بردبار ۽ عوام دوست سوچ وارا آفيسر هيا.

زندگيءَ جون 63 بهارون، گرميون ۽ سرديون ڏٺيون اٿم، مون سان پڙهندڙن ڪلاس ميٽ ۽ گڏ ڪم ڪندڙ ساٿي جهونا ٿي ويا ۽ ڪي تہ وفات بہ ڪري ويا، اُنهن جي وڇوڙي جي خبر ائين لڳندي


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

آهي جڻ گهر جو ڪو چاپڙ ڪري پوي يا جسم جو ڪو حصو جدا ٿي وڃي. اها سوچ ۽ اهو درد ٻن ٽن سالن کان دل ۾ پيدا ٿيڻ شروع ٿيو آهي. شايد جوانيءَ موت ڪاڏي آهي ۽ بزرگي در تائين اچي پهتي آهي، ان خيال تحت هن ڪتاب ۾ ٻچپن کان وٺي هن مثل تائين جي دوستن ۽ شاگردن جا نالا لکيا اٿم، ان اميد سان ته شايد انهن جي اولاد مان ڪو هي ڪتاب پڙهي ۽ اسان سيني کي ياد ڪري! چوٽي آهي ته زندگي نالو آهي ڏکن ۽ سکن جو، سُکَ ته سدائين ياد آهن. پر ڪي ڏک زندگيءَ جي آخري ڏينهن تائين شايد نه وسرن. منهنجي زندگيءَ جا وڏا ڏک چار آهن: مشرقي پاڪستان جو عليحده ٿيڻ، ذوالفقار علي ڀٽو جو موت، منهنجي ننڍي ڀاءُ سعيد احمد جو جوانيءَ ۾ فوت ٿيڻ ۽ بينظير ڀٽو جي شهادت.

الله سائينءَ نوازيو به ڏاڍو آهي، سٺي خاندان ۽ سٺي گهر ۾ جنم وٺڻ ۽ نيڪ والدين جي هنج ۾ وڏو ٿيڻ، سلڇڻي زال جو ملڻ، فضيلت واري اولاد عبدالقادر، ثريا، اعجاز، يوسف ۽ شائسته جو ٿيڻ، سٺي خصلتن وارين ننهن جو ملڻ، پوٽن، ڏوهٽن، پوٽين ۽ ڏوهٽين کي ڏسڻ ۽ انهن کي پالڻ جو مزو وٺڻ، سٺي عزت ڀري نوڪريءَ جو ملڻ، رزق حلال ۾ برڪت پوڻ، والدين ۽ عزيزن جي خدمت جو موقعو ملڻ، سٺي صحت ۽ ايمان واري زندگي گذارڻ، حَجُ ۽ عمرا نصيب ٿيڻ، يورپ، ايشيا، آمريڪا گهمڻ، اهي سڀ رب جون مهربانيون آهن مون جهڙي گنهگار تي. سوچيندو آهيان ته جيڪڏهن هڪ ڀيرو ٻيهر جنم ملي ته به هن ڀهرين جنم جا ٿورا لاهي نه سگهان.

ڪو وقت هيو ته سياسي، سماجي، مذهبي ۽ ادبي تقريبات ۾ وڃڻ ۽ ٻڌڻ جو ڏاڍو شوق هيو. آهسته آهسته اسان جي سمجهه ۽ شعور ۾ اضافو آيو پر سنا مقرر ۽ دانشور اٿلي ٿيندا ويا. هينئر هڪ نئين ڪلچر جنم ورتو آهي. سول ۽ ملٽري بيورو ڪريسيءَ جا رٽائرڊ عملدار جن پوري ڄمار اسٽيبلشمينٽ کي طاقتور ڪرڻ ۽ پاڻ کي عوام کان پري رکڻ ۾ گذاري، انهن جي دل ۾ اوچتو ئي اوچتو ملڪ ۽ عوام لاءِ همدردي جاڳي پئي آهي. ڪي ڪتاب لکرائي پنهنجي نالي سان ڇپا شايع ڪرائن ته ڪي ٽي ويءَ تي وينا عوام کي ليڪچر ڏين ۽ وقت جي حڪمرانن کي سٺي حڪومت ”Good Governance“


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

بابت سمجهائين. هُنن کي ٻڌي ائين لڳندو آهي جيئن ڪا ڪاري مينهن، ڪنهن اچي ڏڳيءَ کي طعنو ڏئي چوي ته ”هل ڙي پچ ڪاري!“، جيڪو به چئنل کوليو، انهن منجهان ڪونه ڪو موجود هوندو ۽ جيڪا به تقريب هجي انهن منجهان ڪونه ڪو تقرير ضرور ڪندو هوندو. ان ڪري هاڻي تقريبن ۾ وڃڻ گهٽائي ڇڏيو آهي ۽ ٽي ويءَ تي اهڙي ڪنهن ”دانشور“ جي وعظ ٻڌڻ کان ڪا انگريزي فلم ڏسڻ بهتر لڳندو آهي يا ڪو ڪتاب پڙهڻ لاءِ دل چوندي آهي.

منهنجي هڪ پراڻي شاگرد، ڏوڪريءَ جي حسن جوڻيجي، جنهن مون کي هن ڪتاب لکڻ تي آماده ڪيو، ان ڪتاب جي پهرين ڪاپي آڻي ڏني ته جيئن ان کي هڪ ڀيرو چڱي طرح نظر مان ڪڍان. ان ڪم ۾ رڌل هيس ته 20 جنوري 2009ع اچي وئي ۽ آمريڪا ۾ هڪ ڪاري نسل جي مسلمان نالي ”بارڪ حسين اوباما“ صدر جو حلف ڪنيو. مان حلف برداري جي تقريب کي ٽي وي تان ڏسندي، شڪاگو فون ڪري پنهنجي پٽ ڊاڪٽر يوسف کان پڇيو ته، اُتي اوهين ڪيئن پيا محسوس ڪريو؟ ڇو جو اوباما جو تعلق به شڪاگو سان آهي. هن ٻڌايو ته ”خوشيءَ وچان هتان جا ڪارا اوڇگارون ڏئي پيا روئن.“ آمريڪا جي گوري آباديءَ کي سلام آهي، جن رنگ، نسل ۽ مذهب کان هٽي ڪري اوباما کي صدر منتخب ڪري پنهنجو مان و مرتبو سڄي دنيا ۾ مٿي ڪرايو ۽ دنيا کي يقين ڏياريو ته جمهوريت ئي بهترين نظام حڪومت آهي، جنهن ۾ هر ڪنهن جي حفاظت ٿي سگهي ٿي. صدر ٿيڻ کان پوءِ جلد ئي اوباما کي نوبل امن انعام لاءِ نامزد ڪيو ويو، جيڪو هن 10 ڊسمبر 2009ع تي ناروي جي گاديءَ واري هنڌ اوسلو ۾ ورتو. سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته ايڏو وڏو انعام ڪيس ڇاجي ڪري ڏنو ويو؟ ڇو جو ڪيس صدارت سنڀالي اڃان ٿورائي مهينا ٿيا هيا ۽ دنيا ۾ امن لاءِ اڃان هن جو ڪم ڪو سامهون نه آيو آهي.

ڪتاب جي پهرين ايڊيشن، ڇيڇڻ جي هڪ مهيني اندر ختم ٿي وئي، ڪيترن پڙهندڙن اها مهرباني ڪئي جو پنهنجي ايماندارانه راءِ کان خطن ۽ فون ذريعي آگاهه ڪيو ۽ غلطين جي نشاندهي ڪئي، مان انهن سڀني جو دلي طرح مشڪور ۽ ممنون آهيان.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

منهنجو هي ٻيو ڪتاب آهي جو هٿون هٿ ڪپي ويو، منهنجي ذاتي راءِ آهي تہ ڪنهن بہ ڪتاب جي جلد ڪپجڻ ۽ مقبوليت جا ٽي سبب آهن، هڪ تہ مواد معياري هجي ٻيو تہ پرنٽنگ سٺي هجي ۽ ٽيون تہ قيمت مناسب هجي. اڄ بہ ڪتاب لکجن پيا ۽ ڪپجن پيا. عام طور تي چيو ٿو وڃي تہ انٽرنيٽ ۽ ٽي وي ڪتابن کي ڌاڍو ڌڪ هيون آهي ۽ پڙهندڙ وڃن ٿا گهٽ ٿيندا. مان ان راءِ سان اتفاق ڪندي مٿين ڏنل پنهنجي راءِ تي قائم آهيان تہ ڪتاب جي مقبوليت جا جيڪي سبب آهن انهن تي عمل ڪجي تہ اڄ بہ پڙهندڙ ان ڪتاب کي شوق سان وٺن ٿا ۽ پڙهن ٿا.

مان شڪرگذار آهيان الطاف شيخ، ڊاڪٽر يعقوب مغل ۽ ظفرالله شيخ جو جن منهنجي هن ڪاوش جو اونهو مطالعو ڪري پنهنجي قيمتي راءِ ڪان لکت ۾ آگاهہ ڪيو ۽ قربان منگيءَ جو جنهن ڪتاب شايع ڪيو.

مان سمجهان ٿو تہ ڪوبہ اديب ۽ ليکڪ پڙهندڙن جي سيني طبقن کي خوش نٿو رکي سگهي. ان ڪري ڪوشش اها ڪئي اٿم تہ جيڪو سچ آهي اُهو لکان. ٻولي بہ ادبي ڪتب نہ آندي اٿم جو مون کي اچي ٿي ڪونہ ۽ نہ ئي ڪو مان ڏاهو آهيان جو سوچي سوچي لکان. بس سادي، سولي سنڌيءَ ۾ سڀ ڪجهہ بيان ڪيو اٿم، شل قبول پوان!


ڪراچي سنڌ
جنوري، 2010

**ڊاڪٽر محبوب شيخ**

H.No: 112/2, Street: 4, Khayaban-e-Muhafiz
DHA, Phase 6, Karachi
Cell # 0321-2028606
drmehboob_21@yahoo.com





books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

سفرناما آئينہ جي مانند آهن ۽ سفرنامن جي ذريعي اسين مختلف ملڪن جي سياسي، ثقافتي ۽ تاريخي حالات کان واقف ٿيون ٿا. هر سياح جي سفرنامي لکڻ جو پنهنجو انداز هوندو آهي. اديب ۽ شاعر جي لکيل سفرنامي ۾ ادب ۽ شاعري جا شاهڪار نظر ايندا تہ وري تاريخدان ۽ محقق جي سفرنامي ۾ تاريخي واقعات جو عڪس نظر ايندو. اِنهيءَ جي برعڪس سرڪاري ڪاموري جو سفرنامو ڪجھ مختلف نظر ايندو آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان جي دوست ڊاڪٽر محبوب شيخ، جو ترڪي جو سفرنامو ”ترڪي ۾ چار مسافر“ ٻين سفرنامن کان ٿورو مختلف آهي. ڊاڪٽر شيخ بنان رک رکاءُ جي پنهنجي جذبات جي ترجماني ڪئي آهي ۽ ترڪي جا حالات قلمبند ڪيا آهن. نہ صرف ايترو پر تاريخي واقعات ۽ ترڪي جي سياست تي طبع آزمائي بہ ڪئي آهي. اهوئي سبب آهي جو مون ڪوشش ڪئي آهي تہ تاريخي واقعات، سن ۽ تاريخي ماڳ لکڻ ۾ ليکڪ کان جيڪي ڪميون پيشيون تي ويون آهن انهن کي درست ڪري قارئين تائين صحيح معلومات پهچائجي. اهو سڀ ڪجھ مون ڊاڪٽر شيخ صاحب جي اجازت سان ڪيو آهي.

دراصل ترڪي سان منهنجو تعلق تمام پراڻو آهي. آءٌ 1962ع آگسٽ جي مهيني ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ترڪي ويو هئس. ترڪي ٻولي سکڻ بعد ڊاڪٽريٽ جوٿيسس ترڪي زبان ۾ لکي تاريخ ۾ D.Litt جي ڊگري انقره يونيورسٽي، انقره مان 1967ع ۾ حاصل ڪيم. واپس موٽڻ بعد سنڌ يونيورسٽي جي شعبي تاريخ مسلم ۾ ليڪچرار جي حيثيت سان پنهنجي ڪيريئر جي ابتدا ڪيم. 1972ع ۾ ٻيهر ريسرچ فيلو جي حيثيت ۾ استنبول ويس. اتي تحقيق سان


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

گڏوگڏ ۾ سال ڊپارٽمينٽ آف اردو ۽ پاڪستاني ڪلچر جو باني سربراهه مقرر ڪيو ويس. 1975ع ۾ پاڪستان اچڻ بعد مسلم هسٽري ڊپارٽمينٽ جو ايڪٽنگ چيئرمين ۽ ايريا اسٽڊي سينٽر جو انچارج ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويس. انهيءَ سان گڏوگڏ بحيثيت هيڊ، ڊپارٽمينٽ آف ماڊرن ترڪش لينگويج سنڌ يونيورسٽي ۾ ترڪي ٻولي ۾ پڙهائيندو رهيو آهيان.

1977ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽو شهيد جي دور حڪومت ۾ پاڪستان جي سفارتخاني انقره ترڪي ۾ ايجوڪيشن ۽ ثقافتي ڪائونسلر مقرر ڪيو ويس. جتي ڊسمبر 1980ع تائين پنهنجا فرائض سرانجام ڏنم. دراصل ڀٽو شهيد جي دور حڪومت ۾ سنڌي اهلِ علم ۽ دانشورن کي لياقت مطابق حق مليا.

جيئن ته ترڪن سان مونکي والهانه تعلق رهيو آهي ۽ مون ويجهڙائي ۾ سندن مطالعو ڪيو آهي. ترڪ مسلمانن ۾ اها قوم آهي جيڪا ڪڏهين ۾ غلام نه رهي آهي. خلافت عثمانيه جو تابناڪ دور رهيو آهي. پندرهين ۽ سورهين صدي ۾ عثماني خليفا دنيا جا سپر پاور هئا ۽ ترڪن جو اقتدار ايشيا، يورپ ۽ آفريقا ۾ قائم هو. يورپ ان وقت مذهبي تنگ نظري، خانه جنگي ۽ جهالت ۾ غرق هو. انهيءَ جي برعڪس ترڪي ۾ قانون جي حڪمراني، انصاف، مذهبي رواداري ۽ صلاحيت جي بنياد تي هرفرد لاءِ ترقي جا رستا کليل هئا. اهوئي سبب آهي جو ترڪن ۾ غلامانه ذهنيت ريتي برابر ۾ ڪونهي. خلافت تحريڪ دوران هندستان جي مسلمانن خلافتِ عثمانيه کي بچائڻ لاءِ جنهن يڪجهتي ۽ محبت جو اظهار ڪندي لکين روپيا گڏي ترڪن جي مدد ڪئي هئي، اهو احسان اڄ ۾ هنن نه وساريو آهي. زنده قومون ڏکئي وقت ۾ مدد ڪندڙ دوستن کي هميشه ياد رکنديون آهن. اڄ ۾ ترڪي ۾ پاڪستانين لاءِ ايترو ته احترام ۽ محبت آهي جو ائين محسوس ٿئي ٿو ته اسين يقيناً عظيم قوم جا فرد آهيون جن کي ترڪي ۾ عزت جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. دنيا ۾ ترڪي هڪ اهڙو ملڪ آهي جتي پاڪستانين کي (Kardesh) ڪارديش يعني "ڀاءُ" سڏيو وڃي ٿو ۽ جيءَ ۾ جايون ڏنيون وڃن ٿيون. ڊاڪٽر شيخ صاحب


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

جي سفرنامي ۾ به اهڙي محبت ۽ ورتاءُ جي جهلڪ نظر اچي ٿي. ”ترڪي ۾ چار مسافر“ هڪ معلوماتي سفرنامو آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر شيخ صاحب پنهنجا مشاهدا بيان ڪيا آهن ۽ اتي جي تعليمي نظام جي باري ۾ لکيو آهي ۽ پنهنجي راءِ ڏني آهي.

هتي آئون به ترڪي جي نظام تعليم جي باري ۾ مختصر طور ايترو عرض ڪندس ته ترڪي ۾ تعليم ترڪي ٻولي ۾ ڏني وڃي ٿي، پوءِ چاهي اها تعليم سائنس جي هجي يا ميڊيڪل جي مضمونن ۾. هر مضمون جا ڪتاب ترڪي ٻولي ۾ دستياب آهن. ڪاپي ڪلچر جو تصور به نٿو ڪري سگهجي. شاگردن سان لائبررين پريون پيون هونديون آهن. رات جي ڏهين ٻجي تائين شاگرد وينا پڙهندا آهن. اسڪولن ۾ شاگردن کي ٽن ڌارين ٻولين مان هڪ ٻولي پڙهڻ ضروري آهي. اهي ٻوليون آهن انگريزي، فرانسيسي ۽ جرمني. اڪثر ائين هوندو آهي پيءُ فرانسيسي ٻولي پڙهيو هو، ماءُ جرمني ٻولي پڙهي هئي ته سندن پٽ يا ڌيءُ وري انگريزي ۾ مهارت حاصل ڪئي. يونيورسٽي ۾ داخلا جو امتحان انٽري ٽيسٽ ميرٽ جي بنياد تي ٿيندو آهي. اتي ڪابه سفارش ڪونه هلندي آهي. ترڪي ۾ 96 سيڪڙي کان وڌيڪ پڙهيل لکيل ماڻهن جو ريٽ آهي. جڏهن آءُ ترڪي ۾ هئس ته وزيراعظم سليمان ديميرل جي پٽ کي يونيورسٽي ۾ داخلا نه ملي سگهي ڇاڪاڻ ته هن گهربل مارڪون ڪونه کنيون هيون. اُتي ائين نه ڪيو ويو جو وزيراعظم جي پٽ کي طاقت جي زور تي داخلا ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هجي. ترڪي ۾ قانون جي بالادستي آهي ۽ هتي دولت چند خاندانن جي قبضي ۾ ڪونهي. اليڪشن ۾ پروفيسر ۽ اعليٰ تعليم يافته دانشور به ڪامياب ٿي پارليامينٽ ۾ اچن ٿا. عام ماڻهو پڙهيل آهن ۽ اڪثريت اخبارن جو مطالعو ڪري ٿي. هرهڪ کي سياسي شعور آهي.

اتاترڪ باني ترڪيه جمهوريه جا شيدائي به ملندا ته پروفيسر نجم الدين ارباڪان جي اسلامي فلسفي ۽ اسلامي ذهن جا به نوجوان ملندا. ترڪي ۾ يا ته باعمل سچا مسلمان آهن يا آزاد ذهن رکندڙ ”الحمدالله مسلمان آهيون“ ملندا. باقي منافق، رياڪار ۽ دوغلي قسم



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

جا ماڻهو ورلي نظر ايندا. ماڻهن ۾ سياسي شعور سان گڏوگڏ ٽريفڪ جي قانون تي عمل ڪرڻ جو به شوق آهي. عدالتون آزاد آهن. پوليس عام ماڻهو جي تحفظ لاءِ آهي. واپاري هورڊنگ ۽ بليڪ مارڪيٽنگ ڪونه ٿا ڪن ڊرگ مافيا ۽ قبضه گروپ جو وجود ڪونه ملندو. هرڪم وقت تي ٿئي ٿو. آءُ ترڪي ۾ تقريباً ٻارهن سال مختلف وقتاً ۾ رهيو آهيان. مونکي ياد ڪونه ٿو اچي ته ڪو ٻارهن سالن ۾ ٻارهن دفعا لوڊشيڊنگ ٿي هجي. شاندار روڊ ۽ شاندار بس سسٽم، انڊر گرائونڊ ٽرينون ۽ ريل گاڏيون جنهن ۾ سيٽ باءِ سيٽ مسافر ويندا ملندا. بسن ۾ ڪنڊڪٽر هوندائي ڪونهن. هرڪو مسافر ڊرائيور جي پرسان رکيل دٻي ۾ ٽڪيٽ وجهندو ويندو آهي. بهرحال ترڪي هڪ اهڙو ملڪ آهي جنهن ۾ زندگي جو ڊسپلن نظر ايندو هر سياح ترڪي سير پنهنجي اينگل سان ڪري ٿو ۽ پنهنجا پنهنجا مشاهدا بيان ڪري ٿو. ڊاڪٽر محبوب شيخ به دلچسپ واقعا بيان ڪيا آهن ۽ قارئين لاءِ ڪافي معلومات مهيا ڪئي آهي.

آئون ڊاڪٽر محبوب شيخ کي ترڪي جي سفرنامي لکڻ تي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو. مونکي اميد آهي ته هن سفرنامي جو ٻيو ايڊيشن پهرين ايڊيشن کان به وڌيڪ دلچسپي سان پڙهيو ويندو ڇاڪاڻ ته پاڪستاني، ترڪي ۽ ترڪ عوام جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ چاهيندا. لڳي ٿو ته هي ڪتاب خاص طور اُستادن ۽ شاگردن لاءِ لکيو ويو آهي، جنهن لاءِ ڊاڪٽر محبوب شيخ صاحب جس لهڻي.

**ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل**
پروفيسر شعبه جنرل هسٽري
سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو
ڊسمبر - 2009ع


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# مُهاڳ

ڳوٺ ٻٽ سرائي (تعلقو ميهڙ) جي محبوب شيخ (سڄو نالو پروفيسر ڊاڪٽر محبوب علي شيخ) سان منهنجي نه مائٽي آهي نه دوستي، عمر ۾ به هو مونکان به سال ننڍو آهي پر هو منهنجي لاءِ سائين آهي، جو هن جو واسطو تعليم سان آهي. هڪ ننڍڙي ڳوٺ جو ٽي ڪري نه فقط هن پاڻ اعليٰ تعليم حاصل ڪئي (هن روس مان باٽني سبجيڪٽ ۾ ڊاڪتوريٽ ڪئي آهي) پر درس و تدريس جو به ڪم ڪيو، بلڪ هن جو رٽائر ٿيڻ باوجود به تعليم سان واسطو هليو اچي. نون سالن تائين سنڌ جي مختلف ڪاليجن ۾ ليڪچرار ٿي رهيو، ان بعد ست سال ڪن هن اسسٽنٽ پروفيسر ۽ هيڊ آف ڊپارٽمينٽ جي حيثيت سان مختلف ڪاليجن ۾ پڙهايو ۽ پوءِ ڪيترن ئي ڪاليجن جو وائيس پرنسپال ۽ پرنسپال ٿي رهيو. جهڙوڪ ڪراچي جو ڏيارام جيٺمل (D.J) سائنس ڪاليج، آدم جي سائنس ڪاليج، ڏوڪري جو گورنمينٽ ڪاليج وغيره. هو جده (سعودي عرب ۾ پاڪستاني اسڪول/ڪاليج جو ڇهريون ۽ اڄ ڏينهن تائين آخري سنڌي پرنسپال ٿي رهيو. منهنجي خيال ۾ منهنجي ساڻس ڇهريون دفعو ملاقات اتي ٿي يا گهٽ ۾ گهٽ سندس قابليت، محنت ۽ ماستري جي پورهئي سان پيار جي خبر تڏهن پئي جو ڊاڪٽر محبوب شيخ کان اڳ سعودي عرب ۾ رهندڙ پاڪستانين کي پاڪستان جي اُن اهم تعليمي اداري سان ڏاڍي شڪايت هئي. محبوب اچي تعليم جو معيار بلند ڪيو، سخت ڊسيپلين رکيو، قابل ۽ محنتي استاد رکيا. آئون متي لکيو آيو آهيان ته پروفيسر ڊاڪٽر محبوب شيخ منهنجو سائين آهي، ان مان منهنجو مطلب اهو ناهي ته ڪو آئون هن وٽ پڙهيو آهيان، نه پڙهڻ جي باوجود به هو منهنجي لاءِ سائين



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

(صاحب، رئيس، اعليٰ ماڻهو) ان ڪري آهي جو هو پاڻ به پڙهيو (سنڌ يونيورسٽي مان M.Sc باٽني جي ڊگري حاصل ڪرڻ دوران هن فرسٽ ڪلاس ۾ سيڪنڊ پوزيشن ڪئي) ۽ اسان جي ماحول جو Stereo ٽائيپ رشوت خور آفيسر ٿيڻ بدران ماستر ٿي رهيو. مون پاڻ به ويهه سال کن ملائيشيا، سنگاپور، جپان ۽ پاڪستان ۾ ماستري ڪئي آهي ۽ مونکي احساس آهي ته هڪ ايماندار ۽ Devotional ٽيچر ٿيڻ لاءِ ڪيڏي محنت ڪرڻي پوي ٿي ۽ آئون پنهنجن سفرنامن ۾ هميشه محبوب جهڙن ڳوٺ جي رهاڪن کي Tribute ان ڪري پيش ڪندو آهيان ته ڳوٺن جا ٿي ڪري به هنن محنت ڪئي ۽ اعليٰ تعليم حاصل ڪئي، ان جي مقابلي ۾ اسان جي سنڌ جي ڪيترن سکين ستابن پئسي وارن ٻارن کو ٻوٿو نه ٻاريو آهي ۽ آئون هميشه اهوئي چوندو آهيان ته ملائيشيا جي جاگيردار، وڏيري، پير، مير، سلطان جا ٻار سهولت ۽ پئسي جي فراواني ڪري لوفر ٿيڻ بدران اعليٰ تعليم حاصل ڪندا، ڊاڪٽر انجينئر، پروفيسر ٿي پنهنجن ڳوٺن ۾ اسپتالون، ڪارخانا ۽ تعليمي ادارا کوليندا جيئن ڳوٺن جا غريب مفت ۾ تعليم، صحت ۽ روزگار حاصل ڪري سگهن. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچر دوران هڪ شاگردياڻيءَ مون کان اهو سوال ڪيو هو ته ملائشيا ۽ سنڌ جون ساڳيون حالتون آهن (ماڻهن جو پوکي تي گذر آهي، وڏيرا شاهي آهي.......) پر ملائيشيا ڪيئن ترقي ڪئي آهي؟ منهنجو ڪيس اهوئي متيون جواب هو ته اتي جي ڳوٺ ڳوٺ جي وڏيري نه فقط تعليم عام ڪئي آهي پر پنهنجن ٻارن کي مثالي شاگرد بنايو آهي.

گذريل اڌ صديءَ کان ملڪ ملڪ ۽ انهن جا بندرگاهه ۽ شهر گهمڻ ۽ اتي جي ماڻهن کي ترقي ڪندو ڏسي، ان راءِ تي پهتو آهيان ته اسان جي ترقي لاءِ تعليم ضروري آهي ۽ جيڪي ان ڏس ۾ مدد ڪن ٿا يعني سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح، منهنجي سنڌ جي ڳوٺن ۾ تعليم عام ڪن ٿا، اهي منهنجا سائين آهن. هڪ دفعي سنگت ۾ ڪنهن مون کان سوال ڪيو ته آئون جيڪڏهن دادوءَ جو هجان ها ته پنهنجو ووٽ پير مظهر کي ڏيان ها يا لياقت جتوئيءَ کي. هن جو


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

مطلب هو ته هو ٻئي منهنجا ننڍپڻ کان دوست آهن. لياقت جتوئي ڪئڊٽ ڪاليج ۾ هو ۽ انهن ئي ڏينهن ۾ قاضي اڪبر جو پٽ بشير ۽ قاضي عابد جو پٽ اظهر (گل) منهنجا ڪلاس ميٽ هئا جن وٽ موڪل وارن ڏينهن ۾، حيدرآباد اچي رهڻ دوران پير مظهر سان دوستي ٿي، جو هو پنهنجي ناني (قاضي اڪبر) وٽ ٽڪيل هوندو هو. ان بعد سنڌس ادب سان چاهه هجڻ ڪري وڌيڪ دوستي ٿي. بهرحال سوال پڇندڙ کي مون چيو: ”آئون ڪنهن کي به ووٽ نه ڏيندس“.

”تڏهن به؟“

”انهن ٻنهي مان جيڪو به تعليم تي گهڻو ڌيان ڏيندو ان کي ئي ووٽ ڏيندس.“

ڪيترائي اسان جا وزير، عوامي نمائندا، پير، مير، پڙهيل ڳڙهيل هجڻ جي باوجود جڏهن حڪومتي ايوانن ۾ اچن ٿا ته هنن کي فقط پنهنجي ئي ٺڙڪو عيش ۽ دٻدٻي جو فڪر لڳو رهي ٿو. هو غريب عوام کي وساريو ڇڏين، جن جي ووٽ تي هو ان منزل تي پهتا آهن. سرڪاري يا غيرسرڪاري دعوتن ۾ آئون اهڙن ماڻهن جو اڪثر منهن ڪائيندو رهندو آهيان ته ٻيلي ووٽ جي بدلي ۾ پنهنجي ڳوٺ کي گهٽ ۾ گهٽ بهتر تعليم ڏيو، پر سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ جي، گهڻن کي اها ڳالهه وڻندي نه آهي. ڪڏهن ته هو عجيب دليل ڏيندا آهن. هڪ کي چيم ته توکي رَبّ پاڪَ وڏو عهدو ڏنو آهي، پيءُ، ڏاڏي جي وڏي ملڪيت اٿئي، پنهنجي ڳوٺ ۾ ڇو نٿو ذاتي خرچ تي هڪ اعليٰ قسم جو اسڪول کولرائين؟ جواب ڏنائين: ”ڇڏ يار! اسان جي پائيٽن پاٽيجن کي ئي نوڪريون ڪونه ٿيون ملن جٽ پڙهي پوندا ته ڪٿان اينديون ايتريون نوڪريون.“

ڊاڪٽر محبوب تعليم جي ميدان ۾ ڏاڍو ڪم ڪيو آهي، ڪيس ڪم ڪندي 41 سال پورا ٿيڻ وارا آهن ۽ سنڌ ۾ سينيئر ترين تعليمي عملدار آهي. ڪئڊٽ ڪاليج جام نواز علي، ضلع سانگهڙ جو بنياد به هن ئي رکيو ۽ جن ڏکين حالتن ۾ هن ڪم ڪيو اهو ڪنهن عام آفيسر يا عملدار جي وس جي ڳالهه نه هئي. بجيٽ جي کوٽ ۽ حڪومت جي ڪابه دلچسپي نه هجڻ باوجود هن همت نه هاري، ايتري


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

قدر جو اُن وقت جي چيف سيڪريٽري شاهجهان ڪريم ڪيس ڇيو ته هو لکي ڏي ته هي ڪاليج ڪلڻ جهڙو نه آهي، پر شاباس آهي محبوب کي جنهن انڪار ڪيو ۽ ڪاليج کي ڪولي ڏيڪاريائين. تعليمي ميدان ۾ ڪيل سندس خدمتن جي مجتاطور سگا طرفا ڪيس 2003ع ۾ ”گولڊ ميڊل“ ڏنو ويو.

ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ اسان جو انگريز پرنسپال اسان شاگردن کي هر وقت اها نصيحت ڪندو هو ته ڪتاب پڙهو، پاڻ به مطالعي جو شوقين هو. ڪاليج مئگزين لاءِ هرهڪ کي ڪجهه لکڻ لاءِ زور پريندو هو. اسان چوندا هئاسين ته سر! ٽائيم نٿو ملي، امتحان مٿي تي آهن........... يا ڪو ٻيو سبب ٻڌائيندا هئاسين ته هو يڪدم پنهنجو ٻي جنگ عظيم جو مثال ڏيندو هو ته هو جپانين وٽ قيدي "Prisoner of War" هو ته به هن ٽورو ٽورو ڪري سڄو ڪتاب لکي ورتو. (ڪرنل ڪومبس جو جنگ جي يادگيرين جو ڪتاب "Banpong Express" انگلينڊ ۾ 1948ع ۾ ڇپيو. سندس تازي ايڊيشن به سال اڳ، ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو جي گولڊن جوبلي جي موقعي تي اسلام آباد مان قاضي ذوالقدر صديقيءَ ڇپرائي آهي) منهنجي لکڻ جي عادت ۾ ڪرنل ڪومبس جو به وڏو حصو آهي، هن نه فقط اسان کي لکڻ پڙهڻ جي عادت وڌي پر ليکڪ (Author) لاءِ عزت ڪرڻ به سيکاري. ملائيشيا ۾ به آئون ڏسندو هوس ته ملڪ جو وزيراعظم محمد مهاتير به پريل محفل ۾ ڪو اديب اچي ويندو هو ته هن سان اٿي بيهي ملندو هو. ڏهه سال ملائيشيا ۾ رهي منهنجي به اها ئي عادت ٿي وئي جو جڏهن ڪراچي ۾ هڪ دوست جي پٽ جي شاديءَ تي آيس ته اتي هڪ دلچسپ واقعو درپيش آيو جنهن بابت محبوب کي به نه ٻڌايو آهي ۽ اڄ هتي لکي رهيو آهيان. جيتوڻيڪ هو ان جو اهم حصيدار آهي. ڳالهه هيئنئن ٿي جو گهڻن سالن بعد آئون پاڪستان آيو هوس. پهرين پهرين محبوب شيخ تي نظر پئي، انهن ئي ڏينهن ۾ سندس پهروين سفرنامو ”ميهڙ کان ماسڪو“ پڙهي رهيو هوس، سو ساڻس ملي ڪيس ڪتاب لکڻ جون مبارڪون ڏنم. هو تن ڏينهن ۾ ڪنهن ڪاليج جو پروفيسر هو يا پرنسپال. اها مون لاءِ اهم ڳالهه نه هئي ۽ نه وري ان


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

پاڪستاني ڪلچر کان واقف هوس جتي ماڻهو سندس قابليت مان نہ پر گريڊ مان سڃاڻو وڃي ٿو. آئون تہ ملائيشيا مان ڏهہ سال کن نوڪري ڪري آيو هوس جتي ڪلارڪ کان ڪمانڊنٽ تائين سيني هڪ ڪمري ۾ چانهہ ٿي پيتي، جتي ڪو ڪنهن جو ذاتي نوڪر يا ننڍو وڏو نہ هو، هر ڪنهن پاڻ پنهنجي چانهہ ناهي پيتي ٿي ۽ پاڻ ڪپ صاف ڪيو ٿي. ملائيشيا ۾ ڪناري جي نوڪري ڪرڻ کان اڳ ٻارهن سال کن پاڻي جو جهاز هلايو هوم، جتي پڻ اهو سبق حاصل ڪيو هوم تہ جهاز جو چيف انجنيئر معنيٰ جهاز هلائڻ وارن جو ڪو وڏو حاڪم نہ ٿيو پر گهٽي پگهار ملڻ ڪري "وڏي پورهئي وارو" ٿيو، ٻين جي لاءِ اٺ ڪلاڪ ڊيوٽي هئي تہ چيف انجنيئر لاءِ "رائونڊ دي ڪلاڪ"، جهاز خراب ٿيڻ تي هن کي آڌي رات جو بہ اچڻو آهي ۽ هر اهو ڪم جيڪو ڏکيو آهي ۽ جيڪو ٻئي کي نٿو اچي اهو هن کي ڪري جهاز کي هلندڙ صورت ۾ قائم ڪرڻو آهي. سو اهڙي ڪلچر ۽ عادتن ۾ آئون ننڍو ٿي وڏو ٿيو هوس پر هتي اسان جي ملڪ ۾ مختلف ماحول آهي. پروفيسر محبوب شيخ کي نہ فقط مبارڪون ڏنم پر سندس ٽيبل تي وينل ٻين همراهن سان بہ محبوب جي واکاڻ ڪيم تہ هن پنهنجي تعليم دوران روس ۾ رهائش جون يادگيريون سٺي انداز ۾ لکيون آهن. ٿوري دير محبوب وٽ ويهي شادي هال جو چڪر هيم، ٻي ڪنڊ ۾ منهنجو هڪ پيو سڃاڻو ۽ سنو دوست وينو هو جيڪو گذريل دفعي اسلام آباد ۾ مليو هو. هينئر شايد هن جي ڪراچي بدلي ٿي هئي، يا ڪراچي ۾ گهمڻ لاءِ آيو هو يا شايد هن دوست جي شاديءَ جي سڏ تي خاص هي فنڪشن اٽينڊ ڪرڻ آيو هجي. ساڻس ملي يڪدم چيومانس تہ هيڏانهن اچ تہ هڪ اديب سان تو ملايائين جنهن جو ڪتاب مون پڙهي اچي پورو ڪيو آهي، هن الائي ڇا سوچيو، بهرحال هن کي محبوب جي ٽيبل تائين آڻي ڪيس محبوب سان ملايم محبوب جي پوسٽ جي تہ خبر نہ هيم تہ هو ان وقت ڇا آهي ۽ ڪٿي آهي پر اهو چئي تعارف ڪرايم تہ هي نہ فقط "ميهڙ کان ماسڪو" جو ليکڪ آهي پر ماهر تعليمدان بہ آهي. آئون خوشي ۽ اديب سان ملڻ جي Excitement ۾ ڪٿي چئجي تہ ڪپڙن


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

۾ نہ پئي ماپيس پر ڏسان تہ منهنجي دوست کي محبوب شيخ سان ملڻ ۾ خوشي تہ نہ، ماڳهين ڳالهہ ئي نہ پئي وٽي ۽ ساڳي وقت محبوب بہ عجيب پيو محسوس ڪري. بهرحال محبوب سان دوست کي ملائي سندس ٽيبل تي جڏهن اچي وينس تہ هن شڪايت ڀري لهجي ۾ چيو تہ ”يار ڪمال ٿو ڪرين، آئون سيڪريٽري ليول جو ماڻهو ۽ هو مون کان ڪافي جونيئر، تون مونکي هن وٽ وٺي هليو آهين.“ مون ڪائنس معافي وٺندي چيو تہ ”اها مونکي نہ خبر هئي نہ ان ڪلچر جي ڄاڻ، پر منهنجي لاءِ منهنجو جونيئر بہ وڏي ڳالهہ آهي، جيڪڏهن هو اديب، شاعر يا فنڪار آهي. ڇو جو 60 سالن جي عمر تي پهچڻ بعد اسان جون نوڪريون هليون وينديون تہ اسين ”Zero“ ٿي ويندا سين پر هڪ اديب شاعر، راڳي مرڻ بعد بہ ”Hero“ رهي ٿو.“

ڊاڪٽر محبوب علي شيخ جو روس تي لکيل سفرنامو ”ميهڙ کان ماسڪو“ اڄ کان تيرهن سال کن اڳ، نيوفيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد وارن ڇپيو هو. هن سفرنامي ۾ محبوب شيخ لنڊن، يوڪرين جي شهر ”يالٽا“، آذربائيجان جي گادي واري شهر ”باڪو“، اٽلي جي شهر ”روم“ بابت لکڻ سان گڏوگڏ، گهڻو احوال ماسڪو ۽ ڪراس نادار جو لکيو آهي جتي هن اعليٰ تعليم حاصل ڪئي. ”ميهڙ کان ماسڪو“ ڪتاب ۾ محبوب شيخ بيحد خوبصورتيءَ سان روس جي ماڻهن جي سماجي زندگي، ريتن رسمن، وڻج واپار ۽ تهذيب بابت لکيو آهي. بقول محبوب جي هن ان جي سفرنامي ۾ روسي ماڻهن جي زندگيءَ جا ٻئي پهلو ڇنڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن ۾ انهن جي سادگي، ذهانت، خلوص، اڻ ڇاڻائي، وطن دوستي ۽ زندگيءَ جا گڏيل رويا بيان ڪيا آهن.

اهڙوئي دلچسپ محبوب شيخ جو هي سفرنامو ”ترڪيءَ ۾ چار مسافر“ آهي. هي سفرنامو ترڪي جو آهي جتي ليکڪ (محبوب شيخ) کي اتي جي تعليمي نظام ڏسڻ لاءِ سرڪاري طرح وڃڻو پيو جنهن جو خرچ پڪو ترڪي جي ڪجهہ واپارين ڏنو. ”پاڪ ترڪ انٽرنيشنل ايجوڪيشن فائونڊيشن“ هڪ پرائيوٽ ادارو آهي جنهن جي تعاون ۽ مدد سان اسان جي ملڪ ۾ انٽر ليول جي تعليم ڏيڻ لاءِ


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ڪراچي کان ڪوهاٽ ۽ ڪوئيٽا کان مري تائين ڪيترائي اسڪول ڪم ڪري رهيا آهن. هن سفرنامي مان اها بہ خبر پيئي تہ انهن جو هڪ اسڪول خيرپور ميرس ۾ بہ آهي. ترڪيءَ ۾ اسڪول ڪيئن پيا هلن، انهن کي ڏسڻ لاءِ ليکڪ کي ترڪي جي ڪجهہ شهرن ۾ وڃڻو پيو. واپسي تي هن جيڪي ڪجهہ ترڪي ۾ ڏٺو ۽ معلوم ڪيو، ان تي هڪ ڪتاب سفرنامي جي روپ ۾ لکيو آهي.

ترڪي جيتوڻيڪ اسان لاءِ ايران ۽ انڊيا وانگر پاڙي جو ملڪ آهي ۽ اسان لاءِ تمام وڏي اهميت رکي ٿو پر هن ملڪ بابت، اسان وٽ تمام گهٽ لکيو ويو آهي ۽ اسان جي ماڻهن کي ايتري معلومات ناهي جيتري هئڻ کپي. شايد سنڌي زبان ۾ ترڪيءَ تي هي پهريون ڪتاب هجي! ايتري قدر جو مون ٻين ملڪن تي تہ ڪيترائي سفرناما لکيا آهن پر ترڪيءَ تي اڃان نہ لکي سگهيو آهيان. جيتوڻيڪ هڪ جهاز هلائيندڙ يعني پاڻي جو جهاز هلائيندڙ چڱي طرح سمجهي سگهي ٿو تہ جاگرافيائي طور ۽ جهاز رانيءَ جي خيال کان، ترڪي ڪيڏو طاقتور ملڪ آهي! روس، رومانيا ۽ بلغاريا جهڙن ملڪن ۾ وڃڻ لاءِ اسان کي هر صورت ۾ باسفورس سمنڊ مان لنگهڻو پوي ٿو، ان کان علاوه ٻيو ڪو گس ناهي. مٿين ملڪن جا بندرگاهہ بحراسود (Black Sea) ۾ آهن ۽ يورپ جا، خاص ڪري فرانس، اٽلي، اسپين وغيره ۽ اتر آفريڪا (الجيريا، لبيا، ٽيونيشيا وغيره) جا بندرگاهہ يونچ سمنڊ (Mediteranean Sea) ۾ آهن. ڪارو سمنڊ ۽ يونچ سمنڊ سمجهو تہ بہ الڳ ٽٻ آهن، جن کي پاڻ ۾ استنبول وٽ هڪ ساموندي ندي ملاي ٿي، جنهن کي باسفورس سڏجي ٿو، ذرا سوچيو تہ هيءَ ندي يعني باسفورس نہ هجي تہ ڪارو سمنڊ (بحر اسود) بہ ڪئسپين سمنڊ وانگر جهاز راني لاءِ بيڪار ٿي وڃي ها. هينئر تہ روس دنيا جي اها طاقت نہ رهيو آهي پر جڏهن هو، تڏهن بہ هن جا جهاز، دنيا جهاڳي استنبول اڳيان، اسان وانگر ادب سان لنگر ڪيرائي ويهندا هئا، جيسين هنن کي باسفورس مان لنگهڻ جي اجازت ملي! ساڳي وقت پنهنجي گهران (يعني اوڊيسا، ڪستنزا، ورنا وغيره بندرگاهہ مان) نڪري اڳتي جي سفر لاءِ ميڊيٽرينين (يونچ


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

سمنڊ) ۾ گهڙڻ لاءِ وري موڪل ونڻي پوي ٿي. هڪ دفعي اسان ترڪيءَ جي ڪئپٽن کي چيو ته روس جي توهان کيئن رستا روڪ ڪري سگهو ٿا؟. پر پوءِ سمجهه ۾ اچي ويو ته ترڪي وارا روس کي اهڙا ڏنپ ڏيئي سگهن ٿا جو هو خواب ۾ به چرڪ پريندو وتي.

ترڪي وارن کي فقط هڪڙو پنهنجو يا روسين جو جهاز باسفورس ۾ بوڙڻو پوندو ۽ روس جا جيڪي جهاز اندر سي اندر جيڪي باهر سي باهر. سيڌي سامان ۽ هرشيءَ لاءِ پوءِ روس کي ڪراچي بندرگاهه ۾ سامان لهرائي، باءِ روڊ سڄو پاڪستان ۽ افغانستان لتاڙي پنهنجي ملڪ پهچائڻو پوندو.

ترڪيءَ سان نه فقط ماضيءَ ۾ پر اڄ به اسان پاڪستانين جا سنا تعلقات آهن. تعليم توڙي وڻج واپار لاءِ اسان ترڪيءَ جو رخ ڪريون ٿا. اسان يورپ کان باءِ روڊ جڏهن پاڪستان اچون ٿا تڏهن به يورپ جي آخري ملڪ لتاڙڻ بعد ترڪي ۾ اچون ٿا، جيڪو يورپ ۽ ايشيا کي ڳنڍي ٿو. ترڪي لتاڙي ايران جي شهر تبريز ۾ اچون ٿا، جتان پوءِ زاهدان پهچي بارڊر ڪراس ڪري، بلوچستان صوبي جي ڪوئيٽا شهر کان اچيو نڪرون. سٺ ۽ ستر واري ڏهاڪي ۾ ته پاڪستان، ايران ۽ ترڪي RCD نالي هڪ اهڙو پئڪٽ ناهيو هو، جنهن هيٺ ٽنهي ملڪن جا ماڻهو بنا ڪنهن ويزا جي هڪ ٻئي ملڪ ۾ پئي آيا ويا، اها ٻي ڳالهه آهي ته انهن ڏينهن ۾ ته ملائيشيا، ٿائليڊ ۽ ويندي جپان جهڙن ملڪن جي ويزا جي به ضرورت نه هوندي هئي. ڪولا لمپور، بئنڪاڪ ۽ ٽوڪيو ايئرپورٽ تي هلبو هو ته اميگريشن وارا ٽن مهينن جي ويزا جو ٺپو هڻي ڏيندا هئا. پر هاڻ اسان جهڙا اڇوت ٿي پيا آهيون. سنگاپور جهڙن ملڪن ۾ هوس تڏهن، جڏهن منهنجو جهاز رومانيا ۽ بلغاريا ۾ پهتو، ته آئون اتي جي شهرن ۾ مسجدون ۽ ڪتب خانا ۽ انهن جي ديوارن تي عربي ۽ ترڪيءَ ۾ لکيل عبارتون ڏسي وائڙو ٿي ويو هوس. مون لاءِ ته رومانيا، بلغاريه وغيره يورپي ۽ ڪميونسٽ ملڪ هئا، اتي هي اسلام سان واسطو رکندڙ ڳالهيون ۽ ترڪن جو ڪلچر، ترڪي ڪاڏا ۽ ٻيون ڪيٽريون شيون جيڪي رستي تي استنبول ۾ ڏٺم، اهي هتي ڏسي حيرت ٿي


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ته ترڪن جي هنن يورپي ملڪن ۾ ايڏي لڳ چو آهي؟ ويندي ڪيترن رومانين، بلغارين، هنگارين ۽ چيڪو سلاويڪين وڏي عمر جي گورن کي ترڪي زبان ۾ ڳالهائيندو ٻڌم ته وائڙو ٿي ويس ۽ پوءِ جڏهن هنن ملڪن ۾ هرهر اچڻ ٿيو ته خبر پيئي ته بلگاريا (جنهن کي ترڪ بلغاريه سڏيندا هئا)، رومانيا، هنگري، چيڪو سلويڪيا، سربيا، مئسيدونيا (مقدونيه)، البانيا، بوسنيا ۽ ٻين ڪيترن يورپي ملڪن ۽ رياستن تي ترڪي جي عثمانيه گهراڻي جي ڪئين سال حڪومت رهي. بلڪ نيڪ ناڪ حڪومت رهي. اهڙي طرح ايشيا ۾ عدن، آرمينيا، آذربائيجان، جارجيا، عراق، ملايا، لبنان، عمان، فلسطين، قطر ويندي شام، يمن، ايران تي حڪومت هئي. سعودي عرب جو به حجاز وارو حصو ترڪن جي هٿ هيٺ هو. اهي سڀ عرب ملڪ سلطان سليم اول 1517ع ۾ فتح ڪيا هيا. اهڙي طرح آفريڪا جا ملڪ: الجيريا، مصر، لبيا، سوڊان، صوماليا، تيونيشيا وغيره به سلطنت عثمانيه جي ڪنٽرول ۾ آيا ٿي. انگريزن، فرينچن ۽ ڊچن جي دنيا تي حڪومت رهي پر انهن جي به ايترن ملڪن تي ۽ ايڏي وڏي عرصي لاءِ نه ٿي جيڏي ترڪن جي رهي. ۽ هاڻي سائين محبوب شيخ جون ڳالهيون پڙهو.

**الطاف شيخ**

ڪراچي

22 جنوري 2009ع



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# ترڪيءَ لاءِ تياري

ڪوڙ سارا سال نوڪري ڪرڻ کان پوءِ، جڏهن سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچيءَ ۾ بطور ايڊيشنل سيڪريٽري، تعليم کاتو، تعيناتي ٿي تہ ڪم ڪار جي حوالي سان ڪافي سارو فرق محسوس ٿيو. حڪومت ڪيئن ٿي هلي، ان کي انتهائي ويجهي کان ڏسڻ جو ۽ مشاهدي ڪرڻ جو سنو موقعو مليو. استادن جي تعليم ۽ تربيت سان گڏوگڏ پرائيوٽ اسڪولن جي معيار ۽ نظام بابت ڄاڻ ملي ۽ ان تي نظر رکڻ بہ منهنجي فرائض ۾ شامل هيو.

پاڪ ترڪ انٽرنيشنل ايجوڪيشن فائونڊيشن "Pak Turk ICEF" هڪ پرائيوٽ ادارو آهي، جنهن جي تعاون ۽ مدد سان اسان جي ملڪ ۾ انٽر ليول جي تعليم ڏيڻ واسطي اسڪولن جو هڪ ڄار وڇايو ويو آهي، ان فائونڊيشن جي سهڪار سان هينئر ڪراچي، ڪوئيٽا، ملتان، ڪوهاٽ، راولپنڊي ۽ لاهور ۾ اسڪول ڪم پيا ڪن، جيڪي پنهنجي معياري تعليم ۽ صاف سٿري ماحول ڪري عوام لاءِ نعمت ثابت ٿيا آهن.

خيرپور ميرس سنڌ ۾ اسڪول کولائڻ لاءِ محترمہ نفيسہ شاهہ، اڳوڻي ضلع ناظمہ ڪوششون ورتيون هيون ۽ هڪ خالي پيل سرڪاري عمارت ۾ ترڪن اچي اسڪول کوليو. هُنن کي اسڪول جي منظوري ۽ رجسٽريشن لاءِ مون وٽ اچڻو پيو تہ مون سندن عزت بہ ڪئي ۽ في معاف ڪري آرڊر هٿون هٿ ڪڍي ڏنو. خيرپور واري پاڪ ترڪ اسڪول، بلڪل نئون هجڻ جي باوجود ڏاڍو نالو ڪيرايو آهي. سکر بورڊ جي 2009ع واري انٽر جي ساليانہ امتحان ۾ هن اسڪول جي ٻن ڇوڪرين ندا نور ۽ صنعا مغل پهرين ۽ ٻي پوزيشن



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ماڻي ۽ ڪراچيءَ واري پاڪ ترڪ اسڪول مان سيد وقار علي ميٽميٽڪ جي هڪ عالمي مقابلي ۾ ميڊل ماڻيو.

انهن ئي ڏينهن دوران ويهه ڄڻن تي مشتمل ترڪ واپارين جو هڪ وفد ڪراچيءَ آيو ته ان وقت جي وزير تعليم سنڌ، ميڊم حميده کهڙو سنڌن مان ۾ پنهنجي رهائشگاهه تي ڊنر ڏني، معلوم ٿيو ته پاڪستان ۾ ترڪ اسڪولن جي مالي مدد ڪرڻ وارا اهي واپاري ئي هيا، جن پنهنجون ٻچتون ملڪ جي عزت ۽ عظمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيون هيون. هينئر سڀ اسڪول مالي طور مستحڪم آهن ۽ ٻچت ۾ پيا وڃن.

ترڪ واپارين، محڪمه تعليم، حڪومت سنڌ جي هڪ وفد کي پاڻ وٽ اچڻ جي دعوت ڏني ۽ سڄي خرچ پکي جو به ذمو کنيو، پوءِ سائين ڪير ڪري انڪار؟ هڪدم هڪ وفد وزير تعليم جي سربراهي ۾ تيار ٿيو، جنهن ۾ ڊاڪٽر عبدالعليم انصاري، عبدالحنان ۽ راقم الحروف کي منتخب ڪيو ويو.

منهنجي لاءِ عزت افزائي جي ڳالهه هئي جو محڪمه تعليم جو صرف هڪ آفيسر مان ئي هيم جيڪو ان چار رڪني وفد ۾ منتخب ڪيو ويو، انصاري صاحب وزير تعليم جو مڙس هيو ۽ عبدالحنان سنڌن پرسنل سيڪريٽري، اهڙي طرح چار مسافر هليا ترڪيءَ جي سير تي.

ٻاهر وڃڻ ۽ رهڻ جو چڱو خاصو تجربو رهيو آهي ان ڪري ضروري خريداري ڪرڻ ۾ لڳي ويس، منهنجي گهر واريءَ نئون وڳو ۽ بوٽ به وٺرايو، حالانڪ ضرورت ڪونه هئي. پر ڪير ڪڇي زال اڳيان!.

30 سيپٽمبر 2005ع ۾ پنهنجي مختصر سامان سان قائداعظم انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪراچي پهتس ته اُتي عبدالحنان اڳ ۾ ئي انتظار ڪندي مليو، سندس ماسات شبير احمد ۽ منهنجو هڪ پراڻو شاگرد گلشير مغيري، انسپيڪٽر FIA به اُتي ئي مليا، جيڪي اسان کي مڪمل پروٽوڪول سان اندر وٺي ويا، اُتي پاڪ . ترڪ اسڪول ڪراچيءَ جو پرنسپال مسٽر عرفان به اسان جي انتظار ۾ مليو. ترڪ


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اسڪولن جا سڀ پرنسپال اسان کي نوجوان ئي مليا، مايون توڙي مرد، انهن کي ڏسي وري پنهنجي اسڪولن ۽ ڪاليجن جا پرنسپال ٿو ڏسان تہ فرق صاف ظاهر ٿيو وڃي، ڪراڙا ۽ ڪراڙيون، رٽائرمنٽ جي ويجهو، پنجونجاهہ سالن کان تہ مٿي ئي هوندا، اُهي ئي پرنسپال ٿيندا اچن.

عرفان ڪمال جو شخص هيو، بااخلاق، سمجهدار ۽ بردبار، انگريزي زبان، ترڪ تاريخ ۽ دنيا جي حالات تي مڪمل عبور، ٽيهہ ٻتيهہ سالن جي عمر، ڪلين شيو پر نماز ۽ روزي جو پابند. ترڪيءَ جي پوري سفر دوران رات ڏينهن اسان سان گڏ بطور گائيڊ ۽ مددگار رهيو، پر ڪڏهن بہ نہ دير ڪيائين ۽ نہ ئي اَجائي سجائي گفتگو ڪري اسان کي پريشان ڪيائين. وڃڻ جي آخري ڏينهن اسان کي استنبول ايئرپورٽ تي جهاز ۾ ويهاري موڪلايائين، پاڪستان واپسيءَ تي مون سندس ۽ اسڪول جي ترڪ انچارج آفيسر جي ٻارن سان پنهنجي گهر دعوت ڪئي، سندن عورتون بہ نماز، روزي جون پابند، اسڪارف سان مٿو ڍڪيل، هلڪو ڦلڪو ميڪ اپ ڪيل، بس حورون پئي لڳيون، منهنجي گهرواري، ننهن ۽ نياڻيءَ سان پنهنجائپ سان مليون ۽ دوستيءَ جو مضبوط رشتو ڳنڍي ويون.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

A FLIGHT BY TURK HAVA YOLLARI

# اسان جي اُڏامَ

ترڪي وڃڻ لاءِ اسان کي ”ترڪ ايئر لائين“ جي ذريعي اڏام ڪرڻي هئي، جهاز ڪجهه ننڍو محسوس ٿيو ۽ سيٽون به سوڙهيون هيون، اڌ ڪلاڪ ڪن ليٽ سان رات جو 3.30 وڳي ڪراچي چڙهيسين. هڪ اڌ سيٽ کي ڇڏي باقي جهاز پريل هيو، گهڻي قدر مسافر ترڪ هيا، جيڪي ڪراچيءَ ۾ ڪم سانگي رهيا پيا هيا، ڪي سياح به هيا. پاڪستاني ڪي گهڻا نه هيا. اسان کي ويهڻ شرط مانيءَ لاءِ پڇيائون، جيڪا ڪونه کاڌيسين، ننڊ پئي آئي ڏاڍي، سو خاموشيءَ سان اکيون بند ڪري ٽيڪ ڏنيسين، صبح جو حسب معمول چانهه جي ٻاڙ لڳي، پر جهاز وارن لفٽ ئي ڪونه ڪرائي، ڇوڻ ڪان پوءِ به جواب ڏنائون ته رات جي ماني کان پوءِ ٿانوَ ڪونه بچيا آهن، عجب لڳو! جهاز جي پڇڙيءَ ۾ بار هئي، جنهن کي ضرورت پئي لڳي اُن وڃي پئي جام پيتو، ڪنهن به پاڪستانيءَ ان طرف وڃڻ گوارا نه ڪيو، ترڪ مسافر به ڪي ٿورائي ويا. ڪراچي ۽ استنبول وچ ۾ صرف ترڪ ايئر لائين هلي پئي. پي آءِ اي وارا اجان پيا تيارون ڪن، شايد جهازن جي ٿورائي ڪري ان روٽ تي ڪونه پيا اچن. ان ڪري مسافرن کي ترڪ ايئر لائين ڪانسواءِ ٻي چوائس ئي ڪونهي. اسان کي ٻڌايائون ته هفتي ۾ صرف چار اُڏامون آهن ۽ مسافرن جو تعداد ڪافي آهي. ترڪ حڪومت به ڪوشش ڪئي آهي ته هفتي ۾ ڇئن مان وڌائي ڇهه يا ست اڏامون ٿين. مسافرن ۽ سياحن لاءِ هڪ ڳالهه اهميت واري آهي ته ترڪ ايئر لائن جا ڀاڙا ٻين جي مقابلي ۾ ڪي قدر گهٽ آهن، ان ڪري غير ملڪي سياح ۽ خاص طور يورپ ويندڙ مسافر استنبول ۾ لهي اڳتي ٻيو جهاز پڪڙن ٿا. لاهور مان به فلائيٽ جي ضرورت


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

آهي، جيئن استنبول ويندڙ ڊائريڪٽ وڃن. اُتان جا مسافر اڳ ۾ ڪراچي تا اچن، ان ڪري ترڪي وڃڻ اُنهن کي مهانگو ٿو پوي.

جهاز جي سوڙهين سيٽين باوجود عرفان فجر جي نماز سيٽ تي ويٺي ئي ادا ڪئي، جيڪا ڳالهه مونکي ڏاڍي وڻي، تضاد به نوٽ ڪرڻ جهڙو هيو، ڪي صبح سان جام پيا پين ته ڪي نماز پيا پڙهن، اجازت ٻنهي کي هئي، جديد ترڪيءَ جي ڀرپور جهلڪ جهاز ۾ ئي ڏنيسين.

اُن ڪان پوءِ اسان کي هڪ ٻيرو ڪاڏو مليو، مانيءَ جي ڪوالٽي ڪا خاص ڪونه هئي، PIA وارا به ان قسم جي سروس ڪندا آهن، مون اڌ دُنيا گهمي آهي، يورپ جي جهازن ۾ سروس ۽ ڪاڌي جي ڪوالٽي سٺي آهي، وري عرب امارات جي فلائيٽ ۾ به عاليشان سروس ۽ مزيدار ماني ملي ٿي، روسي هوائي جهاز ڪمپني ”ايرو فلوٽ“ جو معيار ته ڪافي گهٽ آهي ۽ جهاز ۾ صفائي به ڪونه ڏٺيسين.

ڇهن ڪلاڪن ڪان پوءِ ”اتاترڪ انٽرنيشنل ايئرپورٽ“ استنبول تي لٿاسين، ان مهل پاڪستان ۾ صبح جا ساڍا نَوَ ٿيندا هوندا ۽ ترڪيءَ ۾ صبح جا ساڍا ست ٿي رهيا هيا. موسمَ نهايت خوشگوار ۽ ڪي قدر ٿڌي لڳي، هوائي جهاز ۾ لڳاتار ويهڻ ڪري ۽ خاص طور جڏهن ڪا ڏکي اُڏام هُجي ته ٽنگون ساٿيون تي پونديون آهن ۽ مسافر گهمڻ ڦرڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪندو. ان کي چون DVT (Deep Vanous Thrombosis) ۽ ترڪ جهاز جون سيٽون هيون سوڙهيون ان ڪري مون کي رکي رکي خيال پئي آيو ته ”DVT“ واري تڪليف نه ٿي پوي، ان ڪري به دفعا ٻاٿ روم وڃڻ جي بهاني سان اُٿيس ۽ ڪي منٽ بيٺو رهيس، پر جيئن ته فلائيٽ ڪا ڏکي ڪونه هئي، ان ڪري ٽنگن جي ساٿي ٽيڻ واري مرحلي ڪان اڳ منزل اچي وئي. تازو آمريڪا وڃڻ ٿيو ته ڪراچي ڪان شڪاگو جي فلائيٽ ويهه ڪلاڪن جي هئي. وچ ۾ انگلينڊ جي شهر مانچيسٽر ۾ ٻن ڪلاڪن لاءِ لاٿو ويو ته تازا توانا ٿي وياسين. ايترن ڪلاڪن جي سفر ڪان پوءِ جڏهن ”ٽائيم زون“ بدلجي وڃي ٿو ته ”Jet Lag“ جي بيماري ٿي پوندي آهي،


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ان ڪري ٽنگن کي نيڪ ٺاڪ رکڻ خاطر مان فلائيٽ دوران ”واڪ“ ڪندو رهيس، ائين نه ڪيان ها ته شايد ڪا ايئرهوسٽس سهارو ڏئي جهاز مان لاهڻ مهل مدد ڪري ها، گهر واري ساڻ نه هجي ها ته شايد ان سهولت مان فائدو ونجي ها، پر جي ٽفن باڪس ساڻ هجي ته پوءِ هوٽل ۾ ڊنر ڪرڻ جو خيال ڪيئن ايندو!

پروگرام موجب اسان کي ايئرپورٽ کان ٻاهر نڪرڻو ڪونه هيو، ان ڪري اسان اُتي ويهي رهياسين، ريسٽورينٽ ۾ چانهن ڪافي وغيره جو بندوبست هيو، اسان ٻه ڪلاڪ ڪن پاڻ کي مشغول رکيو ۽ پوءِ هڪ لوڪل فلائيٽ ۾ ”ڪيسري“ روانا ٿياسين.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# ترڪيءَ جو تعارف

ترڪيءَ ڪي ڏسڻ جو شوق ڏاڍو پراڻو آهي، اڄ به چڱيءَ طرح ياد آهي، بلڪل ننڍڙو هيس ته گهر ۾ بابا واري ڪٻٽ ۾ ”ڳاڙهي ترڪي ٽوپي“ رکيل ڏسندو هيس. اسان گهرياتي اُهو ڪٻٽ ان ڪري بار بار کوليندا هياسين جو اُن ۾ بابا جي فائيلن سان گڏ قرآن شريف ۽ سيپارا به رکيل هيا، گهر جا ننڍا وڏا ياتي روز صبح جو باقاعدگيءَ سان سيپارو پڙهندا يا قرآن شريف جو دور ڪندا هئا. ”ترڪي ڳاڙهي ٽوپي“ ڪڏهن ڪنهن ڪي پائيندي ته ڪونه ڏٺم، پر لڳو ائين ته ترڪن سان اظهار محبت طور گهر جي ڪنهن بزرگ ورتي هجي. تحريڪ خلافت جو روح روان بيريسٽر جان محمد جوڻيجو جيئن ته لاڙڪاڻي جو هيو، ان ڪري لاڙڪاڻي واسين وٽان ترڪي ٽوپي ملڻ ڪا حيرت جي ڳالهه نه هجڻ کپي.

ترڪيءَ جي ڪل ايراضي 7,80,580 اسڪوائر ڪلوميٽر آهي ۽ آبادي 7 ڪروڙ ۽ 68 لک کان ڪجهه مٿي ٿيندي (2009 جا انگ اکر) پنهنجي منفرد جاگرافي ۽ دنيا جي نقشي تي پوزيشن ڪري، هي ملڪ دنيا جي ڪيترن ئي تهذيبن جو مرڪز رهيو آهي، صدين کان انساني آبادي درياهه جي مٺي پاڻيءَ پرسان رهندي آئي آهي. موئن جي دڙي وارن به سنڌوءَ جي ڪپ تي اچي آبادي ڪئي ته عراق وارن دجله ۽ فرات جي ڪنارن کي آباد ڪيو، دجله ۽ فرات ترڪيءَ مان ئي ڦٽن، پوءِ هيٺ لهنديون عراق ۾ وڃن، مصر جي فرعونن کي به درياءِ نيل وڻيو. ترڪيءَ کي به الله سائين سٺي موسم ۽ جهجهي مٺي پاڻيءَ سان جو نوازيو ته صدين کان ماڻهن جي اچ وڃ رهندي آئي. هتان جو زير زمين پاڻي به مٺو آهي جيئن اسان وٽ پنجاب ۽ سنڌ جي ڪجهه ضلعن جهڙوڪ لاڙڪاڻو، شڪارپور، گهوٽڪي وغيره ۾ آهي.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ترڪيءَ وارن ننڍا وڏا ڪوڙ ڍير ناهي، بجلي ۽ پاڻيءَ ۾ خود ڪفالت حاصل ڪئي آهي ۽ هينئر ته پاڙي وارن ملڪن کي پاڻي به ڪپائڻ پيا ڏالرن تي!

ترڪيءَ جون سرحدون 2648 ڪلوميٽر آهن جيڪي جارجيا، آرمينيا، ايران، عراق، شام، آذربائيجان، يونان ۽ بلغاريه سان ملن ٿيون. ترڪيءَ کي ٽن پاسن کان سمنڊ ٿا لڳن، ان ڪري سمنڊ جي ڪنارن تي آباد شهرن ۾ به خوشحالي ۽ ماڻهن جي اچ وڃ نظر ايندي. جيتري رش استنبول جي سمنڊ ڪناري تي آهي، اوتري ”ازمير“ واري ساحل تي نه هوندي پر اُهو به ڏسڻ وٽان آهي جو حڪومت ان شهر کي به ڏاڍي ترقي ورائي آهي. ترڪيءَ جو سامونڊي ڪنارو 7200 ڪلوميٽر آهي، ملڪ جا 81 صوبا (ضلعا) آهن، مرڪزي وزارت ۾ 17 وزير آهن. ۽ قومي اسيمبليءَ ۾ 550 ميمبر آهن.

ترڪيءَ جي موسم ٿڌي ۽ خوشگوار آهي، ڪي علائقا گرم به آهن ۽ خشڪ به، ان ڪري اُتي پوک ڪونه ٿئي، باقي اڪثريت ۾ علائقو آباد ۽ زرعي آهي. ارارات جبل جي مٿائين چوٽي 5166 ميٽر آهي.

انقلاب کان پوءِ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، لباس ۽ تهذيب ۾ ڏاڍو فرق اچي ويو، ننڍا وڏا شهر ترقي ڪري ويا، پيئڻ جو صاف پاڻي، پڪا گهر، ڊرينيج جو سنو انتظام، اسڪول ۽ اسپتالون جو ماڻهن کي مليون ته سيني شهرن ۾ ترقي ڏسڻ جهڙي ٿي وئي، هينئر ترڪيءَ جي ڪل آبادي مان 75 سيڪڙو ماڻهو شهرن ۾ رهن پيا، ٻيا ترقي پذير ملڪ جهڙوڪ پاڪستان، هندوستان، بنگلاديش وغيره ان ڏس ۾ اجان ڏاڍو پنتي آهي. آباديءَ ۾ واڌ جي شرح 1.2 سيڪڙو آهي. ملڪ جي سرڪاري ٻولي ته ترڪي ئي آهي، باقي ڪردي، عربي، آرميني ۽ يوناني ٻوليون به ڳالهايون ۽ سمجهيون وڃن ٿيون.

ترڪيءَ ۾ جتي اسان کي خوشحالي ۽ ترقي نظر آئي، اُتي بيروزگاري به ٻڌڻ ۾ آئي، مان جڏهن 1980ع ۾ جرمنيءَ ويو هيس ته اُتي ڪافي ترڪ مليا، بلڪ ترڪن جا ته ڪيترا پاڙا هيا، هڪ دفعي شهر کان واپس ايندي گهر جو رستو ڀلجي ويس ۽ هڪ جرمن کان



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

پڇا ڪيم تہ هن مونکي بہ ترڪ سمجهيو ۽ هڪ ترڪ پاڙي ۾ اچي چڏيائين، ٻڌايائون تہ ڪوئي ٺيهہ، پنجٽيهہ لک ترڪ ٻاهر ڪم ڪار ۽ نوڪرين سانگي رهن ٿا ۽ اڪثر يورپ ۾ آهن. آمريڪا جي شهر شڪاگو ۾ بہ ترڪ نظر آيا. ترڪيءَ جو سڪو "ليرا" آهي ۽ هڪ آمريڪي ڊالر 1.24 ليرا جي برابر ٿئي. (سيپٽمبر 2008).

يورپ جي ماڻهن وانگيان، ترڪن بہ قديم ثقافتي، تهذيبي ۽ تاريخي ورثي کي سنڀاليو آهي، هينئر تہ سياحن کي اوڏانهن ڇڪي لکين ڊالر پيا ڪمائن. اسان کي بہ هڪ اهڙي قديم بستي ڏيکارڻ وٺي ويا، جنهن ۾ ماڻهن مٽيءَ واري جبلن ۾ ڪوٺيون ناهيون هيون ۽ ڪي زمين جي اندر بہ هيون، ٻاهر رستي جي پاسي کان سووينئر ۽ تحفا وغيره وڪامجن پيا، مون ان بستيءَ کي پنهنجي "موئن جي دڙي" سان ڀيٽي ڏٺو. اسان وارو ورثو هزارين ڀيرا بهتر هيو. مان جڏهن لاڙڪاڻي ۾ چيئرمين بورڊ هيس تہ "موئن جو دڙو" ايئرپورٽ ئي استعمال ڪندو رهيس. هڪ دفعہ هڪ جاپاني وفد سان ملاقات ٿي، جيڪي "موئن جي دڙي" جي تاريخ پڙهڻ کان پوءِ گهمڻ آيا هيا، واپسيءَ ۾ اسان ڪراچيءَ تائين گڏ سفر ڪيو، هنن کي حيرانگي هئي تہ ايڏي اهم جڳهہ تان هو موٽن پيا پر هنن وٽ ڪو سووينئر يا ڪو تحفو نہ هيو، جيڪو پنهنجي دوستن کي ڏيکاري سگهن يا پنهنجي ڊرائنگ روم ۾ سجائي رکن.

قديم ورثي کي سنڀالڻ جي ڳالهہ پيئي هلي تہ هڪ واقعو ٻڌائيندو هلان، روس ۾ پڙهڻ دوران مون کي "ڪوهہ قاف" جبل وڃڻ ۽ اُتي رهڻ جو موقعو مليو. اسان پنهنجي شهر "ڪراس نادار" کان ڪار ذريعي آياسين ۽ جبل جي پاڙ وٽ اچي لٿاسين. اُتي هڪ ننڍڙو ڳوٺ هيو، جتي لنچ ڪئيسين ۽ ڪجهہ آرام بہ ڪيوسين جو اڳتي ڪار جو رستو نہ هيو ۽ جبل تي پنهنجي سامان سميت پيادل چڙهڻو هيو، موقعي جو فائدو وٺندي مون ڳوٺ گهمي ورتو، ڳوٺ جي خاص ڳالهہ اُتان جو "قبرستان" هيو، جنهن جي هڪ تاريخي حيثيت هئي، ان ڪري ان کي چئني طرفن کان پٽ ڏيئي بند ڪيو ويو هيو، مان گيٽ کولي اندر ويس تہ قبرن مٿان عربيءَ ۾ قرآن شريف جون آيتون


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

لکيل هيون ۽ مري ويلن جا نالا ترڪي زبان ۾ لکيل هيا، معلوم ڪرڻ تي ٻڌايو ويو تہ اتي روسي فوج ۽ ترڪ فوج جو زبردست مقابلو ٿيو هيو، تاريخ ٻڌائي ٿي تہ هڪ وڏي جنگ ترڪن ۽ روسين جي وچ ۾ 1877ع ۾ لڳي هئي، ٿي سگهي ٿو تہ اُن جنگ جا شهيد هجن جو مري ويل سڀ ترڪ مسلمان هئا. چئبو تہ هي شهيدن جو قبرستان آهي، مان اتي وڃي قُل پڙهي فاتحہ ڪئي ۽ شهيدن لاءِ دعا گهري سوچڻ ۽ سمجهڻ جي ڳالهہ هئي تہ روس جي ڪميونسٽ حڪومت، جيڪا خدا ۾ يقين نہ ٿي رکي، انهن پنهنجي دشمنن جي قبرن جي بي حرمتي نہ ڪئي ۽ تاريخ جو هڪ اهم حصو سمجهي ان کي سنڀالي رکيو آهي. هڪ ننڍڙي دور دراز ڳوٺ ۾ ڪير اچي ان ننڍڙي قبرستان کي ڏسندو ۽ شڪايت ڪندو؟ اسان وٽ ڪراچيءَ ۾ ”گورا قبرستان“ آهي، جنهن ۾ آزاديءَ کان اڳ مري ويل انگريز دفن ٿيل آهن، انهن جي سار سنڀال بہ ڏاڍي سٺي ٿيل آهي، تازو ڊسمبر 2008ع ۾ پيرس جي نزديڪ هڪ ننڍڙي قبرستان جي تقدس کي چند ماڻهن پائمال ڪيو، جتي پهرين عالمگير جنگ ۾ شهيد ٿيل مسلمانن کي دفن ڪيو ويو هيو، فرانس جي حڪومت ان واقعي جي شديد مذمت ڪئي ۽ هن حرڪت ڪندڙن کي پشيماني ٿي.

ترڪيءَ جو تعارف ڪرائيندي ڪتان جو ڪٿي وڃي نڪتاسين، هن ملڪ جي ٻن اهم يونيورسٽين يعني ”انقره يونيورسٽي“ ۽ ”استنبول يونيورسٽي“ ۾ حڪومت پاڪستان طرفان ”اقبال چيئر“ قائم آهن، ٻنهي ملڪن هڪ معاهدي تحت، جيڪو جون 1953ع ۾ ڪيو ويو، ان تحت اهو قدم کنيو ويو. پر حقيقي طور انقره ۾ 1956ع ۾ ان تي عمل ٿيو ۽ استنبول ۾ وري 1985ع ۾ عمل ڪيو ويو.

فيبروري 1998ع ۾، استنبول يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڏاڙهي وارن شاگردن ۽ نقاب پائيندڙ شاگردياڻين تي پابندي هنئي. ان حڪم جي زبردست مزاحمت ٿي ۽ ڏاڍو وڳوڙ ٿيو، هينئر بہ اهو حڪم لاڳو آهي پر موجوده حڪومت جو لاڙو اسلام ڏانهن نظر


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اچي ٿو ۽ هو ان سلسلي ۾ ڪجھ نرميون ڪري رهيا آهن، هينئر ته شايد هڪ ٽي وي چينل تان ڪجھ اسلامي پروگرام به هلن پيا.

ريل ۽ هوائي جهاز جي مقابلي ۾ ترڪ پنهنجي ڪارن ۽ بسن ۾ سفر ڪي وڌيڪ پسند ڪن. روڊ ڪشادا ۽ سنا جو نهيل آهن، ان ڪري ان ذريعي کي زياده استعمال آڻين، ايتري قدر جو پر واري ملڪن جهڙوڪ ايران، عراق، بلغاريه، فرانس ۽ رومانيه به بسن ذريعي وڃن. اسان جڏهن 1989ع ۾ حج ڪيو ته اُتي به ترڪ حاجي پنهنجيون وڏيون آرام ده بسون ڪاهي آيا. هوٽل ۾ رهڻ بجاءِ ڪيترن بسن ۾ ئي رهڻ پسند ڪيو، يا وري بسن پرسان خيما ڪوڙي رهن پيا، هن سال عمري تي وياسين ته به ترڪن جو طريقو اهو ساڳيو. ترڪيءَ ۾ روڊ ذريعي سفر ڪندڙ مسافرن ڪان ڦر ڪرڻ جو رواج ڪونهي ۽ نه ئي ڪو سفر دوران اغوا ٿئي ان سلسلي ۾ اسين سنڌ وارا ڪافي اڳيرا آهيون.

اوشل منهنجي ديس جا، مارو پريت وندن،
هڪ ٻئي ويجهو ٿين، ويچا رهن ڪينڪي.
(شيخ اياز)

شروع ڪان ئي وٺي ترڪ ڏاڍا قوم پرست رهيا آهن. انقلاب ڪان پوءِ واري آئين ۾ ته قومپرستي ۽ سيڪيولرزم هنن جا بنيادي اصول آهن. انقلاب ڪان اڳ ۽ پوءِ ڪيتريون ئي سياسي ۽ سماجي تحريڪون هليون، حڪومت ۽ ليڊرن خلاف نعريبازي ٿي، پر ڪڏهن به ڪنهن پنهنجي ملڪ جي خلاف نه ڳالهايو ۽ نه سوچيو ئي.

ترڪ مرد ڪاڏي ڪائڻ جا شوقين ٿين ۽ گوشت به جام واپرائن، ڪافيءَ جا ڪيترائي ڪوپ پيئن، سگريٽ نوشي عام آهي، عورتون به ان ڪم ۾ مردن ڪان پٺتي ڪونهن، مرچ گهٽ استعمال ڪن، باقي نمڪين ڪاڌو پسند ڪن، مٺيون شيون به شوق سان ڪائن، ان ڪري، مانيءَ ڪان پوءِ بڪلاوا گلاب جامن، پڊنگ، حلوه، ڪسٽرڊ وغيره عام جام ڪائن. ڪيلو نظر ڪونه آيو جو اُتي ڪونه ٿئي، باقي بيو فروٽ عام جام ٿئي، خاص طور انجير ۽ زيتون ضرور ڪائجي جو ترڪيءَ ۾ ڏاڍو ٿئي. اسان کي جيڪڏهن خبر هجي ها ته ڪيلو ڪونه ٿئي، ته هتان چليون ۽ ٽوڪرا پري ڪٽي وڃون ها پنهنجي ترڪ ميزبانن لاءِ، سنڌ جو ڪيلو ڪائن ها ته سنڌ گهمڻ جو شوق به ٿئين ها.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# ترڪيءَ ۾ اسلامُ ۽ ٻيا مذهب

منهنجو جن ٻـ شهرن ۾ وڃڻ ٿيو اُتي مسجد ۾ ضرور ويس ۽ نماز ٻـ پڙهيم، منهنجو اهو شوق صرف هتي نـ هيو، پر جتي بـ ويندو آهيان، اُتي ڪوشش ڪري مسجد ۾ نماز پڙهندو آهيان، ايتري قدر جو شڪاگو ۾ بـ منهنجي پٽ ڊاڪٽر يوسف مون کيِ جتي هيڏا سارا شاپنگ سينٽر گهمايا، اُتي ٻن مسجدن ۾ بـ وٺي ويو ۽ جمع نماز پڙهڻ جو شرف حاصل ٿيو.

ترڪي تـ آهي ئي هڪ مسلمان ملڪ ۽ مسجدن ۾ نمازي بـ ڪوڙ اچن. مون بـ ڪافي مسجدون ڏٺيون ۽ هن ڪتاب جي مختلف صفحن تي اهو ذڪر ايندو رهندو. اڃو تـ ٿورو اونهائيءَ ۾ وڃي ڏسون.

ترڪيءَ جي ڪل آبادي ست ڪروڙ ڪان مٿي ٿيندي ۽ استنبول وڏي ۾ وڏو شهر آهي. هي اُهو ئي شهر آهي، جيڪو پندرنهن سو سال عيسائين جي زير اثر رهيو، ان ڪري ان دور جون عمارتون، گرجائون، ڪليسيائون وغيره بـ جام آهن ۽ محفوظ پڻ. هتي ئي يهودين جا پاڙا آهن، جتي هُنن جون پنهنجون عبادت گاهون بـ آهن. شهر ۾ ۽ بازارن ۾ مسلمانن، عيسائين ۽ يهودين جا دوڪان ۽ ڪاروبار گڏوگڏ آهن. غير ملڪي سياحن مان 70 سيڪڙو ڪان بـ وڌيڪ يورپ مان اچن ۽ اهي گهڻو ڪري عيسائي آهن.

سرڪاري طور ترڪي ”سيڪيولر“ آهي، يعني هن ملڪ جو ڪو پنهنجو ”سرڪاري مذهب“ نـ آهي. ملڪ کي ”جمهوري ترڪي“ سڏيو وڃي ٿو ۽ آئين ۾ سيني مذهبن جي ماڻهن کي برابر جا حق مليل آهن.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com



ترڪيءَ جو قومي جھنڊو



ترڪيءَ جو صدر
عبدالله گل



ترڪيءَ جو وزيراعظم
طيب اردگان

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com




ترڪيءَ جو نقشو

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com



ڪيسري - معمار سنان پارڪ




ڪيسري - شهر جو هڪ نظارو

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

مذهبي معاملا هلائڻ لاءِ انقره ۾ هڪ مڪمل ڪاتو آهي، جنهن کي ڊائريڪٽوريٽ جو درجو آهي. ترڪي ٻوليءَ ۾ اُن کي "دينيت" سڏيو وڃي. ان اداري ۾ لک ڪان بہ ڪجهہ وڌيڪ ملازم ڪم پيا ڪن، جن ۾ پيش امام، موذن ۽ پيا ماڻهو آهن. هي سڀ سرڪاري ملازم آهن ۽ حڪومت کان ماهانہ پگهار وٺن. مسجد جي وڏي ۽ ننڍي هئڻ مطابق هنن جا گريڊ ۽ پگهارون ٿين. هن قسم جو انتظام مصر ۾ ڏٺم ۽ سعودي عرب ۾ بہ، شام، عراق، وغيره ۾ بہ شايد اهڙو ئي نظام هجي، "دينيت" جي بجيٽ وزارت داخلہ ۽ وزارت خارجہ کان بہ وڌيڪ آهي. ڏسو نہ سيڪيولر ملڪ ۾ مولوين جا مزا!

ترڪيءَ جا جيڪي بہ صوبا يا علائقا آهن، انهن ۾ نماز جو ٽائيم بہ "دينيت" طرفان مقرر ٿيل آهي. ان ڪري هڪ ئي وقت آذان ٿئي ۽ نماز بہ ٿئي. اسان وٽ تہ ائين ٿيندو آهي نہ جو هڪ ئي شهر بلڪہ هڪ ئي پاڙي ۾ جيترين بہ مسجدون آهن، انهن سڀني ۾ نماز جا وقت ڌار ڌار ٿين!

پوري ملڪ جي مسجدن ۾ وعظ ۽ تقرير ڪونہ ٿئي ۽ نہ ئي ڪنهن مسجد ۾ رات جو ڪو مهمان رهي. مولوي صاحب اچي نماز پڙهائي، وري تالو ڏئي، پنهنجي گهر يا ڪم ڪار سان هليو وڃي. استنبول جون بہ چار وڏيون ۽ تاريخي مسجدون يا مولانا روم جي درگاهہ کليل رهي، جو اتي غير ملڪي سياح ڏاڍا اچن ٿا. دنيا جي سڀني مذهبن مان عيسائيت ۽ اسلام ۾ اڄ ڏينهن تائين تبليغ جو سلسلو هليو اچي. ٻئي ڪنهن مذهب جهڙوڪ يهوديت يا هندو ازم وغيرهہ ۾ تبليغ ڪونہ ٿئي. ترڪيءَ ۾ اسان تبليغي جماعت جو ذڪر ڪنهن بہ هنڌ ڪونہ ٻڌو ۽ نہ ئي ڪنهن کي چندو گهرندي ڏٺوسين، نہ وري ڪنهن دوڪان ۾ چندي جي پيٽي نظر آئي.

اسان کي مدرسن جي باري ۾ بہ ڪنهن نہ ٻڌايو ۽ نہ ئي ڪنهن ڪتاب ۾ ڪو حوالو مليو، پڪ ٿي تہ مدرسن ۽ طالبن جو وجود ڪونہ آهي. اٺين جماعت تائين تعليم حاصل ڪرڻ هر ٻار جو حق آهي ۽ لازمي بہ، ان ڪري سڀ ٻار اسڪولن ۾ موڪلڻ والدين جي ذميواري ٿيو وڃي.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ترڪيءَ ۾ هڪ فرقو يا گروپ ٻڌڻ ۾ آيو، جيڪي پاڻ کي "علوي" سڏائي ۽ مسلمان ڪوٺائن، پر نماز ڪونه پڙهن، روزو نه رکن، پڙدو نه ڪن، موسيقيءَ سان چاهه رکن ۽ شراب پيئڻ کي گناهه نه سمجهن. انهن جي پاڙن ۾ مسجدون آهن، پر سدائين ويران رهن، اتي به پيش امام ۽ موذن مقرر ٿيل آهن، پر نمازي ڪونه اچن. هنن حڪومت کان پنهنجون عبادت گاهون ناهڻ لاءِ اجازت گهري آهي، پر حڪومت چوي ٿي ته جيڪڏهن اهي مسلمان آهن ته پوءِ مسجدن ۾ اچن. ٻڌڻ ۾ آيو ته يورپي يونين وارا انهن جي حمايت پيا ڪن. موجوده حڪومتي پارٽيءَ کي اسلامي قوتن جي حمايت آهي ان ڪري "علوين" کي ڪا اهميت ڪونه پئي ملي.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# ترڪيءَ جو تجارتي مرڪز "ڪيسري"

استنبول جي اتاترڪ انٽرنيشنل ايئرپورٽ کان ڪيسري جو شهر ڪلاڪ ڪن جي فلائيٽ تي هيو. هڪ ننڍي جهاز، جيڪو فوڪر کان ڪجهه وڏو، ترڪ هوائي ڪمپنيءَ جو هيو، اسان کي اچي ڪيسريءَ جي هوائي اڏي تي لاٿو. جهاز ڀريل هيو، ترڪن کان علاوه ڪجهه يورپي مرد ۽ عورتون سياحت جي خيال سان آيل، اسان سان گڏ لٿا. اسان لاءِ ايئرپورٽ واري بلڊنگ تائين وڃڻ لاءِ ڪنهن بس وغيره جو انتظام ڪونه هيو، سڀ مسافر پيادل ئي روانا ٿياسين، جيئن سکر، نواب شاهه ۽ لاڙڪاڻو ايئرپورٽ تي هوندو آهي. ٿڌي هوا لڳي رهي هئي ۽ موسم ائين هئي جيئن اترين سنڌ ۾ ڊسمبر ۽ جنوري ۾ ٿيندي آهي، انصاري صاحب مفلر ڪڍي ڪنن کي ڍڪيو، مون به ڪوٽ جا بٽڻ بند ڪيا. ان وقت صبح جا يارنهن پئي ٿيا.

ايئرپورٽ بلڊنگ ۾ پهتاسين ته اسان جو استقبال "نوجوان واپارين جي انجمن" پاران ڪيو ويو. سندن گرمجوشي ۽ سڪ سان ملڻ جو احساس ڏاڍو وڻندڙ هيو، اسان جي ڊگهي سفر جا ٿڪ ئي لهي ويا ۽ پاڻ کي ڏٺڪو محسوس ڪيوسين. هُنن جي گاڏين ۾ ورهائجي ويناسين ۽ پنهنجو سامان به آيو. اسان شهر جو سير ڪندا اتاترڪ اوينيو تي واقع هوٽل بينٽ (Hotel Bent) پهتاسون، جتي اسان لاءِ ڪمرا بوڪ ٿيل هيا، ننڍو، خوبصورت ٿري اسٽار هوٽل هيو، جيڪو رهائش جي لحاظ کان شايد ڪيسري شهر جو سڀ کان سنو هوٽل هيو.

هوٽل تي پهچي نماز جي تياريءَ ۾ لڳي وياسين، جمع جو ڏينهن هيو ۽ ترڪ سرزمين تي اسان جو پهريون ڏينهن، اهڙي طرح اسان ترڪي ڏسڻ جي شروعات هڪ مسجد ۾ نماز ادا ڪري ڪئي.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

مسجد ويجهي هئي، ان ڪري پيادل ئي وياسين، مسجد نمازين سان ڀريل هئي، نمازين جو حليو ۽ ڏيک ويک اسان واري پاڪستاني، هندوستاني ۽ بنگلاديشي نمازين کان ڪوڙ سارو مختلف هيو. سيئي مٿي اگهاڙا ۽ بنا ڏاڙهين جي، ايتري قدر جو پيش امام به ڏاڙهيءَ واري تڪلف کان آزاد هيو. شڪر آ جو نماز ۾ آيتون عربيءَ ۾ پڙهيون ويون، چون ٿا ته اتاترڪ ان خيال جو هيو ته نماز ۾ آيتون ترڪي ٻوليءَ ۾ پڙهيون وڃن، پر سان چوان ٿو ته ترڪ مسلمانن کي اهيو خيال پسند نه آيو هوندو. عربي ٻوليءَ سان مسلمانن جي عقيدت صدين کان آهي ۽ رهندي ايندي. قرآن پڙهڻ جو اصل مزو به ته عربيءَ ۾ ايندو نه؟ مسجد جي ٻاهران چار فقيرياڻيون نظر آيون، شايد بيواهه يا ٻي اولادي هجن، نه ته ترڪيءَ ۾ فقيرن جو ڪهڙو ڪم؟ مسجد جي ٻاهران پلاسٽڪ جون شيشون وچائي فروٽ ۽ ڪجهه ڪاٺ جون شيون ڪپجي رهيون هيون.

مان جيئن ته شلوار قميص ۽ سنڌي ٽوپيءَ ۾ هيس ان ڪري مقامي ۽ پرڏيهين جي توجهه جو مرڪز پئي ٿيس. نماز کان فارغ ٿي آياسين ته ميزبانن هلڻ لاءِ چيو، گاڏيون تيار هيون، اسان کي هڪ پرائيوٽ اسڪول ڏسڻو هيو ۽ لنچ به انهن طرفان هئي، انصاري صاحب جي صلاح سان مون ڪپڙا نه بدلايا ۽ شلوار قميص ۾ ئي ويس. چيائين ته چڱا پيا لڳو، اسان کي به سستي ڪنيو بيني هئي، ڪير وري فل سوٽ پائي ۽ ٽاءِ ٻڌي، عبدالحنان به پنهنجي پيٽڙي ڪنئي جنهن ۾ اجرڪ، ڪيس ۽ لنگيون وغيره هيون، جيڪي ميزبانن کي بطور تحفه ڏيڻون هيون. اسان پاڻ سان گڏ چڱيون خاصيون سوکڙيون، پاڪڙيون آنديون هيون، جن ۾ هالا جا اجرڪ، سوسيون ۽ سنڌي ڀرت وارا زنانه چولا، لاڙڪاڻا جون نهيل سنڌي ٽوپيون ۽ گمبٽ جا ڪيس هيا. جتي به اسان جي وفد جي مان ۾ دعوت ٿيندي هئي ته ميزبانن کي سوکڙيون ضرور ڏنيوسين. اسان جي ديسي شين جو قدر هت پلي نه هجي پر ٻاهرين دنيا ۾ واهه جو قدر ڏنوسين.

اسڪول صفا نئون نهيل هيو ۽ ڪافي وسيع ۽ ڪشادهه هيو، ڊائننگ هال ٽين منزل تي هيو. اڳ ۾ اسان سائنس جي ليب،


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ڪمپيوٽر ليب ۽ ڪلاس روم ڏناسين، پڙهائي به هلندي ڏٺيسين، ڪو ايجوڪيشن هئي ۽ ذريعه تعليم ترڪي ٻولي هئي. هي هڪ سيڪنڊري اسڪول هيو، جنهن ۾ يارهين ڪلاس تائين تعليم ڏني پئي وئي ۽ ان کان پوءِ هائر ايجوڪيشن هئي، مطلب ته ٻارهون ڪلاس ڪونه هيو. سالانه في 3500 آمريڪي ڊالرن جي برابر هئي. ڳالهه سمجھه ۾ اچي وئي ته هي اسڪول وڏن ماڻهن جي ٻارن لاءِ هيو. فزڪس، ڪيمسٽري، ميٿ، ڪمپيوٽر ۽ اسلاميات جا سبجيڪٽ سڀ پيا پڙهن، ان کان علاوه انگلش، ڊراما، موسيقي، آرٽ وغيره جا مضمون (Optional) مرضيءَ تي هيا. استادن ۽ شاگردن سان براهه راست گفتگو لاءِ ماحول ناهي ڏنو ويو پر هُنن کي انگريزي ڪونه پئي اچي ته اسان وري ترڪي نه پيا سمجهون.

زبان يا رمن ترڪي

مني ترڪي نمي دانم

ڏادي مشڪل سان مترجم ذريعي سمجهوسين. انگريزي ٻوليءَ جي اهميتَ جو احساس ترڪن کي هيو ۽ هنن اڻ سڌي طرح ان ڳالهه کي مڃيو به. سائنس جي ترقي ۽ تجارت ۾ واڌ دنيا کي قريب ڪري ڇڏيو آهي. دنيا ۾ تحقيقي مواد، ڪتاب ۽ رسالا جيترا انگريزي زبان ۾ شايع ٿين ٿا، اوترا شايد ئي ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ ٿيندا هوندا. مون کي انگريزيءَ جي اهميت جو احساس روس ۾ ٿيو، جتي پنهنجي Ph.D جي ٿيسس (Thesis) لکڻ لاءِ جيڪو مواد مليو ان جو نوي سيڪڙو انگريزي ٻوليءَ ۾ هيو. هينئر ته ”نيٽ“ (Internet) ايڏي آساني ڪري ڇڏي آهي جو ڪتابن ڏي ماڻهو پوءِ تو وڃي اڳ ۾ انٽرنيٽ تان مواد ڪنو ڪري ٿو وٺي. اسان کي اڳ ۾ انسائيڪلوپيڊيا جا ٿلها ۽ مهانگا ڪتاب خريد ڪرڻا پوندا هيا ۽ لائبريري وارا فخر سان ڏيکاريندا هيا پر اڄ جي نوجوان کي انسائيڪوپيڊيا وٺڻ جي ضرورت ئي نه آهي، مارڪيٽ ۾ هر موضوع تي CD/DVD ملن ٿيون ۽ سڀ کان سستيون پاڪستان ۾، جڏهن ته آمريڪا ۽ يورپ ۾ ڏاڍيون مهانگيون آهن. انگريزي ٻوليءَ جو اُسرندڙ ۽ ترقي پذير ملڪن تي وڏو احسان آهي، يورپ ۽ آمريڪا ۾ لکين ڊالر خرچ ڪرڻ


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ڪان پوءِ ڪا ايجاد ٿئي يا ڪو نئون ڪتاب اچي ته اسان وٽ مارڪيٽ ۾ اُهو ڪتاب يا ان جي سي.ڊي چند سون ۾ مليو وڃي. اسان وٽان تعليم حاصل ڪري ٻاهر ويل شاگردن پاڻ مڃرايو آهي ۽ ان جو هڪ وڏو سبب اهيو آهي جو هتي اعليٰ تعليم اڄ به انگريزيءَ ۾ آهي.

ڳالهه پئي ڪئي سين اسڪول جي وزٽ جي، وڃي نڪتاسين الائي ته ڪٿي؟ اهي اتوَ حال اسان پروفيسرن جا! وزٽ پوري ٿي ته اسان کي ٽين منزل تي ڊائننگ هال ۾ وٺي ويا. اڳ ۾ بوٽ لاهي، صاف اڇي رنگ جون چپلون پائي هال ۾ وياسين، سٺي ۽ صاف سٿري لنچ هئي. ان کان پوءِ مٺي ڊش "بڪلاوا" کاڌيسين، واهه جو ذائقو هيس پر ڏاڍي مٺي هئي، ڪير سائين ٻن چمچن کان وڌيڪ کائي! پر ميڊم حميده کهڙو صاحبه ان ڊش سان پورو پورو انصاف ڪيو. اسان جي ميزبانن جو سندس رغبت ۽ چاهه "بڪلاوا" سان ڏٺو ته هر لنچ ۽ ڊنر تي اها ڊش هجي ئي هجي، ايتري قدر جو واپسي ۾ ڪيس به پاڪيٽ گهر کڻي وڃڻ لاءِ به ڏنائون.

ڪيسري هڪ سهڻو ۽ نهايت وڻندڙ شهر آهي، مونکي اسلام آباد وانگر لڳو. روڊ رستا صاف سترا ۽ ويڪرا، عمارتون سهڻيون ۽ نيون، رش گهٽ، دوڪانن ۽ شاپنگ سينٽرن ۾ سامان جام. سراسري طور ڪيسري هڪ ٿڌو شهر آهي، ڊسمبر ۽ جنوري ۾ ٽيمپريچر مائينس ڏهه ڊگري سينٽي گريڊ تائين هليو وڃي، ۽ اونهارو نهايت خوشگوار ٿئي ۽ ويهه ڊگري کان مٿي گرمي پد نه ٿئي.

ترڪيءَ جو نقشو کڻي ڏسندا ته ڪيسري بلڪل وچ ۾ نظر ايندو، تاريخي لحاظ کان ڪافي قديم شهر آهيُ، پراڻي دور جي واپار جي روٽ "شاهراهه ريشم" به هتان ئي گذري پئي، جيڪا اڳتي هلي چين کان ٿيندي پاڪستان جي اتر کان اسان ڏي اچي. دنيا جي ان قديم ترين رستي تي واهه جو واپري هليا، اُنن ۽ خچرن تي، ڪچو پڪو رستو، وچ ۾ آرام ڪندا، مال خريد ڪندا ۽ کپائيندا هلندا هيا. واٽ تي ڌاڙيلن ۽ لٽيرا به سندن مال ڦريندا هيا ته ڪڏهن ڪڏهن ڪو واپاري مارجي به ويندو هيو، بس سندن ڪاروبار ۽ ڏنڌو جو اهو هيو ته هو ٻئي پاسي وڃڻ جو سوچيندا به ڪو نه هيا.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

پاڪستان ۾ چين جي تعاون سان خنجراب کان اسلام آباد تائين ”شاهراھ ريشم“ ناهي وئي آهي. جنهن کي هن دور جو هڪ شاهڪار سڏيو ٿو وڃي. اٽڪل ساڍا اٺ سو ڪلوميٽر روڊ آهي، جيڪو جبل ڪٽي ناهيو ويو آهي، واٽ تي نديون، نالا، پليون، ڳوٺ، آباديون وغيره آهن. ”پاشا ديا مير ديئر“ به اتي ئي ناهيو پيو وڃي. سلام آهي چيني مزدورن ۽ انجنيئرن کي جن جانيون قربان ڪري اهو رستو ناهيو جيڪو پاڪستان جي اترين علائقن لاءِ خوشحالي ۽ ترقيءَ جو سبب بڻيو. هينئر حڪومت پاڪستان ان ڊيم لاءِ چڱا خاصا پيسا منظور ڪيا آهن. وڌندڙ آبادي ۽ پاڻيءَ جي کوٽ کي منهن ڏيڻ لاءِ، اسان وٽ مناسب ذريعا نه آهن. ويتر جو انڊيا پاڻ وٽ وڏا ڊيم ناهي اسان جو پاڻي روڪيو آهي، ان ڪري پنجاب جو دريا ”چناب“ صفا سڪي ويو آهي. اسان لاءِ به چڱو اهو ٿيندو ته مناسب هنڌن تي ننڍا ڊيم به ناهيون، جيئن پاڻيءَ جي کوٽ کي منهن ڏئي سگهجي ۽ ڪالاباغ ڊيم واري عذاب مان به جان ڇٽي.

پاڪستان جي سيني تعليمي بورڊن جي هڪ گڏيل سرڪاري تنظيم آهي آءِ بي سي سي IBCC، جيڪا وزارت تعليم، حڪومت پاڪستان جي زير انتظام آهي. ان اداري تحت ملڪ جي سيني بورڊن جا چيئرمين ۽ وزارت تعليم جا آفيسر، هر ٽئي مهيني گڏجاڻي ڪري قوانين ۾ هڪجهڙائي آڻڻ، ملڪي سطح تي ميٽرڪ ۽ انٽر جي شاگردن وچم راندين جا مقابلا ڪرائڻ، باهرين ملڪن مان پڙهي آيل پاڪستاني شاگردن جي ڊگرين کي مساوي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو ڪم ڪندا آهن. ان طريقي موجب IBCC جو هڪ سو ويهون اجلاس گلگت ۾ رکيو ويو هيو ۽ اسان جي ميزباني ”قراقرم انٽرنيشنل يونيورسٽي گلگت“ وارن ڪئي. IBCC جو هڪ سال لاءِ چيئرمين پڻ مقرر ڪيو ويندو آهي. 2007ع ۾ اهيو اعزاز مون کي مليو ۽ سکر بورڊ جي 29 سالن جي تاريخ ۾ پهريون دفعو ائين ٿيو هيو. مارچ 2008ع ۾ IBCC جي ميزباني اسان جي سکر بورڊ طرفان ڪئي وئي ۽ مان ڪين لاڙڪاڻي به وٺي ويس جتي پاڪستان جي سيني بورڊن جي چيئرمينن شهيد بينظير ڀٽو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي مزارن تي


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

فاتحہ پڙهي، ان مهل سيني جي اکين ۾ ڳوڙها هيا ۽ ماحول ڏاڍو سوڳوار ٿي ويو هيو.

گلگت واري ميٽنگ ۾ اسان اسلام آباد کان PIA جي فلائيٽ ۾ وياسين، وڃڻ مهل اسان سان گڏ، اسان جو دوست انوار احمد زئي چيئرمين ڪراچي بورڊ بہ هيو، واپسيءَ ۾موسم جي خرابي سبب سڀ فلائيٽون ڪينسل ٿي ويون ۽ مون کي ڪار ذريعي راولپنڊي بورڊ جي چيئرمين ڊاڪٽر افتخار بيگ سان اسلام آباد اچڻو پيو. ڏاڍو ڏکيو ۽ ٻارنهن ڪلاڪ ڏگهو سفر هيو، پر يادگار ٿي ويو، اسان کي اُتريان علائقا (Northern Areas) ڏسڻ جو هڪ ٻيرو وري موقعو تڏهن مليو، جڏهن آءِ بي سي سي (IBCC) جو 125وون اجلاس، 28-29 سيپٽمبر 2009ع تي اسڪردو ۾ رکيو ويو. ان موقعي تي مان پنهنجي گهرواري ۽ ننڍي نياڻي ڪونج کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي ويس.

پاڪستان جا اهي علائقا، ملڪ جي اُترين حصي ۾ آهن ۽ 1948ع ۾ اسان سان شامل ٿيا. سندن ايراضي 27188 اسڪوائر ميل آهي ۽ آبادي 20 لکن جي لڳ ڀڳ ٿئي. هنن علائقن ۾ شروع کان وٺي راجا ۽ والي حڪومت ڪندا رهيا، تانجو 1972ع ۾ جڏهن وفاقي حڪومت طرفان رياستون ختم ڪيون ويون تہ هي علائقا حڪومت پاڪستان جي براهہ راست ڪنٽرول ۾ اچي ويا ۽ ماڻهن کي راجائن مان نجات ملي. 1948ع کان 2009ع تائين هن خطي کي "اُتريان علائقا" ڪري پئي ڪوٺيو ويو پر آخرڪار عوام جي پرزور مطالبي تي "گلگت بلتستان" جو نالو رکيو ويو آهي ۽ 12 آڪٽوبر 2009ع تي عام انتخابات جو اعلان ڪيو ويو آهي، جنهن کان پوءِ هتي جي عوام کي پنهنجو منتخب وزير اعليٰ ملي ويندو.

قدرتي حسن ۽ نظارن سان مالا مال هي علائقو، اونهاري ۾ جنت جي ڏِکَ ڏئي ٿو. هزارن جي تعداد ۾ ملڪي ۽ غير ملڪي سياح هن پاسي اچن ۽ گرمين ۾ بہ ٿڌي موسم جو مزو وٺن. اسڪردو جي علائقي "شنگريلا" ۾ اسان رهياسين، جتي چئني طرفن کان صوفن جا وڻ ۽ انگور جون وليون هيون ۽ ڪاٺ جي منع بہ ڪونہ هئي. هن علائقي ۾ قراقرم، هندوڪش، هماليہ، K-2 ۽ ٻين نالن سان 109 جبل،


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

82 گليشيئر ۽ 12 دريا آهن. ڪارگل، دراس ۽ سياچين وٽان انڊيا سان سرحدون لڳن ٿيون، هڪ طاقتور، نئين جيپ ۾، اسڪردو کان 40 ڪلوميٽرن تي ”ديوسائي پلين“ ڏسڻ وياسين جيڪو جبلن ۾ چڙهائي واري ڏاڍي ڊپائتي ۽ خطرناڪ رستي کان پوءِ آيو. اسان سان گڏ عبدالسلام خواجه ۽ قادر بخش رند به هيا. اونهاري ۾ اهيو علائقو ڏاڍو سهڻو ٿيو وڃي.

ڳالهه پئي ڪئي سين شهر ”ڪيسري“ جي خوبصورتي ۽ شاهراهه ريشم جي ته وڃي نڪتاسين چين، تازي ٿيل آدمشماري موجب هن شهر جي آبادي ساڍن پنجن لکن جي لڳ ڀڳ آهي ۽ اُن جي ويجهو آباديون، ننڍا وڏا ڳوٺ به ڳڻجن ته پنج لک کن اُهي به ٿيندا، انهن جو واپار وڻج ۽ ڪم ڪار سانگي ڪيسري اچڻ وڃڻ روز جو آهي. ترڪ انقلاب کان اڳ اتاترڪ ٽن ڏينهن لاءِ هن شهر ۾ آيو ۽ جنهن عمارت ۾ سندس قيام ٿيو، اُها عمارت هينئر هڪ ميوزيم آهي.

ترڪ ڪيترو به پاڻ کي سيڪيولر سڏائن پر سندن اندر ۾ ليئو پائبو ته پڪا مسلمان آهن. مسجدون نهرائڻ جو شوق سندن پراڻو آهي، هن شهر ۾ به ڏاڍيون مسجدون آهن، ڪجهه ڏسڻ وٽان جيڪي اسان کي ڏيکاريون ويون تن جا نالا آهن. Hutuniya Mosque, Hon Mosque, Cami Kebir Mosque, Lal Pasha Mosque, Guluk Mosque اهي سڀ نالا ترڪي زبان ۾ آهن ۽ ائين ئي لکيا اٿم جيئن مون پڙهيا، معنيٰ مونکي به ڪونه پئي اچي. ڪجهه پارڪ به ڏٺاسين جهڙوڪ Kultur Park, Kayseri Park, Bestpeten Park وغيره، اهي سڀ ميونسپل طرفان نهرايل هيا ۽ سٺي حالت ۾، سرسبز ۽ رنگين گلن سان چمڪن پيا، ماڻهو ڇٻر تي قدم ڪونه پيا رکن، بينچن تي ٻارڙن ۽ عورتن سان ويهي، مزو پئي ورتائون.

شهر ۾ هڪ سائنس جي حوالي سان سٺي ميوزم به آهي. City Mimarsinan جي نالي سان، اُها به گهمايائون.

جيئن اسلام آباد کان مارگلهه پهاڙين جو نظارو وڻندو آهي، ته هتي به ڪيسري شهر جي ٽن طرفن کان خوبصورت برف پوش جبل


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

آهن، جتي سياري ۾ يورپي سياح اچي موسم جو مزو وٺن. حڪومت به خوبصورت جڳهون خاص سياحت لاءِ نهرايون آهن. جن جا ترڪ نالا Goreme ۽ Sognali آهن، معنيٰ اسان به ڪونه پڇيسين. شهر جي اولهه ۾ پنجويهه ڪلوميٽر پري Erciyes جو مشهور جبل آهي، جيڪو سرسبز ۽ خوبصورت آهي، سمنڊ جي سطح کان چار هزار ميٽر مٿي ۽ سياحن لاءِ جنت.

ڪيسري کي عالمن جو شهر به ڪري ڪوٺيو ويندو هيو جو اُتي 15 وڏا ديني مدرسا هيا. انهن مان هڪ اهڙو به مدرسو هيو، جتي ذهني مريضن (چرين) جو علاج به ٿيندو هيو. اسان کي اُهو به ڏيکاريائون اُن زماني ۾ جڏهن يورپ وارا ذهني مريضن کي زنجيرن سان ٻڌي ڇڏيندا هيا، اُن زماني ۾ ڪيسري واري مدرسي ۾ (جنهن کي اسپتال چئون ته مناسب ٿيندو)، چرين جو علاج مختلف آواز ٻڌائي ڪندا هئا.

اهو مدرسو هينئر ميوزيم آهي ۽ سندس نالو آهي ”گوهر نصيب ميڊيڪل ميوزيم“ Gevher Nesibe Medical Museum

ڪيسري شهر کان ٿورو پري ڪلاڪ کن جي پنڌ تي هڪ وڏي قدرتي ڍنڍ آهي، جتي اونهاري ۾ مختلف قسمن جا پاڻيءَ وارا پکي اچن، آنا ڏئي ٻچا ڪن، ڪي رهي پون ته ڪي واپس وڃن، ڍنڍ جو نمونو ساڳيو جيئن اسان وٽ هاليجي، ڊگهه، ڪينجهر ۽ منڇر، فرق اهو هيو ته هتي پکي مارڻ جي سختيءَ سان منع ٿيل هئي، تنهن ڪري ڪو وڏيرو يا زميندار يا سندن ڪمدار يا ڪو داداگير هٿ ۾ بندوق کڻي نه ٿو اچي سگهي. ويچارا پکي مزي مزي سان وينا منيون ٻوليون ڪن، هڪ ٻئي سان چهنبيون ملائي پيار ونڊن، ماديون آنن مٿان وينيون آرو ڪن ۽ سياح ڪئميرائن سان فوٽو ڪڍن ته ڪي مووي پرن، اُتي ٻڌايائون ته ان ڍنڍ تي پکين جو تعداد هزارن ۾ آهي ۽ ٽي سو کان مٿي قسم ٿين. لڳي ٿو لطيف سائين به ڪراڙ ڍنڍ تي اهڙو ڪو نظارو ڏسي چيو:

وڳر ڪيو وتن، پرت نه ڇنن پاڻ ۾،<br>
پسو پکيئڙن ماڙهنئان ميٺ گهڻو.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

پڙهندڙن جي دلچسپي لاءِ ٻڌائيندو هلان ته ”ڪينجهر ڍنڍ“ ۾ 1970ع جي WWF پاران رپورٽ مطابق ڏيڍ لک پکي هيا، جيڪي هينئر 2009ع ۾ گهٽجي 1750 بچيا آهن! سياري جي موسم ايندي ئي، روس کان هزارين پکي اُڏامي اچي سنڌ جي ڍنڍن تي لهن، پوءِ اسان جا مقامي ۽ عرب شڪاري، پرمٽون نهرائي نه رڳو پکي مارن، پر ان سان گڏوگڏ ناياب ۽ قيمتي جانورن جو به شڪار ڪن.

اسڪول جي وزٽ کان پوءِ اسان کي ”سيد برهان الّدين“ جو مقبرو ۽ ويجهي وارو علائقو ڏيکارڻ وني هليا، هي بزرگ سڳورا مولانا جلال الدين روميءَ جا اتاليق ۽ استاد هيا. مولانا اڪثر علوم ۽ بيانن هن بزرگ کان سکيا. مقبرو انتهائي دِل آويز، صاف ۽ سنو هيو. ان جي پر وارو، بلڪل لڳ قبرستان به سٺي حالت ۾ هيو، وڏڪار جي ڪري قبرن متان چانوَ هئي، مقبري جي ٻاهران سيمينٽ جون بينچون هيون، مرد اندر فاتحه پڙهڻ پئي ويا ته عورتن ٻاهر بينچن تي ٻارن سان ويهي انتظار پئي ڪيو. هڪ به فقير ۽ موالي نظر نه آيو! ان ڪم ۾ اسان خود ڪفيل آهيون، ترڪن کي صلاح ڏجي ته ڪجهه موالي اسان وٽان گهرائي پنهنجي درگاهن جي رونق ۾ اضافو ڪن! فقيرن ۽ موالين کان بنان ترڪي جون سڀ درگاهون ٻسيون لڳيون، بزرگ جي قبر تي چار قُل پڙهي دعا گهريسين.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# ترڪيءَ جو نظام تعليم

درگاھ تي دعا گھري واندائي مس ٿياسين تہ گاڏين ۾ ويهاري "ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن، ڪيسري" جي آفيس ۾ اچي لاٿائون. ترڪيءَ جي ڪنهن بيورو ڪريٽ سان اسان جي اهيا پهرين ملاقات هئي. ڪشاده آفيس ۽ ڪئي منزلہ بلڊنگ هئي، مرد ۽ عورتون گڏ پيا ڪم ڪن، عورتن ڪي نقاب يا برقعو پائي ۽ مردن کي ڏاڙهيءَ سان سرڪاري ملازمت تي اچڻ جي پابندي آهي، عورتون اسڪرٽ ۾ تہ مرد پينٽ شرٽ يا فل سوٽ ۾ هيا. ترڪيءَ جو قديم لباس ڪو گهر ۾ پائي تہ نيڪ ورنہ ٻاهر ڪونہ ڏٺوسين. اسڪارف پائي عورتون شهر ۾ گهمن پيون، پر آفيس ۾ ڪنهن کي اسڪارف بہ ڪونہ هيو.

آفيس ۾ آياسين تہ هڪ خاتون اسان جا هٿ ڌئاريا، ڪو پرفيوم يا يوڊي ڪولون هو پر واھ جي خوشبو هيس. ڊائريڪٽر صاحب Mr. Erdsan Ayatd پنجاھ سالن جي قريب، سٺي شخصيت جو مالڪ، بردبار ۽ پروقار لڳو، هي ڊائريڪٽوريٽ سرڪاري ۽ پرائيوٽ اسڪولن لاءِ هڪ جهڙي قانون، ڪتاب ۽ ڪريڪيوليم تحت ڪم پئي ڪري ۽ اسان کي ٻڌايو ويو تہ پوري ترڪيءَ ۾ ساڳيو طريقئہ ڪار آهي.

اسان جي دوري جو اصل مقصد "ترڪيءَ جي نظام تعليم" جو مطالعو هيو، اُن ڪري اسان کي تعليمي ادارا ڏيکارڻ پيا ۽ انهن سان وابستہ ماڻهن سان ملاقاتون بہ پئي ڪرايائون. واپسيءَ تي هوٽل ۾ اسان جي وفد وارن، پاڻ ۾ ان موضوع تي کلي پئي ڳالهايو ۽ پنهنجي ملڪ ۾ هلندڙ تعليمي سرشتي سان ڀيٽ بہ پئي ڪئي. اچو تہ



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

پنهنجي ملڪ ۾ موجوده تعليمي نظام جو هڪ مختصر جائزو ونون، مون کي اُميد آهي تہ پڙهندڙن کي ان ۾ ڪافي مواد ملندو.

اسان جو موجوده ۽ مروج تعليمي سرشتو ٽن حصن ۾ ورهائجي چڪو آهي ۽ شايد ايئن چوڻ مناسب ٿيندو تہ ”طبقاتي نظام تعليم“ پڪو ۽ پختو ٿي چڪو آهي، جنهن کي ختم ڪرڻ في الحال تہ ممڪن ڪونہ ٿو لڳي. ان طبقاتي نظام جا هينيان ٽي حصا آهن:-

1. اميرن جي ٻارن لاءِ: پرائيوٽ انگلش ميڊيم، او ليول ۽ اي ليول ڪيمبرج سسٽم.
2. وچولي طبقي جي ٻارن لاءِ: سرڪاري اسڪول ۽ ڪاليج
3. غريبن جي ٻارن لاءِ: ديني مدرسا.

تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ مستقبل جا موقعا بہ ان حساب سان ورهايل آهن: پهرين طبقي وارن جا ٻار يا تہ ٻاهر هليا ويندا يا ڪين ملنديون سٽيپيون ۽ اهم نوڪريون، ٻئي طبقي وارن جا ٻار ٿيندا، ليڪچرار، ڊاڪٽر، ڪلارڪ، ماستر ۽ سپاهي وغيره، ٽين طبقي وارن جا ٻار ٿيندا مولوي يا موذن.

ڪو وقت هيو جو اسان جي ملڪ ۾ پرائيوٽ اسڪولن جو رواج ڪونہ هيو، اُن ڪري اميرن، وچولي طبقي ۽ غريبن جا ٻار هڪ اسڪول ۽ ساڳي بينچ تي ويهي تعليم پرائيندا هيا. تن ڏينهن ۾ اسڪولن جي مالڪي بہ هئي، جڏهن کان اميرن ۽ اعليٰ سرڪاري عملدارن پنهنجي ٻارن کي سرڪاري اسڪولن مان ڪڍرائي، پرائيوٽ اسڪولن يا پبلڪ اسڪولن ۾ جو داخل ڪرايو آهي تہ سرڪاري اسڪول ننڌڪا ٿي پيا آهن، جتي نہ اُستاد پورا، نہ فرنيچر ۽ نہ ئي آهي ڪنهن سائنس ليب ۾ پورو سامان. سال جي 365 ڏينهن مان، بمشڪل 90-80 ڏينهن ڪلاس ٿين، ڪي استاد سڳورا گهر ويٺي پگهارون کڻن، تہ ڪن کي پڙهائڻ ڪونہ اچي. باقي جيڪي پنهنجي سبجيڪٽ ۾ چڱا آهن، اُنهن جي توجہ جو مرڪز ڪوچنگ سينٽرن ۾ پڙهندڙ شاهوڪارن جا ٻار آهن. غريبن جي ٻارن کي اتي بہ لفٽ ڪونہ ملي!


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

جيئن تہ دیني مدرسا ۽ اُتي پڙهندڙ ٻار، وڏيڪ ڏيان گهرن ٿا، اُن ڪري اهيو احوال ٿورو تفصيل سان ڪيان ٿو.

جولاءِ 2009ع ۾ ملڪ جي هڪ مستند اداري طرفان ڪرايل سروي موجب، ملڪ ۾ 16662 مدرسا آهن، جن مان 4509 مدرسا حڪومت جي پهچ کان ٻاهر آهن، اُتي سَوَنِ جي تعداد ۾ غير ملڪي طالب علم بہ آهن، جن جي قانوني حيثيت مشڪوڪ آهي، باقي 12153 مدرسن جي خرچ جو حساب ڪتاب ڪيو ويو آهي، جيڪو 2 ارب، 72 ڪروڙ، 35 لکن کان ڪجهہ وڌيڪ آهي. ۽ شاگردن جو تعداد ويهن کان پنجويهہ لکن جي لڳ ڀڳ آهي.

اسان سيني کي اهيا حقيقت مڃڻي پوندي تہ، ايترا سارا مدرسا بند ڪرڻ ممڪن ڪونہ آهي، منهنجي راءِ ۾ تہ مدرسن جي انتظاميہ ۽ حڪومت کي طالبن جي مستقبل بابت سوچيندي، ديني تعليم سان گڏ انگريزي، سائنس ۽ حساب جا سبجيڪٽ پڙهائڻ خاطر ڪونہ ڪو بندوبست ڪرڻو پوندو. جيڪا سليبس، ڪريڪيوليم ۽ ڪتاب سرڪاري اسڪولن جي ٻارن لاءِ آهي، اهو ساڳيو نظام مدرسن کي بہ قبول ڪرڻ گهرجي تہ جيئن مدرسن مان پاس ٿيندڙ ٻار ديني تعليم سان گڏ موجوده دور جي علم کان محروم نہ رهجي وڃن. جيڪڏهن مدرسا انتظاميہ کي موجوده تعليمي بورڊن سان الحاق ڪرڻ ۾ ڪا ڏکيائي آهي تہ هنن لاءِ وفاقي سطح تي هڪ ڌار تعليمي بورڊ بہ جوڙي سگهجي ٿو.

ڪيسري جي ڊائريڪٽر تعليم اسان کي ٻڌايو تہ انين ڪلاس تائين تعليم لازمي آهي ۽ اسڪول نہ ويندڙ ٻار جا والدين سزا ڪائي ويندا، ان ڪري اسان کي ڪوبہ ٻار گهٽين ۾ رلندي، گيراج تي ڪم ڪندي يا پنندي نظر نہ آيو.

شام جو چيمبر آف ڪامرس ۽ انڊسٽري طرفان سندن هيڊ آفيس ۾ هلڪي ڦلڪي گڏجاڻي رکي وئي، جتي ڪيڪ ۽ ڪافيءَ سان اسان جي سٺي طرح خاطر تواضع ڪئي وئي. ترڪش ڪافيءَ جو بہ جواب ناهي، گهاٽي ۽ بنا کير واري، سياري ۾ تہ دوا طور ڪم اچي جو سيءَ کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ڪري. روس ۾ جيئن تہ ٿڌ اجان


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

به وڏيک هئي، اُتي ان ۾ برانديءَ جا ڪي قطرا وجهي پوءِ پيئڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ، ان طرح جسم کي ڪافي دير تائين گرمائش ملي. ترڪيءَ مان واپسيءَ تي ڪافيءَ جا ڪجهه ڊبا آندم، پر گهر ۾ ڪو نه ٿاهي سگهياسين، جو اُن لاءِ اُها ڪيتلي ڪونه هئي، جنهن ۾ ڪافي کي ڳاريو وڃي، بس گهر ۾ رکي رکي ضايع ٿي وئي.

چيمبر جي دفتر ۾ هڪ ليڪچر هال هيو، جتي Office Management "آفيس جي انتظام" جي عنوان تحت هڪ ڪورس هلي رهيو هيو. جنهن ۾ ٽيهه کن مرد ۽ عورتون شريڪ هيا، جيڪي سڀ جا سڀ ملازم پيشه هيا ۽ ان ڪري شام جا ڪلاس پيا اٽينڊ ڪن، يونيورسٽيءَ جو هڪ پروفيسر ليڪچر ڏئي رهيو هيو. اسان کي دعوت ڏنائون ته سرڪاري دفترن ۾ "انتظامي معاملن جي مسئلن ۽ ڏکيائين" بابت ڪا ڳالهه ٻولهه ڪيون. پنهنجي وفد پاران مون کي چيو ويو ته ان موضوع تي ليڪچر ڏيان. مون کين ٻڌايو ته هڪ سينيئر سرڪاري آفيسر کي ڪيترو نه ذهني دٻاءُ رهي ٿو ۽ قانون جي دائري ۾ رهندي، هُن لاءِ ڪيڏو نه ڏکيو ڪم آهي ته هو پنهنجي وزير يا وزير اعليٰ کي مطمئن ڪري ۽ قائدن جي ڀڃڪڙي به نه ڪري. ٻڌندڙن جي اڪثريت ڇوڪرين جي هئي، منهنجي ليڪچر کان پوءِ هڪ ڇوڪريءَ ٽٽل ڦٽل، اڌو ڳابري اردو ۾ هڪ سوال ڪيو، هن ڪنهن مقامي يونيورسٽي جي "شعبه اردو" ۾ ٻولي سکي هئي، پر هن سان اردو ۾ ڳالهائڻ وارو ڪوبه ڪونه هيو، بهرحال هُن سان ڳالهائيندي ڏاڍو وڻيو. هال مان ٻاهر نڪتاسين ته وقفو ٿيو ۽ ان ڪورس ۾ شريڪ ٿيندڙ به ٻاهر اچي ويا، اهو ڏسي ڏاڍو اچرج ٿيو ته اڪثر مرد ۽ عورتون سگريٽ ڇڪڻ ۾ لڳي ويا! الائي ته ڇو مون کي سگريٽ ڇڪيندڙ عورتون بنهه ناهن وڻنديون، جو انهن جي وات مان "ايش ٽري" وانگر هڪ مخصوص بوءِ ايندي آهي.

رات جو اسان کي "Kadir Tower" نالي سان شهر جي مشهور بلڊنگ جي آخري منزل تي نهيل ريسٽورينٽ ۾ ڊنر ڏني وئي. اتان "ڪيسري" شهر جو نظارو به ڪيوسين ۽ ڊنر جو مزو به ورتوسين. هڪ ڳالهه اسان نوٽ ڪئي ته لنچ يا ڊنر، جيڪي اسان کي ڏنيون


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ويون، اُن ۾ عورتون شريڪ ڪونه ٿيون، حالانڪ اسان جي وفد جي اڳواڻ ميڊم حميده کهڙو سان ڪجهه عورتن جو هجڻ سنو لڳي ها.

”قادر ٽاور“ هڪ سهڻي ۽ جديد عمارت هئي، جيڪا ڪئي منزله هئي، جنهن ۾ هيٺ دڪان ۽ آفيسون هيون ته مٿي عاليشان ريسٽورينٽ. ”قادر“ نالي سان هڪ واپاريءَ اها عمارت وڏي شوق ۽ خرچ سان ٺهرائي پر پوءِ لوڪل ميونسپل کي گفٽ ڪري ڇڏيائين، هينئر ميونسپل وارا پيا نوٽ ڪمائين! پر شاباس اٿن جو بلڊنگ جي پوري پوري سار سنڀال رکيو اچن.

ٻئي ڏينهن تي رٿيل پروگرام موجب، ڪيسري جي مشهور ترين يونيورسٽي گهمڻ وياسين، شهر جي چوڏاري جابلو سلسلي سان منسوب Ercyies University ڪيسري شهر ۽ آس پاس وارن ننڍن وڏن شهرن ۽ ڳوٺن لاءِ وڏي ۾ وڏي درسگاهه هئي، مين ڪيمپس، هاسٽلون، ڪلاس روم، سائنسي ليبارٽريون، سڀ جديد فرنيچر ۽ سامان سان ڀريل هيون، ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، سون جي تعداد ۾ اچن ۽ وڃن، بس رونق لڳي پئي هئي، نه هئي ڪا سياسي تنظيم ۽ نه ئي هيا ڪٿي ديوار تي چاڪنگ يا پوسٽر ۽ جهنڊا. يونيورسٽيءَ جي زير انتظام ست ڪاليج هيا، جن ۾ ڇئن سالن جو ڊگري ڪورس پئي ڪرايو ويو، ڏهه کن ريسرچ ادارا ۽ هڪ جنرل اسپتال پڻ هئي، جنهن ۾ 1350 بسترا هيا، ان سان گڏوگڏ ڪي اسپيشل وارڊ به هيا. 247 شاگردن مختلف سبجيڪٽس ۾ Ph.D پئي ڪئي، 300 کن غير ملڪي شاگرد به هيا، استادن جو ڪل تعداد 1000 جي لڳ ڀڳ هيو.

جديد ترڪيءَ جي باني ”ڪمال اتاترڪ“ هن ملڪ جو آئين ۽ ڍانچو سيڪيولر بنيادن تي ڪڙو ڪيو. هر وزارت ان مقصد کي حاصل ڪرڻ ۽ مضبوط ڪرڻ ۾ رڌل هئي، ڪا ڪوتا يا سفارش نه هئي، سائنس جا مضمون، اڪنامڪس، ڪمپيوٽر، ادب ۽ ٻوليءَ جي شعبا مضبوط ۽ وڏا هيا، بس هڪ ڪمي هرجاءِ تي محسوس ڪئيسين ته اعليٰ تعليم به ترڪي زبان ۾ هئي، ان ڪري هُنن غير ملڪين سان ڳالهائڻ ۾ هٻڪ پئي محسوس ڪئي!


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com



انقره ـ ڪمال اتاترڪ جي مقبري اڳيان ميدان ۾



استنبول يونيورسٽي

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com



انقره ـ ڪمال اتاترڪ جي شاندار مقبري آڏو دعا گهرندي



انقره ـ ۾ عصمت انونو جي قبر پرسان

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com



استنبول - نيري مسجد جو هڪ ٻاهريون نظارو



استنبول - صوفيہ مسجد ۽ چرچ جي ٻاهران

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اسان کي لنچ ڪيسريءَ جي مشهور ريسٽورينٽ ”اليگزيندرا“ ۾ ڏني وئي. جتي سني ۽ لذيذ ماني سان گڏ يورپين ۽ ترڪش ڊشز سان سنو تعارف ٿيو. ”شوارما“ نالي هڪ ڊش تي ڪافي گفتگو ٿي. سعودي عرب ۾ نوڪريءَ دوران اها ڊش اسان جي ٻارن کي ڏاڍي وڻندي هئي. ننڍي گوشت ۽ سلاد سان يا ڪڪڙ جي گوشت ۽ سلاد سان ڪائڻ ۾ مزيو ايندو هيو. سعودي ٻڌائيندا هئا ته اُها سندن ڊش آهي، جڏهن ته ترڪن دعويٰ ڪئي ته اُنهن جي ايجاد آهي. ڪراچيءَ ۾ بوٽ بيسن تي هينئر ”شوارما“ ملي ٿي ۽ ڪنهن به طرح ذائقي ۾ سعودي يا ترڪيءَ وارن کان گهٽ نه آهي.

رات جي ماني چيمبر آف ڪامرس جي صدر پنهنجي گهر تي ڪئي. اسان سمجهيوسين ته ايڏو شاهوڪار سيٺ ڪنهن چار هزار گز جي بنگلي ۾ ته رهندو هوندو، پر سندس ٻن بيڊ روم وارو فليٽ ڏسي حيرت ٿي، وڌيڪ حيران اجان به ٿياسين، جڏهن سندس گهرواريءَ سڄي ماني پاڻ ڪئي، ٽيبل تي لڳائڻ ۾ سندس مڙس ۽ هڪ سهيليءَ مدد ڪئي. ميزبان فيملي، ان دعوت ۾ اسان سان ساٿ ڏيڻ لاءِ هڪ واپاري دوست کي به گهرايو هيو، ٻنهي جون گهر واريون پاڻ ۾ سهيليون هيون. عورتن کي مٿي تي اسڪارف هيا ۽ بنا ڪنهن ميڪ اپ يا زيورن جي آرام ۽ سک سان پئي ڳالهايائون. ڪوبه نوڪر، بورچي يا خانسامان ڪونه هيو، به ٻار هين، جيڪي پاڻ ۾ پئي ڪيڏيا، ترڪ خاندان طرفان اهڙو آڌر ڀاءُ، محبت ۽ سک اڄ به ياد آهي. ترڪ پنهنجن گهرن ۾ ”ڏارين“ کي ڏاڍو گهٽ سڏائين، پر اسان کي اُن ڪري گهر سڏائي پنهنجن ٻچڙن سان گڏ ماني کارايائون جو هو پاڪستانين کي ڌاريو ڪونه ٿا سمجهن.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# انقره باءِ روڊ

ڪيسري ڪان انقره جو سفر تقريبن ساڍن پنجن ڪلاڪن جو هيو. ميزبانن هڪ ايئرڪنڊيشنڊ ڪوسٽر ڏنو، جنهن جو ڊرائيور ڪُردُ نسل جو هو. ترڪيءَ ۾ ڪُردن سان معاملو نيڪ نه پيو هلي، اڳتي هلڻ ڪان اڳ اوهان سان "ڪردن" بابت ڪجهه مختصر احوال ڪندو هلان، جيئن اوهان ڪنهن به اخبار يا ٽي ويءَ تي ان قوم جي حوالي سان ڪجهه پڙهو يا ٻڌو ته اوهان لاءِ اُها خبر بلڪل اوپري نه هجي. ڪُردَ ٽن ملڪن ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن، جيئن ترڪي، عراق ۽ ايران. فقط ترڪيءَ ۾ هيءَ قوم هڪ ڪروڙ 20 لکن ڪان ٿورو مٿي آهي. "ديار باقر" سندن علائقي جو وڏي ۾ وڏو شهر آهي ۽ سندن حقن لاءِ جاکوڙيندڙ پارٽي آهي "ڪردستان ورڪرس پارٽي" جنهن جو ليڊر "عبدالله اوڪلان"، موت جي سزا تحت ترڪي جي هڪ جيل ۾ بند آهي.

ڪردن ۽ ترڪ فوج ۾ جهڙپون گذريل ڪيترن سالن ڪان جاري آهن ۽ هن مهل تائين، ٻنهي طرفن جا گڏيل 40،000 ڪن ماڻهو مري چڪا آهن. ڪردن جا ڪيترائي اهم اڳواڻ جيلن ۾ بند آهن. "ليلا زانا" نالي هڪ خاتون اڳواڻ به اُنهن مان هڪ آهي، جيڪا تازو 9 سال جيل ڪاٽي ٻاهر نڪتي آهي، ڪيس به پيرا نوبل امن انعام لاءِ نامزد ڪيو ويو آهي ۽ "ايمنسٽي انٽرنيشنل" پاران به ضمير جي قيدياڻي قرار ڏنو ويو آهي. بهرحال اسان جو ڪُرد ڊرائيور سانتيڪي مزاج جو هڪ قابل شخص پئي لڳو، هُن جي ڊرائيونگ سني هئي، ۽ ڪٿي به گاڏيءَ جي رفتار ۾ اضافو نه ڪيائين ۽ هو مقرر حد ۾ هاءِ وي جي قانون ۾ رهيو، روڊ جي ٻنهي پاسن ڪان ٻنيون هيون ۽ ڪڻڪ جو



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

فصل تيار بيٺو هيو. ڪٿي لابارا بہ تي چڪا هيا، ڪڙمين جا ننڍا ننڍا ڳوٺ ۽ ڪٿي اڪيلا گهر نظر آيا، پر ڪوبہ ڪچو گهر، ڪکائين جهوپڙي يا ڪانن جو مَنهُ نظر نہ آيو، هر گهر جي مٿان سج جي روشنيءَ مان بجلي پيدا ڪندڙ هڪ ننڍو يونٽ نظر آيو. جنهن مان اندازو ٿي ويو تہ گهر ۾ بجليءَ تي هلندڙ سهوليتون بہ هونديون. بجلي پيدا ڪندڙ اِهي يونٽ ترڪيءَ جي پنهنجي پيداوار آهن ۽ قسطن تي عوام کي مهيا پئي ڪيا ويا، ياد رهي تہ ترڪي يورپ ۾ آهي ۽ اُتي سج جي روشني اسان کان گهٽو گهٽ آهي.

الله سائينءَ ترڪيءَ کي جهجهي مقدار ۾ پاڻيءَ سان نوازيو آهي، جديد زرعي اوزار، مناسب پاڻ ۽ سٺي ٻج جي ڪري ملڪ اناج، ميون ۽ ڀاڄين ۾ پاڻيرو آهي. ڪڻڪ، چولا ۽ ميوو تہ ٻاهر موڪلين، پر پاڻي بہ پيسن تي پاڙيسري ملڪن کي ڪپائي ڏين. زيتون (Olive) جو فصل بہ سٺو ٿئي، پاڻ بہ استعمال ڪن ۽ ايڪسپورٽ بہ ڪن، انجير ۽ ماکي بہ جام اٿن.

اٽڪل ٽن ڪلاڪن جي سفر ڪانپوءِ آرام خاطر، واٽ تي هڪ آباد ڳوٺ پرسان هوٽل ۾ ڪجهہ دير لاءِ ترسياسين، روڊ سائيڊ تي هئڻ ڪري ڪوڙ گاڏيون بيٺيون هيون، اسان بہ هلڪي ڦلڪي ريفريشمينٽ ڪئي، واش روم مان فارغ ٿي، وري اچي پنهنجي سيٽن تي ويناسين ۽ شام جو سج لهڻ مهل انقرہ پهتاسين.

انقرہ ڏاڍو ويڪرو ۽ ڪشادو شهر آهي، ڪافي پري کان ڪارخانہ، بنگلا، فليٽون، جايون ۽ آفيسون ڏسندا پوءِ اچي شهر جي وچ ۾ پنهنجي هوٽل تي پهتاسين، بس مان لٿاسين تہ ٿلفي تي وياسين، واهہ جو ٿڌي هوا هئي ۽ هلڪو هلڪو مينهن بہ پئي وسيو.

اسان جي رهڻ جو بندوبست ”هوٽل ميٽرو پوليٽن“ ۾ ڪيو ويو هيو، جيڪو 25 منزلن تي مشتمل هڪ شاندار نئون نڪور فائيو اسٽار هوٽل هيو، ڪائونٽر تي ڪمرو ونڻ وياسين اُتي اسان جي بڪنگ اڳوات ٿيل هئي. ڪائونٽر تي وينل ڇوڪريءَ هڪدم چابيون ڪڍي ڏنيون، پر سائين اسان ڇو تا پري ٿيون! هُن جي سونهن ۽ دلربا انداز ڏسي محسوس ٿيو تہ الله سائين ڪيس واندڪائيءَ ۾


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ناهيو آهي، گلاب جي عرق سان فرشتن وهنجاريو اٿس، نيريون اکڙيون ڪٽي جو نهاريائين ته وڃي ٿيا خير! بنا ڪجهه پيئڻ جي نشا چڙهي ويا، انگريزي صاف پئي ڳالهايائين، انداز ۾ شائستگي، نرمي، بردباري ۽ پنهنجائپ هيس، واهه مولا واهه، خالق آهين، بيشڪ ائين تو ناهين جو وڏيڪ ڪو سوچي به نه، اهڙا حسين انسان پيدا ڪندو ته خلق جو مٽو ته گهمندو نه؟

جهڙا گُل گُلابَ جا تهڙا مَٽين ويس
چوٽا تيل چَنبيليا، ها ها، هو هَميش
پَسيو سونهن سيد چئي نينهن اَچن نيش
لالڻ جي لَبيسَ آتڻِ اَکر نه اُجَهي
(شاهه)

مُومَل ڪي مِجازَ جا اکين ۾ اَلماس
نه ڪا عام نه خاص جيڪي وَيا سي وَڍيا
(شيخ اياز)

هوٽل ۾ مون ڪي ۽ عبدالحنان ڪي هڪ ڊبل بيڊ ڪمرو مليل هيو، اڄڻ شرط چانهن جي باڙ ڪنيو، روم ۾ ڪير، پتي ۽ ڪيٽلي جو هجي موجود ته پوءِ اسان چانهن چونه پيئون؟ کير پتي واري ڪڙڪ چانهن، شهداد ڪوٽي اسٽائيل جي ناهي جو پيتيسين ته ٿڪ به لهي ويا ۽ سيءُ ۾ به گهٽتائي آئي.

اسان جلدي تيار ٿي هيٺ لٿاسين، جو هڪ پرائيوٽ اسڪول وارن سان ٽائيم رکيل هيو، هي به رهائشي، نئون نهيل يارهين جماعت تائين ادارو هيو، فرنيچر ۽ سامان سان ڀريل، صاف سٿرو، پڪ سان وڏن ماڻهن جي ٻارن لاءِ هوندو.

”سينٽرل اناطوليه“ ۾ ڪيترائي شهر آهن، پر انقره سيني کان اهم آهي، پنهنجي دور ۾ هڪ ننڍڙو ڳوٺ هيو، جتي واپاري ”انگوره“ نسل جون ٻڪريون خريد ڪرڻ ايندا هيا ۽ سندس پراڻو نالو به ”انگوره“ ئي هيو، جيڪو پوءِ ”انقره“ ٿيو. 1923ع ۾ هن شهر جا پاڳ کليا جو ڪمال اتاترڪ هن کي ملڪ جو دارالحڪومت بنايو، ان کان اڳ ۾ سوين سالن کان وٺي استنبول گاديءَ جو شهر هيو.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

هينئر هن شهر جي آبادي 40 لکن جي لڳ ڀڳ آهي ۽ استنبول کان پوءِ ترڪي جو ٻيو نمبر وڏو شهر آهي. اسان جو هت قيام جو ٿورن ڏينهن لاءِ هيو، ان ڪري ڏينهن سان گڏ رات جو بہ دير تائين گھمائڻ جو پروگرام رکيو ويو هيو.

شهر جي وچم هڪ وڏو ۽ ڊگھو ٽاور ناهيو ويو آهي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ، ٽڪيٽ وٺي داخل ٿياسين ۽ پوءِ لفٽ ذريعي اُن جي چوٽيءَ تي وڃي پهتاسين، جتان شهر جو نظارو ڪيوسين. روشنيءَ ۾ سڄو شهر جڳ مڳ ڪري رهيو هيو ۽ بلڪل ائين لڳو جيئن رات جي فلائيٽ ۾ ڪراچي لهڻ وارا هوندا آهيون تہ جهاز جي درين مان شهر نظر ايندو آهي. ان نظاري کان پوءِ شهر گھمڻ نڪتاسين ۽ جڏهن "پاڪستاني سفارتخاني" واري علائقي ۾ آياسين تہ هڪ اهم روڊ تي "محمد علي جناح اوينيو" جو بورڊ لڳل ڏٺوسين. اهڙي قسم جو بورڊ، "ڪمال اتاترڪ اوينيو" جي نالي سان، اسلام آباد ۾ بہ آهي. شايد ٻنهي ملڪن گڏجي هڪ ٻئي جي ليڊرن کي ميجتا ڏيڻ خاطر ائين ڪيو هجي!

شهر جي هڪ اهم چوراهي پرسان هڪ قديمي گرجا نالي "آگنس" آهي، جنهن جي پر ۾ هڪ عاليشان مسجد نالي "حاجي بيرام" آهي. ان جي ڪري هي چوراهو، مسلمانن ۽ عيسائين لاءِ اهميت وارو ليکيو وڃي ٿو.

انقرہ ۾ آرڪيالاجي جي شوقينن لاءِ هڪ وڏي ميوزيم بہ آهي جتي انتهائي قديم ۽ تمام قيمتي نوردات رکيل آهن. ترڪ ان ميوزيم کي دنيا جي ٽين نمبر تي وڏي ميوزيم ٿا چون، پر مونکي ان دعويٰ تي شڪ آهي.

ميزبانن اسان کي سڄو شهر گھمائي ڦيرائي ٿڪائي وڌو، پوءِ آٺي وڳي ڌاري اسان کي اتي ويهارياءون "حاجي بابا" نالي هڪ مشهور ريسٽورينٽ ۾، جتي کائڻ وارن جي رش ڏسي حيرانگي ٿي، جڏهن تہ مفت ۾ پئي ماني ملي. ڪچن (Kitchen) وارن کي جڏهن اسان جي اچڻ جي خبر پئي تہ هڪ وڏي ماني پچائي، ان تي "پاڪستان" لکي اسان ڏي موڪليائون.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ترڪن جي اسان سان محبت ۽ قربت شايد هنن جي خون ۾ شامل آهي، مون به ايڏي ساري دنيا گهمي آهي ۽ ماڻهن سان مليو آهيان، پر جيڪا محبت ۽ عزت هتي ملي اُها ڪٿي به نه ملي. ٻيو ملڪ جتي پاڪستانين لاءِ عزت آهي، اُهو آهي چين.

ترڪيءَ جي آزادي واري جنگ دوران (1919-1922ع) استنبول تي اتحادي فوجن جو قبضو هيو، ان ڪري اتاترڪ آزاديءَ جي پوري جنگ انقره مان هلائي ۽ ڪاميابي حاصل ڪئي، جڏهن 29 آڪٽوبر 1923ع تي ترڪيءَ کي جمهوريه قرار ڏنو ويو ته انقره ئي قدرتي طور گاديءَ وارو هنڌ تي ويو. اتاترڪ کي هي شهر ڏاڍو وڻندو هيو ۽ کيس دفنايو به هتي ويو آهي.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# غازي مصطفيٰ ڪمال پاشا

جديد ترڪيءَ جو باني، مصطفيٰ 1881ع ۾ ”سيلونيڪا“ نالي هڪ ننڍڙي شهر ۾ ڄائو، جيڪو اُن وقت سلطنت عثمانيه جو حصو هيو، پر هينئر يونان ۾ آهي. سندس والد علي رضا، پنهنجي نوڪريءَ جي شروعات محڪمه ڪسٽم ڪان ڪيائين، پر پوءِ ڪاٺ جو ڪاروبار ڪرڻ لڳو ۽ مصطفيٰ جي ڄمڻ ڪان پوءِ سٽت ئي وفات ڪري ويو. هُن کي پنهنجي والده زبيده پالي تاتي وڏو ڪيو، جيڪا هڪ همت ڀري ۽ سياڻي خاتون هئي.

ترڪيءَ ۾ اُن وقت جي رواج مطابق، مطصفيٰ ابتدائي تعليم پنهنجي شهر جي هڪ مذهبي اسڪول (ديني مدرسه) ۾ ورتي ۽ پوءِ کيس هڪ عام اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. 1893ع ۾ جڏهن هڪ ”فوجي سڪيا“ واري اداري ۾ داخلا مليس ته ڏاڍي محنت ڪيائين ۽ پنهنجو پاڻ مڃرايائين. سندس سٺن نتيجن ۽ پڙهائيءَ ۾ تمام گهڻي دلچسپيءَ ڪري، ميٿميٽڪ جي اُستاد کيس ”ڪمال“ جو خطاب ڏنو، جيڪو پوءِ اڳتي هلي، سندس نالي جو لازمي جُزُ ٿي ويو.

1905ع ۾، جڏهن سندس عمر 24 سال هئي ته هن استنبول جي هڪ مشهور جنگي اسڪول War Academy مان ڊگري ورتي ۽ سندس پهرين پوسٽنگ دمشق (شام) ۾ ٿي، جيڪو اُن وقت سلطنت عثمانيه جو حصو هيو. هُن جو شروع ڪان ئي لاڙو قوم پرستيءَ ڏانهن هيو، اُن ڪري سُلطان ۽ اُن جو طريقه ڪار کيس ناپسند هيو. 1908ع ۾ هُن انهن آفيسرن جو ساٿ ڏنو، جيڪي سلطان کي هٽائڻ وارين ڪوشش ۾ هيا. 12-1911ع ۾ اٽلي ۽ ترڪيءَ وچم جنگ ٿي ۽ 1913ع ۾ بالڪن واري جنگ لڳي، انهن جنگين ۾ مصطفيٰ ڪمال پنهنجي جنگي مهارت مڃرائي، عوام ۾ پنهنجو نالو ڪڍرايو.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

1914-19ع ۾، جڏهن پهرين عالمگير جنگ لڳي ته ترڪي اتحادين خلاف وڙهندڙ ملڪن، جرمني ۽ آسٽريا جو ساٿ ڏنو، پر بدقسمتيءَ سان سلطان جو اهيو فيصلو غلط ثابت ٿيو ۽ اتحادين کي فتح حاصل ٿي.

1911ع کان 1919ع تائين لڳاتار 8 سال جنگيون وڙهڻ ڪري ترڪن جي چيلهه چبي ٿي پئي، ملڪي معيشت تباهه ٿي وئي ۽ ان ڪري عوام ۾ سلطان خلاف نفرت پکڙجي وئي هئي.

انهن حالتن جو جائزو وٺڻ لاءِ، سيپٽمبر 1919ع ۾ اناطوليه جي ”سواس“ نالي هڪ جاءِ تي، ترڪيءَ جي محب وطن ۽ قوم پرست نمائندن جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ ”قومي اقرار نامو“ منظور ڪيو ويو. ملڪي حالات کي ڏسي ۽ عوام کي مطمئن ڪرڻ خاطر، حڪومت طرفان عام انتخابات جو اعلان ڪيو ويو، جنهن ۾ ”سواس ڪانگريس“ وارن وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي. جنوري 1920ع ۾ نئين پارليامينٽ جو اجلاس ٿيو ته ”قومي اقرار نامي“ جي منظوري ڏني وئي ۽ وري جڏهن اپريل ۾ اجلاس ٿيو ته مصطفيٰ کي اُن جو صدر منتخب ڪيو ويو.

سياسي ميدان ۾ قوم پرست ڪاميابيون ماڻڻ لڳا پر ملڪ جي گهڻي حصي تي اتحادي قابض هيا. مصطفيٰ پنهنجي طاقت ۽ ڪوشش جو هيڊڪوارٽر انقره ۾ رکيو، جو جو استنبول ۾ سلطان جي حڪومت، اتحادين جي تعاون سان برقرار هئي، 1921ع ۾ يونانين، انقره تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪين شڪست ملي، حالات جو رخ تبديل ٿيندو ڏسي، فرانس ۽ سويت يونين (روس)، انقره سان ناهه ڪيو، جنهن جي ڪري مصطفيٰ کي اخلاقي ۽ مادي فائدو ٿيو. آگسٽ 1922ع ۾ ترڪيءَ جي سرزمين کي مڪمل طور اتحادين کان خالي ڪرايو ويو. جولاءِ 1923ع ۾ ”لوزان معاهده“ ٿيو، جنهن تحت ترڪيءَ جي آزاديءَ کي اتحادي ملڪن قبول ڪيو. 29 آڪٽوبر 1923ع تي، ملڪ کي ”جمهوريه ترڪي“ قرار ڏنو ويو ۽ غازي مصطفيٰ ڪمال پاشا کي پهريون صدر منتخب ڪيو ويو جنهن


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

پنهنجي وفات 10 نومبر 1938ع تائين، 15 سال وڏي دبدبي ۽ شان سان حڪومت ڪئي.

مصطفيٰ ڪمال جي دور ڪي انقلابي اصلاحات جو دور ڪري ليکيو ويندو آهي، جنهن انتهائي اهم سڌاري آڻي، هڪ قدامت پسند، اسلامي سلطنت کي تبديل ڪري، قوم پرست، سيڪيولر ۽ جديد ملڪ ۾ تبديل ڪيو.

مصطفيٰ جي ذاتي زندگي ڪنهن به طرح قابل رشڪ نه هئي. 1923ع جي شروعات ۾ هن لطيفي نالي هڪ خاتون سان شادي ڪئي، جيڪا به سال مس هلي ۽ 1925ع ۾ ٻنهي ۾ عليحدگي ٿي وئي، ان کانپوءِ هن ٻي شادي ڪونه ڪئي. زندگيءَ جي آخري سالن ۾ هو اڪيلو ٿي ويو هيو، ان ڪري سگريٽ نوشي ڏاڍي ڪندو رهيو ۽ سندس ڦڦڙ به خراب ٿي ويا، تان جو استنبول جي دولما باغيچه محل ۾ وفات ڪيائين.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

MAUSOLEUM OF ATA TURK

# اتاترڪ جي مزارَ

اتاترڪ يعني ترڪن جي ابي جي مزار تي ڪو غير ملڪي نہ وڃي تہ ترڪ ڪڏهن بہ خوش نہ ٿيندا. اسان جيئن تہ سرڪاري دوري تي آيا هياسين ۽ اسان جو سارو خرچ بہ ترڪن جي واپارين طرفان هيو، ان ڪري اسان جو تہ پڪو پڪو فرض ٿي ويو، ترڪ پنهنجي ابي کي ڏاڍي عزت ڏين. هر سرڪاري عمارت، آفيس، اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽي جي اڳيان اتاترڪ جو مجسمو لڳل ڏنوسين ۽ سندس تقرير جا حصا ڪنهن بورڊ يا ديوار تي لکيل هيا. هوٽل ۾ ناشتو ڪري اسان کي جلد نڪرڻو هيو، پر ڊائننگ هال ۾ ڪجهہ دير سوائي ٿي. ناشتا تہ سڄي عمر ڪندا رهيا آهيون، گهر ۾ ۽ گهر کان ٻاهر، ملڪ ۾ ۽ ملڪ کان ٻاهر، پر سائين انقرہ جي هن هوٽل ميٽرو پوليٽن جو ناشتو اڄ بہ ياد آهي. ڪهڙي شيءِ نہ هئي جيڪا گهرون ۽ ڪهڙي شيءِ جيڪا نہ کائون! سڀ ڪجهہُ ياد آهي، پر تازہ انجير ۽ ماکي واہ سائين واہ! پيالي ۾ کير ڪٽي اُن ۾ خشڪ ميوو ۽ ٻيون انيڪ شيون وجهڻ شروع ڪيوسين تہ پيالو ئي ڀرجي ويو، حنان چيو تہ سائين هي ڇا آهي؟ مون چيو تہ ادا ”ڪُشتو“ آهي، ”ڪُشتو“ جواني موٽائڻ جو، سڄو ڏينهن هلياسين ۽ گهمياسين، پر ”ڪُشتي“ جي ڪري ٿڪ ئي نہ ٿيو، واہ ڙي ناشتا واہ.

هوٽل کان ٻاهر ڪوچ ذريعي اتاترڪ روڊ تي اچي لٿاسين. ڪافي ٿڌِ هئي، لُري پئي لڳي، جيڪا جنوري ۾ اتر سنڌ ۾ لڳندي آهي. استاد بخاري چواڻي تہ سنڌين کي سيءُ بہ پنهنجو نہ آهي، ”برف پوي ڪوئٽيا ۾، اسين ڏڪون سنڌ ۾.“


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

سَرَ نِسريا پاندَ اُتَرَ لڳا آءُ پرين
مون تو ڪارڻ ڪانڌ سَهسين سُڪائون ڪيون
(شاھ)

اسان ڪي پنڌ ئي پنڌ مزار تائين وڃڻو هيو، رستو به چاڙهيءَ وارو هيو ۽ ڪافي ڏگهو. رستي جي ٻنهي پاسن کان وڏا مجسما نهيل هيا، سڀ کان پهرين ٽن عورتن جا مجسما هيا، جيڪي روئي رهيون هيون، شايد اتاترڪ جي وڇوڙي جي غم ۾، روڊ جي ٻئي طرف ٽن مردن جا مجسما هيا، جن ۾ هڪ فوجي، هڪ شاگرد ۽ هڪ هاري جو هيو. اهو سمجهه ۾ نه آيو، شايد ترڪيءَ جو مستقبل انهن ٽن جي هٿ ۾ آهي، منهنجي خيال ۾ شاگرد جي جاءِ تي اُستاد وڌيڪ نهي، پر مان اهو خيال دل ۾ ئي سانڍي رکيو، چڙهائي ختم ئي نه پئي ٿي، اڳتي ڏنوسين ته رستي جي ٻنهي طرفن کان 12-12 وڏا مجسما هيا، شِينهنَ جا، ان جو مطلب ڪنهن نه ٻڌايو، شايد طاقت ۽ حشمت جو اظهار هيو، اڃان به رستو مٿي پئي ويو، اسان لاءِ ته نيڪ آ، پر غير ملڪي سربراهه به ته ايترو سارو پنڌ ڪري ايندا هوندا نه! مون محسوس پئي ڪيو ته ميڊم کُهڙو ۽ سندس مڙس آهسته آهسته پئي آيا، ان ڪري اسان به ٽڪڙ ڪونه پئي ڪئي. اسان وٽ ڪراچيءَ ۾ قائداعظم جي مزار تي وڃڻ جو طريقو آسان ۽ سولو آهي، روس ۾ پڙهائيءَ دوران، لينن جي مقبري تي وڃڻ جو موقعو مليو هيو، چار ڪلاڪ قطار ۾ بيهڻ کان پوءِ مس مس وارو آيو. ”لينن“ جي مقبري ٻاهران به فوجي سپاهي ائين سڌا سنوا بيٺا هيا جو لڳي پيو ته شايد ساهه به ڪونه ٿا کڻن! دنيا ۾ پهرين سوشلسٽ حڪومت جو بنياد رکندڙ لينن، شيشي جي هڪ خوبصورت تابوت ۾ اکيون بند ڪيون. فل سوٽ ۽ ٽاءِ پايون، ائين ستو پيو هو، جو ڄڻ ته هينئر ٽڪي ٽڪي اُٿي آرامي ٿيو هجي ۽ اجهو ٿو ڪَرَ موڙي ننڊ مان اٿي، سندس منهن تي ڪنهن قسم جا گهنج وغيره نه هيا ۽ سندس شيو به ڄڻ ته تازي ٿيل هئي.

عظيم ليڊرن کي ان نموني محفوظ ڪرڻ چينين به سکيو ۽ ”مائوزي تنگ“ کي محفوظ ڪري هڪ عاليشان مقبري ۾ رکيو


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

اتائون، ويٽ نام وارن بہ پنهنجي ليڊر ”هوچي منهہ“ کي ائين محفوظ ڪيو آهي ۽ ڪوريا وارن بہ ”ڪم اِل سنگ“ کي ڪيو آهي.

لاشن کي محفوظ ڪرڻ جو اهو طريقو هاڻي جي ايجاد آهي، قديم زماني ۾ جڏهن مصر تي فرعونَ حڪومت ڪندا هيا، تہ هُو بہ حڪمرانن ۽ ان جي خاندان جي فردن کي محفوظ ڪندا هيا. ان کي ”مميون“ ڪري سڏين. پر سندن طريقہ ڪار بلڪل مختلف هيو. جسم تي ڪي تيل ۽ لوشن هڻي محفوظ ڪيو هئائون، سندن طريقي موجب لاش خراب ٿيڻ کان تہ محفوظ رهي، پر اهو سائز ۾ سسندو ۽ سنهو ٿيو وڃي. ان ڪري اُن جي سڃاڻپ ڪرڻ ڏکي آهي. اهڙيون مصري ”مميون“ مون لنڊن جي ”برٽش ميوزم“ ۾ ڏٺيون، شڪاگو جي ”سائنس ميوزم“ ۾ ڏٺيون ۽ پوءِ ڪوڙ ساريون قاهره جي ”ميوزيم آف نيچرل هسٽري“ ۾ بہ ڏٺم.

قاهرا Cairo جي اها ميوزيم بہ ڏسڻ وٽان آهي، فرعون جو ذڪر قرآن شريف ۾ حضرت موسيٰ سان گڏ آهي ۽ آخري فرعون سمنڊ ۾ غرق ٿي مئو، پر اُن کان اڳ بہ جيڪي حڪمران هيا اُنهن جو لقب بہ ”فرعون“ ئي هيو. مصري ماڻهن واتان فرعون لاءِ سنا تعريف وارا لفظ ٻڌي حيرت ٿي، حضرت موسيٰ جو نالو ڪنهن جي بہ واتان نہ ٻڌوسين. بينا هياسين ڪمال اتاترڪ جي مقبري آڏو تہ وڃي پهتاسين، روس، آمريڪا ۽ مصر، هلو تہ واپس هلون ترڪي.

هڪ ڪشادي ۽ وسيع هال جي وچ ۾ اڪيلي قبر هئي، قُل پڙهي، هن عظيم شخصيت لاءِ دعا گهريم. ليڊر جي تقرير جا اهم اقتباس ترڪيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ديوار تي لکيل هيا. قرآني آيتون ڪٿي بہ نظر نہ آيون. مقبري جون ڏاڪڻيون لهي هيٺ لٿاسين نہ هيٺ وسيع ميدان هيو، جنهن جي هڪ ڪنڊ ۾ اتاترڪ جي ساٿي، سابق وزيراعظم عصمت انونو جي قبر هئي، اوڏانهن ڪوبہ ڪونہ پئي ويو، پر مون اُن تي بہ قُل پڙهيا ۽ فاتحہ خواني ڪئي. ميدان جي سڄي پاسي ميوزيم هيو، جنهن ۾ اتاترڪ سان منسوب شيون رکيون ويون هيون، جهڙوڪ ڪپڙا، ڪوٽ، فوجي ڊريسون، بوٽ،


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

سگريٽ ڪيس، ٿانو، تلوارون ۽ غير ملڪي سربراهن طرفان مليل ڪي قيمتي تحفا وغيره.

مقبري جو ڪامپليڪس 1953ع ۾ نهي تيار ٿيو ته اتاترڪ کي استنبول مان آڻي هتي سندس آخري آرامگاهه ۾ رکيو ويو. مقبري تي گارڊن جي تبديليءَ وارو منظر ڏسڻ وٽان آهي ۽ جڏهن پتي صاحب ڏٺو ته ڪيس ڏاڍو وڻيو ۽ پوءِ اچي قائداعظم جي مزار تي شروع ڪرايائين، جيڪو اڄ سوڌو هلندو اچي. ڪمال اتاترڪ جي تحريڪ، عوام کي سجاڳ ڪرڻ ۽ اتحادي فوجن کي ملڪ مان نيڪالي ڏيارڻ واري سلسلي کي قائداعظم محمد علي جناح ڏاڍو ساراهيو هيو. آل انڊيا مسلم ليگ جو هڪ اجلاس جيڪو 1938ع ۾ ٿيو، اُن ۾ ڪمال اتاترڪ کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو، ان اجلاس جي صدارت قائداعظم پاڻ ڪئي هئي.

اتاترڪ جي ڪاميابين کي برصغير جي ماڻهن تائين پهچائڻ ۾ هتان جي اخبارن جهڙوڪ سياست، پيسه، اخبار ۽ زميندار ڏاڍو ڪم ڪيو، برصغير جي ڪجهه ليکڪن اتاترڪ تي ڪيترا ڪتاب پڻ لکيا. مزار تان موٽندي منجهند ٿي وئي، اسان کي ترڪيءَ جي "گرينڊ نيشنل اسيمبلي" وڃڻو هيو ۽ وقت تي پهچڻو به هيو، ان ڪري سڌو اوڏانهن روانا ٿياسين، ڏاڪڻيون لهي چڙهي ٿڪجي به پيا هياسين، ترڪيءَ جي سابق مرڪزي وزير تعليم منجهند جي مانيءَ تي گهرايو هيو، سندس تعلق "جسٽس پارٽي" سان هيو. هن جي چيمبر ۾ سنئي ڪچهري ٿي، پاڪستان سان بيحد محبت جو اظهار ڪيائين ۽ پنهنجي دوره پاڪستان کي ياد ڪري تعريف ڪيائين، لنچ لاءِ اسيمبلي ڪينٽين ۾ آياسين، جتي ٻيا به اسيمبلي ميمبر اسان جي انتظار ۾ هيا، حال احوال ۽ ڪچهريون ڪري واپس هوٽل تي آياسين، جو استنبول لاءِ روانو ٿيڻو هيو.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# ترڪيءَ جو وزيراعظم طيب اردگان

ترڪيءَ جو وزيراعظم رجب طيب اردگان 26 جنوري 1954ع تي ترڪيءَ جي گاديءَ واري شهر استنبول جي علائقي ڪاسمپاسا ۾ ڄائو، جڏهن ته 14 مارچ 2003ع کان هو ملڪ جي وزيراعظم طور ڪم ڪري رهيو آهي، اردگان ترڪيءَ جي جسٽس اينڊ ڊولپمينٽ پارٽيءَ جو چيئرمين آهي، جنهن کي ملڪ جي پارليامينٽ ۾ اڪثريت حاصل آهي.

هِن جو ننڍپڻ رِز (Rize) شهر ۾ گذريو، جتي سندس پيءُ ڪوسٽ گارڊ جو ميمبر هو، هو جڏهن 13 سالن جي عمر جو ٿيو ته، سندس خاندان استنبول واپس موٽي آيو، عمر جي ٻئي ڏهاڪي وارن سالن دوران هن استنبول جي گهٽين ۾ ليمي جو شربت ۽ Sesame Buns به ڪپائيندو هو، ته جيئن اضافي رقم ڪمائي سگهي. مذهبي اسڪول امام حاتپ مان گريجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ هن مارمرا يونيورسٽيءَ جي فيڪلٽي آف اڪنامڪس اينڊ ايڊمنسٽريٽو سائنسز ۾ مئنيجمينٽ ۾ تعليم حاصل ڪئي.

جوانيءَ واري زماني ۾ هو مقامي ڪلب ۾ سيمي پروفيشنل فٽ بال کيڏندو هو، بعد ۾ ڪاسمپاسا جي انهيءَ فٽبال ڪلب جو نالو طيب اردگان جي نالي پٺيان رکيو ويو. هن اِمني اردگان (جيڪا 1955ع ۾ سيرت ۾ پيدا ٿي هئي) سان 4 جولاءِ 1978ع تي شادي ڪئي، جنهن سان هن جي پهرين ملاقات هڪ ڪانفرنس دوران ٿي هئي. کين ٻه پُٽ، احمت براق ۽ نيڪمدين بلال ۽ ٻه ڌيئر، اسرا ۽ سُميَا آهن. اردگان 19 ڊسمبتر 2006ع تي نيويارڪ ۾ تقرير ڪندي چيو هو ته، ”ترڪيءَ ۾ مختلف پسمنظرن کان اينڊز ماڻهن جي وچ ۾ بهتر لاڳاپا هئڻ گهرجن“. ان لاءِ هن پنهنجو مثال پيش ڪيو



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

هو، هن چيو تہ ”ڪيس پنهنجي زال امنيءَ کان ڪابہ شڪايت نہ آهي، جنهن جا ابا ڏاڏا عرب ۽ اصل ۾ مختلف مسلم فرقي سان تعلق رکندڙ هئا“.

ڪيس 1998ع ۾ ان بنياد تي سزا آئي هئي تہ، هُو ترڪيءَ ۾ سخت گير مذهبي ماڻهن سان همدردي رکي ٿو. ڪيس ڏهہ مهينا قيد ڪاٽڻ جي سزا ڏني وئي هئي. جنهن مان هن مارچ کان جولاءِ 1999ع تائين چار مهينا قيد ڪاٽيو. استنبول جي ميئر ٽيڻ وارن ڏينهن ۾ هو ترڪيءَ جو سڀ کان وڌيڪ مقبول ميئر طور سڃاتو ويندو هو. ڇاڪاڻ جو هُو لکين مذهبي ووٽرن جي لاءِ قومي هيرو واري حيثيت رکندو هو. ترڪيءَ ۾ 2002ع وارين قومي چونڊن کان اڳ ۾ ترڪيءَ جي اليڪٽورل بورڊ ڪيس مليل سزا جي بنياد تي چونڊن ۾ سنڌس حصو وٺڻ تي پابندي وجهي ڇڏي هئي. اردگان جي پارٽيءَ جي چونڊن کٽڻ کان پوءِ ڪيس چونڊن ۾ بيهڻ لاءِ اهل بڻائڻ خاطر آئين ۾ تبديلي آندي وئي، جنهن کان پوءِ ڪيس سيرت واري تڪ کان جيڪو زال جي علائقي وارو تڪ آهي، ضمني چونڊن ۾ اميدوار بيهاري کٽرايو ويو. اهڙي طرح هو پارليامينٽ ۾ پهچي ويو.

هن کي سزا ملڻ کان اڳ 1977ع ۾ ويلفيئر پارٽي، جنهن جو هو ميمبر هو، کي غير آئيني قرار ڏنو ويو هو ۽ سيڪيولر ترڪيءَ جي رياست کي ڌمڪائڻ جي بنياد تي آئيني ڪورٽ ان پارٽيءَ تي پابندي وجهي ڇڏي هئي.

طيب اردگان جي حڪومت ملڪ جي عدالتي نظام ۾ سڌارا بہ آندا آهن. جهڙوڪ: يورپين ڪورٽ آف هيومن رائيٽس کي ترڪيءَ جي عدالتن تي برتري واري حيثيت ڏيڻ، اينٽي ٽيرر لا، 1991ع جا اختيار گهٽائڻ، جيڪو ترڪيءَ ۾ جمهوريت جي راهہ آڏو رُڪاوٽ قرار ڏنو ويو آهي ۽ اُن ڪانسواءِ حڪومت آڏو هٿيار ڦٽا ڪندڙ مبينا طور تي ڪردن جي دهشتگرد تنظيم پي ڪي ڪي جي ڪيترن ئي ميمبرن تان ڏنڊ ۽ ساز جو بار گهٽائڻ لاءِ جزوي طور سندن لاءِ عام معافيءَ جو بہ اعلان ڪيو ويو آهي.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

مئي 2007ع ۾ ترڪيءَ جي اعليٰ عدالت جي سربراهه پراسيڪيوٽرن کي چيو هو ته، چا صدارتي چونڊن تي تنقيد ڪرڻ جي بنياد تي اردگان خلاف ڪيس هلائجي يا نه؟ جنهن تي اردگان چيو هو ته، اهڙو فيصلو انصاف جي نظام جي توهين آهي. هن آئيني ڪورٽ تي تنقيد ڪئي جنهن صدارتي ووٽ کي ڪوڙو قرار ڏنو هو. چاڪاڻ ته بين جماعتن طرفان صدارتي چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو ويو هو ۽ چونڊن لاءِ ڪورم پورو نه هو، طيب اردگان جي ڪاميابيءَ جو راز ترڪيءَ جي معيشت کي عالمي بئنڪ جي پاليسين مطابق هلائڻ آهي، بئي طرف ڪجهه ڏرين جو چوڻ آهي ته، ترڪيءَ جي اسٽاڪ مارڪيٽ تي پرڏيهين جو ڪنٽرول هئڻ ڪري ان جي مستقبل ۾ استحڪام لاءِ خطرا پيدا ٿيڻ جا خدشا آهن.

22 فيبروري 2008ع تي ترڪيءَ جي صدر ٻن آئيني ترميمن جي منظوري ڏني، جن تحت مسلمان ڇوڪرين کي يونيورسٽين ۾ اسلامي اسڪارف پهرڻ جي اجازت ڏني وڃي ها، پر ترڪيءَ جي آئيني ڪورٽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اهڙيون ٻئي ترميمون واپس وٺڻ جو حُڪم جاري ڪيو هو.

ترڪيءَ 1948ع ۾ اسرائيل کي آزاد رياست تسليم ڪندڙ پهريون ۽ واحد مسلمان ملڪ هو ۽ اهو روايتي طور تي اسرائيل جو اسٽريٽجڪ پارٽنر رهيو آهي، تنهن هوندي به طيب اردگان 2009-2008ع وارن سالن ۾ مضبوط موقف اختيار ڪندي، غزه تڪرار ۾ اسرائيل جي ڪردار تي تنقيد ڪئي هئي. ترڪي جنوري 2009ع کان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جو غيرمستقل رڪن آهي. اردگان گڏيل قومن کان مطالبو ڪيو هو ته، هو اسرائيل کي گڏيل قومن جي اداري جي گڏجاڻين ۾ ايستائين شرڪت ڪرڻ نه ڏئي، جيستائين اهو سلامتي ڪائونسل جي مطالبن جو پرم نه ٿو رکي.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com



ڪمال اتاترڪ



ڪيسري - هڪ هاءِ اسڪول اڳيان



ڪيسري - شهر جي هڪ ميوزيم




انقره - هوٽل ميٽروپوليٽن اڳيان

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com



حضرت ايوب انصاري جي درگاهه



ڪيسري - هڪ تاريخي شهر ۾ چار مسافر

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com



استنبول ـ توپ قاپي ميوزيم ۾ نبي سائين ﷺ
جا وار مبارڪ، ڏند مبارڪ ۽ قدم مبارڪ



استنبول ـ توپ قاپي ميوزيم جو حصو جتي
تبرڪات محفوظ آهن

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com



استنبول ـ دولما باغيچہ محل جو هڪ نظارو



استنبول ـ دولما باغيچہ محل جو دربار هال

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# ترڪيءَ جو شان ـ استنبول

اٽڪل سادي ٽين وڳي، ڪوچ ذريعي استنبول لاءِ روانا ٿياسين ۽ ڇهن ڪلاڪن جي سفر ڪان پوءِ شهر ۾ داخل ٿياسين. سمنڊ ڪناري هڪ خوبصورت. فائيو اسٽار هوٽل "پولاٽ" Polat Renaissance Istanbul Hotel ۾ اسان جي رهائش لاءِ ڪمرا بوڪ ٿيل هيا. انقره جي وزٽ ۽ ڇهه ڪلاڪ ڪوچ جي سفر ڪان پوءِ ٿڪ اچي ورايو، هلڪي ڦلڪي ماني ڪائي سمهي پياسين، صبح تائين گهري ننڊ ڪان پوءِ اٿي، پڙدا هٽائي سمنڊ جو خوبصورت نظارو ڪيوسين، ترڪيءَ ۾ اها ڳالهه نوٽ ڪئي سين ته جيڪڏهن ڪنهن هوٽل کي فائيو اسٽار جو درجو مليل آهي ته ان جي رهائش، سروس ۽ ڪاڌو به واقعي فائيو اسٽار جو هيو. جڏهن ته اسان وٽ وڏن وڏن نالي وارن هوٽلن ۾ اهو معيار نه آهي، استنبول ۾ ڏاڍا گهڻا هوٽل آهن، جن ۾ گولڊن هارن، آرڪيڊيا، ڪارا، سٽار ڪلاسنس، هلٽن، گنز، شيريٽن، رائل، مارمرا، ڊلاس، ڪرسٽل، رچمنڊ پلازهه، حيات، اسوس وغيره وغيره شامل آهن. مصر ۾ به فائيو اسٽار هوٽل ۾ رهڻ جو موقعو مليو، انهن به عالمي معيار جي سروس برقرار رکي هئي. سوچيان پيو ته استنبول جي حال احوال ڪان اڳ، اوهان کي ٿوري وقت لاءِ مصر Egypt چونه وٺي وڃان! پنهنجو برادر اسلامي ملڪ آهي، اُتان جي جهلڪ ڏيکاري پوءِ وري ترڪي واپس اچون ته اوهان کي پيٽ ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي، سو سائين هلو ته اوهان کي قاهره گهمايون بنا خرچ جي.

وفاقي وزير تعليم زبيده جلال جي سربراهيءَ ۾ جڏهن مصر جي "تعليمي نظام جي جائزي" لاءِ وياسين ته اسان کي مصر جي گاديءَ واري شهر قاهره Cairo جي هڪ مشهور، فائيو اسٽار هوٽل



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

”اوبراءِ“ ۾ رهايو ويو، جيڪو هندوستان جي مشهور ”اوبراءِ گروپ“ جي ملڪيت آهي. ضروري ڪارروائي ڪان واندا ٿي، اسان واري وفد جا سڀ ماڻهو پنهنجن پنهنجن ڪمرن ڏانهن ويا، اُن مهل ٽپهريءَ جو وقت هيو ۽ مان ڪپڙا بدلائي شلوار قميص پائي وضو ڪيو ته جيئن نماز پڙهي سگهان. گذريل ڪيترن سالن کان وني منهنجي ڪوشش رهي آهي ته ڪٿي به هجان پر ٽپهري جي نماز ضرور پڙهندو آهيان. ڪمري ۾ هيڏي هوڏي واجهايم، ڪٻٽ چيڪ ڪيم، پر ڪٿي به مصلو (جاءِ نماز) ۽ قرآن شريف نظر نه آيا. انٽر ڪام تي سروس مينيجر کان پڇيم ته هڪ خاتون آئي ۽ ٻڌايائين ته هن هوٽل ۾ اهي شيون مهيا ڪونه ڪيون ويندون آهن! مون ڪانئس هڪ صاف ستري چادر گهري، جنهن کي وڇائي نماز ادا ڪيم.

صبح جو ڊائننگ هال ۾ ناشتي لاءِ ويس ته اسان جي وفد مان ڊاڪٽر محمد حنيف اڳ ۾ ئي موجود هيو. ڊاڪٽر صاحب وزارت تعليم، حڪومت پاڪستان، اسلام آباد ۾ هڪ سينيئر آفيسر آهي. هو قطار ۾ بيهي کائڻ لاءِ سوچي رهيو هيو ته ڇا کائجي، ڊائننگ هال سڄو يورپي سياحن سان ڀريل هيو ۽ اُهي به اسان وانگيان قطار ۾ هلي رهيا هيا، هر ڪنهن جي هٿ ۾ پليٽ هئي، ڊاڪٽر صاحب کي خبر نه هئي ته هت سوئر جي گوشت (Pork) مان ٺهيل ڊش به آهي ۽ نهايت معصوميت سان اُن ڏي وڌي رهيو هيو. ڊاڪٽر حنيف، باريش بزرگ، پنج وقت نماز جو پابند، جيڪڏهن اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ان ڊش کي چکي به وجهي ها ته ڪيس زندگي ڀر ڏک ٿئي ها. مون ڊاڪٽر صاحب جو وڌندڙ هٿ روڪي وڌو ۽ ڪيس ان ڊش کان پري وٺي ويس، هينئر موٽي ٿا هلون ترڪي.

استنبول کي ڏسڻ جي خواهش سالن کان هئي، منهنجي لاءِ ڄڻ ته هڪ حسين خوابن وانگر هيو، جنهن کي ڏسڻ جو موقعو هينئر سالن جي انتظار کان پوءِ مس مليو آهي. پهريون ڀيرو استنبول جي جهلڪ هڪ انگريزي فلم ۾ ڏٺم. جيمس بانڊ 007، جاسوسي فلمن جو هڪ جڳ مشهور ڪردار آهي، جنهن کي ”From Russia with Love“ نالي فلم ۾ ڏٺوسين، اها فلم 1963ع واري زماني ۾ پاڪستان ۾ رليز ٿي


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

تہ سڄي مُلڪ ۾ ڌوم مچائي ڇڏيائين. ان ۾ استنبول ڏيکاريو ويو هيو، جيمس بانڊ 007 سيريز جون ڊسمبر 2008ع تائين ٻاويهہ فلمون اچي چڪيون آهن ۽ انهن منجهان اڪثر ڏٺيون بہ آهن. استنبول جي حوالي سان هڪ فلم نالي ”توپ قاپي“ TOPKAPI بہ ڏٺي هيم، جنهن ۾ توپ ڪاپي محل مان قيمتي خنجر جي چوري ڏيکاري وئي آهي.

استنبول دنيا جو واحد شهر آهي جيڪو براعظم يورپ ۽ ايشيا ۾ ورهايل آهي، مطلب تہ هن شهر جو چڱو خاصو حصو يورپ ۾ تہ ننڍو حصو ايشيا کنڊ ۾، جنهن ڪري يورپي، توڙي ايشيائي سياحَ هزارن جي تعداد ۾ روز اچن، کائن پيئن، رهن، ڊالرن ۽ پائونڊن سان کيسا پري اچن ۽ خالي ڪري وڃن. ترڪ وينا مزي سان ڪمائين. ڪو زمانو هيو تہ اسان لاڙڪاڻي ۾ روز غير ملڪي سياح ڏسندا هياسين، موئن جي دڙي جي حيثِت سياحت جي لحاظ کان ڪا معمولي نہ آهي، پري پري جا ماڻهو ايندا هيا، پر بدامنيءَ هٽي سيني سياحن جي اچڻ جا در بند ڪري ڇڏيا. اڄ موئن جي دڙي تي ويندا تہ ڪڪڙو ڪو لڳي پئي آهي، ڪنهن قبرستان جهڙي خاموشي آهي. ويندي پيو ڊپ ٿئي تہ متان ڦرجي نہ وڃون!

نَڪي ونئڻ وٽن ۾ نہ ڪي ڪا تاريون
پَسيو بازارون هينئڙو مون لوڻ ٿئي
(شاهہ)

”باسفورس سمنڊ“ جي ٻنهي ڪنارن تي آباد هن شهر کي، ٻن پُلين سان ملايو ويو آهي، جيڪي ترتيب وار 1973ع، ۽ 1988ع ۾ ناهيون ويون ۽ انجنيئرنگ ۽ فن تعمير جو ڪمال آهن، 174 ميٽر ڊگهيون سمنڊ کان 65 ميٽر مٿي هي پليون ايشيا کي يورپ سان ملائن ٿيون، پيادل گهمڻ جي منع ٿيل آهي. پل مٿان هر قسم جون گاڏيون پيون هلن ۽ هيٺان سامونڊي جهاز ۽ ٻيڙا.

باسفورس سمنڊ وري ڪاري سمنڊ ۽ مارمرا سمنڊ کي پاڻ ۾ ڳنڍي. اهڙي ريت ٽن سمنڊن جو اهو سنگم بہ صرف هتي ئي نظر


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ايندو. دنيا پر جا جهاز ۽ ٻيڙا هت نظر ايندا ۽ ايترا جو ڏسي ٿڪجي پوندا.

استنبول جو پراڻو نالو "قسطنطنيه" هو، ۽ باز نطيني حڪمرانن جي دور ۾ دارالخلافه هيو، سندس اهو نالو به مشهور عيسائي حڪمران "ڪانستينٽائن" پويان رکيو ويو هيو، جڏهن شهر کي مسلمانن فتح ڪيو ۽ سلطنت عثمانيه جي گاديءَ جو هنڌ مقرر ٿيو ته سندس نالو به بدلائي "استنبول" رکيو ويو.

شهر جي ڊيگهه اٽڪل ڏيڍ سو ڪلوميٽر ۽ ويڪر پنجاهه ڪلوميٽر ٿيندي. ڳُٽپ ٿيل آبادي ڪروڙ کن آهي، ڪراچيءَ وانگر، سڄي ملڪ مان ماڻهو واپار ۽ ڪم ڪار سانگي هتي اچن، پر واپس وڃڻ جو نالو ئي نه وٺن، تنهن ڪري چار پنج لک ماڻهو هرسال پيا وڌن. شهر جي پراڻي حصي ۾ تاريخي جايون، مسجدون ۽ ميوزيم آهن. اُتي غير ملڪي بي حساب نظر ايندا ۽ ننڍيون وڏيون هوٽلون به اُتي جام آهن.

شهنشاهه ڪانستينٽائن پنهنجي وقت جو هڪ طاقتور حڪمران هيو، هن جي دور ۾ عيسائيت ڏاڍو زور ورتو ۽ ترڪي جو سرڪاري مذهب به عيسائيت ٿيو. تاريخ جا ورق اٿلائڻ سان معلوم ٿيندو ته شهنشاهه جي شخصيت ۽ فيصلن تي سندس والده ماجده جو اثر هيو، جيڪا ڪٽر عيسائڻ هئي. عيسائيت جي ان اوج واري دور ۾ عيسائي ٻن حصن ۾ ورهائجي ويا، هڪ گروپ وارا ڪيٿولڪ ٿي ويا ته ٻيا آرٿوڊاڪس. اٽلي ۽ يورپ ۾ ڪيٿولڪ پادري طاقتور هيا ۽ ويٽيڪن شهر سندن مرڪز ٿي ويو، ويٽيڪن شهر کي الڳ رياست جو درجو ڏئي اُن جي سربراهه پوپ کي هڪ ملڪ جي سربراهه طور مڃتا ڏئي طاقتور بڻايو ويو. ڪيٿولڪ عيسائين لاءِ ويٽيڪن شهر ائين ٿي ويو جيئن مسلمانن لاءِ مڪو ۽ مدينو. ويٽيڪن ۾ ناهيل مرڪزي گرجا به ڏسڻ وٽان آهي، اهڙي سهڻي ۽ شاندار عمارت دنيا ۾ گهٽ ڏسندا، مون کي به نه رڳو اهو شهر ڏسڻ جو موقعو مليو پر گرجا به چڱيءَ طرح ڏٺم، اُتي به الله کي ياد ڪري ٻچڙن لاءِ دعا گهريم. آرٿوڊاڪس عيسائين پنهنجو مرڪز استنبول ئي رکيو ۽


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

سندن وڏي ۾ وڏو پادري اڄ بہ استنبول جي ايشيائي حصي ۾ رهي ٿو. يورپ جي ڪجهہ ملڪن ۾ پروٽيسٽنٽ بہ آهن اهڙيءَ طرح عيسائي ٽن گروپن ۾ ورهائجي ويا آهن.

قسطنطيہ کي فتح ڪرڻ لاءِ مسلمانن ڏاڍيون ڪوششون ورتيون. ان سلسلي ۾ هڪ مشهور حديث شريف جو حوالو ملي ٿو تہ "جيڪو قسطنطيہ فتح ڪندو، سو جنت ۾ ويندو" يا جيڪو "قسطنطيہ کي فتح ڪرڻ ۾ حصو وٺندو اُهو جنتي آهي" آخر مسلمانَنَ جون ڪوششون ۽ بزرگن جون دعائون رَبَ وٽ قبول ٿيون ۽ سلطنت عثمانيہ جي نوجوان حڪمران، سلطان محمد ثاني، جنهن کي تُرڪ فخر ۽ عقيدت مان سلطان محمد "فاتح" بہ ڪري سڏن، 1453ع ۾ عيسائين کي شڪست ڏئي شهر جو نالو "اسلام بول" رکيو. مطلب تہ اهڙي جاءِ جتي اسلام گهڻائي ۾ هجي، جيڪو اڳتي هلي استنا بول ٿي ويو.

سويون سِرَ گهرن سِرَ رِيءَ سوپ نہ سنجري
سون برابر سسيون توران تان نہ ترن
جي هينئڙي منجهہ هُرن سي ملهہ مهانگا سپرين
(خليفو نبي بخش)

سَوَ سِسيون ڏيئي وِڪَ وَنجي هڪڙي
نيزي سِرُ نيئي مرڪايو ميدان کي
(خليفو نبي بخش)

1517ع ۾ ترڪن مصر کي فتح ڪيو ۽ حجاز وارا علائقا بہ سندن زير حڪومت آيا تہ استنبول کي دنياء اسلام جو دار الخلافہ ٿيڻ جو درجو مليو. هي دور ترڪن جي عظمت، قوت، طاقت ۽ شهرت جو هيو ۽ سلطنت عثمانيہ جي مقابلي جي ڪا قوت دنيا ۾ نہ هئي.

استنبول ڏاڍهن سڄي دنيا جون اکيون هيون، مڪو ۽ مدينو بہ سندن زيرحڪومت هيا، عالم اسلام جي غير متنازعہ ليڊرشپ وٽن هئي. پر هر ڪمال کي زوال اچڻو آهي، اهوئي قدرت جو قانون آهي، هميشہ دائم قائم صرف الله جو نالو آهي. پوءِ وري ترڪ ڪمزور ٿيڻ


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

لڳا، پنهنجن ڪمزور حڪمرانن جي ڪري 15 مارچ 1919ع تي اتحادي فوجين استنبول تي قبضو ڪري ورتو، ترڪيءَ کي يورپ جو ”مرد بيمار“ جو لقب ڏنو ويو ۽ ترڪن تي يورپ جي ليکڪن، لطيفا ۽ ٺوڪون ٺاهي مشهور ڪري ڇڏيون، اهڙا لطيفا مون پاڻ به يورپ وارن کان ٻُڌا.

اسان تيار ٿي ڊائننگ هال ۾ آياسين، ساڳيو انقره جي هوٽل وارو ماحول، قسمين قسمين کاڌا چا کائي چا کائون، فيصلو ٿيو ته اُهو کائون جيڪو اڳ ۾ نه کاڌو آهي، ناشتو ڪري، ڪافي پي هوٽل مان سڌو ئي سڌو مسجد سليمانيه آياسين.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# مسجد سليمانيہ

ترڪيءَ جي مشهور آرڪيٽيڪٽ سنان "Sinan" 1557ع ۾ هيءَ مسجد ناهي تيار ڪئي ڪيس پورا ست ورهيہ لڳا هن مسجد جي اڏات ۾ 1713 مسلمانن ۽ 3523 عيسائي مزدورن، انجنيئرن ۽ ڪاريگرن حصو ورتو. سلطان سليمان، جنهن جي نالي پنيان هيءَ مسجد نهي، ان کي عمارتن نهرائڻ جو ڏاڍو شوق هيو. ٻڌائن پيا تہ هن جي ڇائيتاليهہ سالہ دور حڪومت ۾ چار سو کن عمارتون ۽ مسجدون وغيره نهيون، جن مان ڪافي اڄ بہ ڏسڻ جهڙيون آهن ۽ محفوظ حالت ۾ بہ آهن. "مسجد سليمانيہ"، جنهن علائقي ۾ نهي، اُتي اڪثريت عيسائين جي هئي ۽ ان دور جي استنبول جو مهانگو ترين علائقو هيو، جيئن ڪراچيءَ ۾ ڊفينس يا ڪلفٽن جو علائقو، يا حيدرآبادي جو ڪينٽ. گولڊن هارن جي ڪناري تي، سمنڊ جي ويجهو، پهاڙيءَ جي مٿان اڏيل هيءَ مسجد، سچ پُڇو تہ ڏسڻ وٽان آهي پوري مسجد گهمڻ کان پوءِ بہ رڪعتون نفل پڙهي دعا گهريم ٻچن لاءِ، عزيزن لاءِ ۽ دوستن لاءِ. مسجد جي لائبريري يا ڪتب خانو بہ ڏسڻ وٽان آهي. توڙي جو اُهي ڪتاب هن وقت جي علم ۽ فن سان مطابقت ڪونہ ٿا رکن، جو دنيا تيزيءَ سان اڳتي وڌي وئي آهي، پر خلافت تحريڪ ۽ سلطنت عثمانيہ تي ريسرچ ڪرڻ لاءِ سني ۾ سنو مواد شايد هتي ئي هجي. اسان کي ٻڌايو ويو تہ سنڌ جو نامور محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پڻ هتي اچي ڪتب خاني ۾ ٽي مهينا رهيو ۽ پنهنجي ڪنهن ڪتاب جي سلسلي ۾ پورو پورو مواد هٿ ڪري واپس وطن وريو.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

مسجد جي پاسي ۾ سلطان سليمان ۽ سندس گهر واريءَ حُريم جا جدا جدا مقبرا آهن، مون سندن قبرن تي وڃي فاتحه پڙهي ۽ قبرستان ۾ موجود ان وقت جي شاهي خاندان جي عملدارن لاءِ به قُل پڙهيم. اسان کي ٻڌايو ويو ته ملڪ حُريم، دراصل هڪ روسي نزاد خاتون هُئي ۽ سندس اصلي نالو "رخسلانا" هيو. سلطان سليمان جي منظور نظر راڻي هئي، پنهنجي ذهانت ۽ سونهن جي ڪري سلطان جي دل ۽ دماغ تي قابض ٿي وئي ان ڪري وزير ۽ سينيئر عملدار ڪائنس ڊڄندا هيا ۽ هوءَ براهه راست به سلطان جي لاعلميءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن حڪم جاري ڪندي هئي. هن پنهنجي پٽ سليم کي وارث تخت بنائڻ پئي چاهيو، جيڪا ڳالهه ترڪن کي قبول نه هئي ۽ سلطان جا سچا ساٿي ۽ وفادار عملدار هن عمل جي مخالفت ڪرڻ لڳا. ملڪ حُريم کي اها مخالفت قبول نه هئي، هن پنهنجي وفادار عملدارن ذريعي سلطان جي وڏي پٽ مصطفيٰ ۽ سلطان جي وفادار سپه سالار ۽ وزيراعظم ابراهيم کي مارائي ڇڏيو. ترڪ قوم جي دلين ۾ هن عورت لاءِ ڪافي نفرت هئي ۽ سندس قبر تي به ڪونه پيا وڃن. مون کي بعد ۾ انهن مٿي بيان ڪيل ڳالهين جي ڄاڻ ملي، اڳ ۾ خبر پئي ها ته سندس قبر تي وڃڻ کان پهرين سوچيان ها.

دنيا جا ڪيترائي عظيم ۽ طاقتور حڪمران عورتن آڏو بيوس، ڪمزور ۽ لاچار ڏٺاسين، فرانس جو بادشاهه نيپولين جنهن جي ساک ساري دنيا ۾ اڄ به قائم آهي، پنهنجي دل جوزيفائن کي ڏئي ويٺو، جرمنيءَ جو هٽلر، ايوا برائون آڏو نرم ٿي ويندو هيو، برطانيه جي شهنشاهه محبت خاطر تاج ڇڏي ڏنو. آمريڪي صدر بل ڪلنٽن وائيٽ هائوس ۾ ڪم ڪندڙ هڪ جونيئر ملازم ڇوڪريءَ خاطر خوار ۽ خراب ٿيو. هندوستان جو وزيراعظم جواهر لعل نهرو، لارڊ مائونٽ بيٽن جي گهر واريءَ سان دل لڳي ڪندو رهيو. ڪوڙ سارا بيا به مثال آهن، ڪهڙا لکي ڪهڙا لکان، عشق جا داستان ڪٿندا ئي ڪونه!.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# دولما باغيچہ محل

اتان تي اسان "دولما باغيچہ" محل ڏسڻ وياسين، جنهن جي وسعت ۽ سونهن حيران ڪري ڇڏيو. اسان کي مڪمل معلومات ۽ محل ڏيکارڻ خاطر هڪ خاتون گائيڊ جو بندوبست ڪيو ويو هيو، جيڪا انگلش ۾ سمجهائي رهي هئي.

اسان کي ٻڌايو ويو تہ محل کي سينگارڻ لاءِ چوڏهن ٽن سون ۽ چاندي ڪتب آندي وئي ۽ تيرهن سالن جي لڳاتار ڪم ڪان پوءِ 1856ع ۾ محل تهي راس ٿيو، سياح هن محل جي ڀيٽ لنڊن واري "بڪنگم محل"، روس ۾ لينن گراڊ واري "ارم تاز" ميوزيم ۽ پيرس جي "لو روي" محل" سان ڪندا آهن.

دنيا جي عظيم ۽ شاهوڪار پينٽنگز ۽ تصويرن سان آراستہ هي محل باسفورس سمنڊ جي بلڪل ڪناري تي ائين اڏيل آهي جو محل جي ڏاڪڻ تي ويهبو تہ سمنڊ جون چوليون پيرن کي لڳنديون. بادشاهہ، راڻيون، شهزادا ۽ شهزاديون، ضرور اتي ويٺا هوندا ۽ باسفورس سمنڊ ۾ هلندڙ جهازن ۽ پکين جي آواز مان لطف اندوز ٿيا هوندا. اسان بہ اُتي گهڙي کن لاءِ ويناسين.

بادشاهن هن محل کي رهائش ۽ آفيس طور ڪم آندو ان ڪري ئي اندر باقاعده الڳ الڳ حصا ۽ شعبا هيا. جهڙوڪ مرداڻو حصو، انتظامي حصو، مهمان خانو، استقباليہ ۽ حرم. اسان کي محل جو مڪمل سير ڪرايو ويو ۽ ڪوبہ حصو يا ڪمرو نہ هيو، جيڪو اسان نہ ڏٺو هجي. هن ئي محل ۾ جمهوريہ ترڪيءَ جو پهريون صدر ڪمال اتاترڪ زندگيءَ جا آخري مهينا رهيو، ڪيس جيري جي بيماري تي وئي ۽ 1938ع ۾ وفات ڪيائين. سندس بيڊ کي ڳاڙهي ترڪ



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

جهندي سان ڏٺيو ويو آهي ۽ سياحن کي اُهو ڪمرو ضرور ڏيکاريندا آهن.

ترڪ ڏاڍا سياڻا نڪتا، هنن کي خبر هئي ته محل ڏاڍو وڏو آهي ۽ ڏسڻ وارا گهمي گهمي ٿڪجي پوندا، ان ڪري هنن گائيڊ ڏاڍي سهڻي ڏني هئي. اجان ٽڪ جو اظهار ئي نه پيا ڪيون ته هوءَ مسڪرائي اچي پرسان بيهي، پيار وچان چوي ته ”اوهان کي پورو محل نه گهمايم ته سندس ناڪاميابي ليکي ويندي“ هاڻي سائين پريءَ جي ان ٻچي کي ڪير ڪندو ناڪامياب يا ناراض! وري اجان اڳتي هلون مس ته چوي ”وڃڻ مهل مون کان وزٽنگ ڪارڊ وٺڻ نه وسارجو، جيئن ٻيهر ترڪيءَ اچو ته توهان جي گائيڊ ٿي استنبول گهمايان،“ سيني کي نشا چڙهي ويا. پورو محل گهمي، هُن کان ڪارڊ وٺي خوشيءَ ۾ ٽپا ڏيندا ٻاهر نڪتاسين، ڪنڌ ورائي ڏسون ته هوءَ سياحن جي هڪ ٻي گروپ کي اندر وٺيو پئي وئي!

محل گهمي ٻاهر آياسين ته ڪابي پاسي ٺهيل مهمان خانو ۽ استقباليه لاءِ ٺهيل نئدي ۽ جديد عمارت ۾ وٺي ويا. حڪومت طرفان هيءَ عمارت، محل اينڊڙ غير ملڪي وفدن لاءِ ٺهرائي وئي آهي جنهن ۾ رهائش ۽ عاليشان ڪچن به آهي. ڊائننگ هال ۾ استنبول جي گورنر طرفان اسان جي وفد جي مان ۾ لنچ جو بندوبست هيو اُتي استنبول جو ميئر ۽ ٻيا به آيل هيا، البته گورنر صاحب سرڪاري مصروفيات ڪري ڪونه آيو هيو، لنچ تي سڀني ڪچهري ٿي، ترڪ عملدارن پاڪستان سان محبت جو بار بار اظهار پئي ڪيو، پاڪستان . ترڪي دوستيءَ تي ويچار ونڊياسين. هڪ ٻئي سان مدد ڪرڻ جا وچن ٿيا. پاڪستان تي ڪڏهن به ڪا مصيبت زلزلو يا تڪليف آئي ته ترڪن هميشه مدد ڪئي. آزاد ڪشمير ۽ پر وارن علائقن ۾ اٺين آڪٽوبر 2005ع تي جيڪو زلزلو آيو، اُن مهل ترڪن ڏاڍي مدد ڪئي ۽ سڀ کان پهرين ترڪ صدر اسلام آباد آيو.

ترڪيءَ ۾ اسان جي دوري جو خاص مقصد اهو هو ته اسان اُتان جو تعليمي نظام ڏسون ۽ اُن جو جائزو وٺون، ان کان اڳ ۾ اسان ”ڪيسري“ ۽ ”انقره“ ۾ جائزو وٺي آيا هياسين. ان حوالي سان



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ڊائريڪٽوريٽ آف ايجوڪيشن جو وزٽ لازمي هيو. ڊائريڪٽوريٽ پهچڻ سان، اسان جو دل جي گهراين سان استقبال ڪيو ويو ۽ اسان کي سرڪاري توڙي پرائيوٽ ايجوڪيشن بابت مڪمل بريفنگ ڏني وئي. اُتان ئي سڌو باسفورس سمنڊ جي سير لاءِ آياسين. جيئن تہ هت بہ اسان کي اُهوئي احوال ڏنو ويو، جيڪو اڳم اسان کي ملي چڪو هيو ۽ مان لکي بہ چڪو آهيان، ان ڪري ساڳي احوال کي ورجائڻ مناسب ڪونہ ٿو سمجهان.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# باسفورس

استنبول جو دورو اڌورو ٿئي ها، جيڪڏهن باسفورس سمنڊ جو سير نہ ڪيون ها. باسفورس، گهٽي قدر پرسڪون ٿو رهي ۽ ڪناري تي وڏيون وڏيون چوليون ڪونہ اچن. هن سمنڊَ، شهر کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي ۽ سندس ڊيگهہ 31.7 ڪلوميٽر آهي. سمنڊ جي ٻنهي پاسن ڪان خوبصورت بنگلا، محلات، ڪلبون ۽ ڪافي هائوس ٺهيل آهن، جتي پيبر پائڻ جي بہ جاءِ نہ ملندي، خوشحال ۽ دولتمندن لاءِ هي پسنديده علائقو آهي. اُتان جي معتدل آبهوا ۽ خوبصورت نظارا رهندڙن لاءِ وڏي ڪشش رکن ٿا. اهيو علائقو ۽ شهر جا ٻيا ڪيترائي علائقا "رات جو جاڳن" ٿا. استنبول باءِ نائيٽ Istanbul By Nite ڏسڻ لاءِ سياح، ڏينهن جو ننڊ ڪن ۽ پوءِ رات جو ڀرپور نموني جاڳن. شهر جون نائيٽ ڪلبون ۽ ريسٽورينٽ وغيرهہ يورپي طرز جون آهن، جتي ملڪي ۽ غير ملڪي نچڻيون، مختصر لباس ۾ سجي سجي رات پيون نچن ۽ ڳائن. هاڻي اهيو سياحن جي مرضيءَ تي آهي تہ هو سافٽ ڊرنڪ پيئن يا هارڊ، پاڻ نچن يا رڳو ناچ ڏسي خوش ٿين، واپس هوٽل تي وڃڻ مهل اڪيلا وڃن يا ڪو ساٿي وٺي وڃن.

باسفورس ٻن وڏن سمنڊن کي ملائيندڙ هڪ وڏي ڳچي يا نالي آهي پاڻيءَ جي، جنهن جي هڪ طرف آهي ڪارو سمنڊ تہ ٻئي طرف اتس پونچ سمنڊ. ڪارو سمنڊ اڳتي هلي روس جي حدن ۾ گهڙي ٿو ۽ روس جو هي واحد سمنڊ آهي، جيڪو سال جي هر موسم ۾ سامونڊي جهازن لاءِ کليل رهي ٿو. روس جي حدن ۾ ڪاري سمنڊ جي ڪناري تي خوبصورت شهر "سوچي ۽ يالٽا" Sochi & Yalta آهن. روس ۾ پڙهائي دوران مان ڪجهہ ڏينهن اُتي رهيو هيس.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

باسفورس ۾ سوين ٻيڙا، ٻيڙيون ۽ جهاز هيا، هزارين سياح ڪئميرائون ۽ مووي ڪنيو، نظارن جو مزو پيا وٺن. هرهڪ سيلانيءَ جي چهري تي اطمينان، خوشي ۽ تجسس نظر آيو. استنبول جي هوٽلن ۾ ڪمرو، رستي تي ٽيڪسي ۽ سمنڊ جي سير ڪرڻ لاءِ جهاز ۾ جاءِ مشڪل سان ملندي. غير ملڪي سياحن استنبول وارن لاءِ خوشحالي ۽ روزگار جا دروازا کولي ڇڏيا آهن.

باسفورس چئن ملڪن لاءِ انتهائي اهم آهي يعني بلغاريه، رومانيه، يوڪرين ۽ روس. 1936ع جي هڪ عالمي معاهدي تحت باسفورس جو ڪنٽرول تہ ترڪيءَ کي ڏنو ويو، پر سندس حيثيت بين الاقوامي پاڻي (International Waters) جي ڪئي وئي. ترڪيءَ کي ان ڳالهہ جو پابند ڪيو ويو تہ مٿيان چارئي ملڪ ان جو استعمال آسانيءَ سان ۽ بنا ڪنهن رڪاوٽ جي ڪن. باسفورس ۾ ننڍيون ٻيڙيون ڇڏي، وڏن مسافر جهازن، تيل جي ٽينڪرن ۽ ڪارگو جهازن جي ڳڻپ ڪبي تہ سالِيانو پنجاهہ هزار کان مٿي ٿيندا. دنيا ۾ شايد ئي ڪو اهڙو ساموندي رستو هجي جتان ايترا جهاز لنگهندا هجن.

اسان کي سمنڊ جي سير لاءِ هڪ وڏي ٻيڙي ۾ وٺي ويا ۽ اُتي ريفريشمينٽ بہ ڪرائي وئي، ڪلاڪ ڪن جي سير ۾ اسان باسفورس جو پورو سمنڊ گهميو ۽ واپس اچي زمين تي لٿاسين، اجوڪو ڏينهن اسان جو ڏاڍو مشغول رهيو ۽ سمنڊ تان واپسيءَ تي سيني کي چڱو خاصو ٿڪ ٿي پيو. ان ڪري رات سادي سودي ماني ڪائي سمهي پياسين.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# توپ قاپي محل ۾ ميوزيم

”توپ قاپي جي معنيٰ آهي ”توپ وارو محل“، ترڪيءَ ۾ سنڌيءَ ۾ توپ جي معنيٰ هڪجهڙي آهي. ڪنهن وقت هن محل اڳيان ڪافي توپون رکيون ويون هيون، شايد حفاظت جي خيال سان هجن، جنهن ڪري هن محل جو نالو ئي ”توپ محل“ پئجي ويو. هينئر سياحن جو مرڪز ٿي ويو آهي. سياحت ڪاتي طرفان ٻڌايو ويو ته هن محل ۾ اندر ميوزيم کي ڏسڻ واسطي سال ۾ 25 لکن کان مٿي سياح اچن ٿا. ان حساب سان هر مهيني ۾ 2 لک ماڻهو ۽ روزانه 7000 هزار جي قريب! ايڏي وڏي تعداد کي صبح کان شام تائين سنڀالڻ لاءِ محل جي عملي کي ڏاڍي محنت پئي ڪرڻي پوندي هوندي، سٺي ڳالهه اها هئي جو اسان کي ڪٿي به بدانتظامي نظر نه آئي.

استنبول اٽڪل 461 سال سلطنت عثمانيه جو دارالخلافه رهيو آهي. سلطان محمد فاتح، جنهن کي هن شهر جي فتح ڪرڻ جو تاريخي اعزاز ۽ عزت نصيب ٿي، ان کي به ٻين ترڪ حڪمرانن وانگر عمارتن جوڙائڻ جو شوق رهيو. ٿورو غور ڪبو ته ترڪ بهترين سول انجنيئر رهيا آهن ۽ عمارت سازيءَ ۾ سندن دلچسپي تمام قديم آهي، مدينه شريف ۾ روضه رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي موجوده اڏاوت به ترڪن پنهنجي دور ۾ ڪرائي ۽ اڄ ڏينهن تائين ساڳي حالت ۾ قائم دائم آهي.توپ قاپي محل ٺهڻ ۾ پورا چار سال لڳا، 1479ع ڌاري ٺهي راس ٿيو ۽ سلطان جي رهائش لاءِ استعمال ٿيڻ لڳو. اڻويهين صديءَ جي آخر ۾، هن محل کي ميوزيم ۾ تبديل ڪري، حڪومت ۽ سلطان وٽ رکيل قيمتي تحفا ۽ نادر شيون پيتين مان ڪڍي ٻاهر ڪيون ويون ۽ عوام لاءِ دروازا کوليا ويا. محل جي چوڌاري جيڪا ديوار ٺهيل آهي ان جي ڊيگهه اٽڪل پنج ڪلوميٽر



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ٽيندي ۽ محل جي اندر ايراضي 173 ايڪڙن جي لڳ ڀڳ آهي، واقعي ڏاڍو وڏو محل هيو. ڪيئن سلطان ۽ سندس خاندان وارا ايڏي وڏي محل ۾ رهندا هيا! ڇون ٿا ته محل جي سار سنڀال، صفائي، ڪاڌو پيتو تيار ڪرڻ ۽ خدمت خاطر پنج هزار کن ماڻهو هروقت موجود هوندا هيا. واهه سائين واهه پنجويهه، ٽيهه کن شاهي خاندان جي ڀاتين لاءِ پنج هزار ماڻهو، هيا نه نٺ! ٻاهرين دنيا سان رابطي لاءِ هن محل جا ست دروازا آهن، جن مان چار خاص سمنڊ جي پاسي کلن، ٽي دروازا عام هيا ۽ اچ وڃ لاءِ هينئر به ڪم اچن. محل جي مين گيٽ تان ٽڪيٽ وٺي اندر داخل ٿبو ته پهرين نظر ”باب الاسلام“ تي پوندي، جنهن ڪان پوءِ وڏو باغ ايندو جيڪو اٽڪل 130 ميٽر ويڪرو ۽ 168 ميٽر ڊگهو ٿيندو، ساڄي پاسي ڪان ”بورچي خانو“ آهي جنهن ۾ اٽڪل ٻارنهن سو بورچي ۽ مددگار ڪم ڪندا هيا. جيڪي ڏينهن هجي يا رات، مختلف قسمن جي طعامن جي تياريءَ ۾ مشغول رهندا هيا. ڪچن به گهمڻ وٽان آهي ۽ خاص ڏسڻ وٽان اُن وقت جي ناياب ۽ خوبصورت ”ڪراڪري“ آهي، جيڪا چائنا، لنڊن، جاپان، روس ۽ ٻين ملڪن مان گهرائي وئي هئي. محل جو هڪ حصو ”حرم“ هيو، جتي پڙدي جو خاص انتظام هيو ۽ راڻين ۽ شهزادين لاءِ مخصوص هيو.

اسان کي ٻڌايائون ته ”حرم“ جي ويجهو ڪوبه مرد نه ويندو هو ۽ تعليم واسطي به شهزاديون ٻاهر نه نڪتيون چاجي ڪري جو پڙهائيءَ جو بندوبست به اندر ئي ٿيل هو. ڪي خاص خواجه سرا هيا جيڪي ”حرم“ ۾ ڪنهن حد تائين وڃي سگهندا هيا. شروع وارن خليفن ته عورتن کي رهائش ڏار ڏني هئي ۽ هن محل کي رڳو سرڪاري ڪم لاءِ وقف ڪيو ويو. پر سلطان سليمان قانوني کي پنهنجي ٻيو نمبر گهر واريءَ نالي حريم مجبور ڪري محل ۾ رهڻ جي اجازت ورتي ۽ محل اندر رهڻ ڪري سرڪاري معاملات ۾ مداخلت به ڪندي رهي. حرمَ ۾ آندل خواتين مختلف ملڪن ۽ نسلن سان تعلق رکندڙ هيون، اُهي علائقا ۽ ملڪ اُهي هيا، جيڪي ترڪ حاڪمن فتح ڪيا هئا. حرم جي خواتين ۾ اُهي به شامل هيون، جيڪي ڪين سوڪڙي ٽي مليون، سوڪڙي ته بادشاهن ۽ فاتحن کي


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

سني ٿي ملندي آهي! ايترن نسلن ۽ قومن جون خواتين، جن جو تعلق حاڪمن ۽ شهزادن سان هجي، انهن کي گڏ رهائڻ به وقت جي خليفي لاءِ متي جو سور هيو. حرم ۾ ٽي سو کن سمهڻ وارا ڪمرا (بيڊ روم)، چائيتاليهه غسل خانه ۽ اٺ شاهي حمام خانه هيا. اُن کان علاوه اسپتال، ڊاڪٽرياڻيون، نرسون هيون. محل جي ستن درن جي حفاظت لاءِ چاليهه کن حبشي غلام هر وقت پهري تي رهندا هيا. جيڪي پنهنجي ڪسرتي بدن، ڊگهي قد ۽ وڏي جسامت ڪري پڪ سانَ پوائتا ٿي هوندا. سلطان سليم 1517ع ۾ مصر فتح ڪئي ته کيس ”خليفته المسلمين“ سان مخاطب ڪيو ويو، پر پاڻ خادم الحرمين شريفين، مڪه ۽ مدينه سڏائڻ پسند ڪيائين. ۽ پوري عالم الاسلام لاءِ عزت ۽ مرتبي وارو ليکجڻ لڳو. ان حيثيت ۾ اچڻ ڪري اسلامي دنيا جي مختلف ملڪن وٽان کيس متبرڪ شيون تحفي ۽ نذراني ۾ ملڻ لڳيون. شروع شروع ۾ اهي سڀ شيون مختلف جاين تي پيٽين ۽ صندوقن ۾ بند ڪري رکيون ويون هيون، پر جڏهن توپ قاپي محل کي ميوزيم ۾ تبديل ڪري عام ۽ خاص لاءِ کوليو ويو ته پيٽيون ۽ صندوقون سڀ کوليون ويون. ايترو قيمتي ۽ ناياب سامان ڏسي سڀ حيران ٿي ويا.

سڀ کان اهم ترين ۽ قيمتي شيون اُهي هيون جن جي نسبت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم ۽ چئن خليفن سان هئي. انهن متبرڪ شين لاءِ ساڄي طرف هڪ خاص حصو مخصوص ڪيو ويو آهي جتان تلاوت ڪلام پاڪ جو آواز ايندو رهي ٿو. ان ڪمري ڏانهن اچبو ته اُهي تاريخي ۽ مقدس شيون وڏي شان ۽ مان سان رکيل ملنديون، جن کي ڏسڻ لاءِ اکيون سالن کان آسائتيون هيون. مون سمجهيو ته تلاوت لاءِ ڪا ٽيپ تي هلي، جيئن اسان وٽ مسجدن ۾ تلاوت، وعظ ۽ مولودن جون ڪيسٽيون صبح کان رات تائين پيون هلن، پوءِ پل ته پاڙي ۾ ڪنهن شاگرد کي امتحان جي تياري ڪرڻي هجي يا ڪنهن بيمار کي آرام ڪرڻو هجي، پر سائين هت ته قاري وينو قرآن سامهون رکيو، مني ۽ سُريلي آواز ۾ تلاوت ڪري، خبر پئي ته جڏهن ميوزيم کي کوليو ويو ته سرڪار طرفان تلاوت


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com



انقره ـ نيشنل اسيمبلي جي هال ۾ اسپيڪر
KOKSAL TOPTAN سان گڏ



انقره ـ نيشنل اسيمبلي جي سيڪريٽري
سان

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com



استنبول - باسفورس تي پل



استنبول - باسفورس جو ٻيڙيءَ ۾ سير ڪندي

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com



استنبول ـ مسجد سليمانيه جو اندروني ڏيک



استنبول ـ مسجد سليمانيه ۾ دعا گهرندي

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com



استنبول ـ توپ قاپي ميوزيم ۾ چئني
خليفن جون تلوارون



استنبول ـ توپ قاپي ميوزيم ۾ نبي سائين ﷺ
سان وابسته تبرڪات جي زيارت

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

جو بہ بندوبست ڪيو ويو ۽ مناسب پگهار تي قاري رکيا ويا، جيڪي صبح کان شام تائين وينا تلاوت ڪن.

نبي سائينﷺ جي نسبت سان رکيل شين ۾ سندن هڪ جُبو (عبا) آهي، جيڪو ڪاري اُوني ڪپڙي مان نهيل آهي، اُن جون ٻانهون ويڪريون ۽ ڊگهيون آهن، ان جُبي کي نبي سائينﷺ جن ڪيترائي سال استعمال ڪيو ۽ پوءِ ڪعب نالي عرب دنيا جي هڪ مشهور شاعر جڏهن اسلام قبوليو تہ نبي سائينءَ جن پنهنجو اهو جُبو ان کي تحفو ڪري ڏنو، اُهو جبو پوءِ حضرت امير معاويہ تائين پهتو. جڏهن تُرڪن جي سلطنت ۾ مڪو ۽ مدينہ بہ اچي ويا تہ هي قيمتي ۽ نادر شيءِ ترڪيءَ جي سلطان سليم اول پاڻ سان کڻي آيو ۽ اڄ توپ قاپي محل ۾ محفوظ آهي.

ميوزيم ۾ ٻيا بہ ڪيترائي شوڪيس آهن، جن ۾ غلاف ڪعبہ جا ننڍا وڏا ٽڪرا محفوظ ڪيا ويا آهن. ڏسڻ وٽان نبي سائينﷺ جن جون تلوارون بہ آهن ۽ اُها تلوار بہ آهي، جيڪا پاڻ سڳورن مديني کان هجرت ڪرڻ مهل ساڻ کنئي هئي، هن تلوار جي دستي تي گل نهيل آهن ۽ خوبصورت پٿر بہ لڳل آهن. نبي سائينﷺ جن جي ٻي تلوار تي "ڪلمہ طيبہ" اڪريل آهي ۽ جيڪا کين سندن ڏاڏي حضرت عبدالمطلب طرفان ملي هئي، غزوه بدر وقت اها تلوار سندن چيلهہ مبارڪ سان ٻڌل هئي. سندن هڪ ڪمان بہ آهي، جيڪا بانس جي نهيل آهي ۽ پاڻ سڳورن غزوه تبوڪ ۾ استعمال ڪئي، انهن ٻن تلوارن کان علاوه ڪجهہ ٻيون بہ اهم ۽ تاريخي تلوارون آهن، جهڙوڪ حضرت ابوبڪر رضہ، حضرت عمر رضہ، حضرت عثمان رضہ، حضرت علي رضہ، حضرت زين العابدين رضہ، حضرت زبير رضہ، حضرت حسان بن ثابت رضہ، حضرت جعفر طياره رضہ، حضرت خالد بن وليد رضہ، حضرت عمار بن ياسر رضہ جون تلوارون. ياد رهي تہ عرب واپار بہ ڪندا هيا، هارپو بہ ڪندا ۽ جنگي صورتحال ۾ پنهنجون پنهنجون تلوارون کڻي ميدان ۾ بہ لهندا هيا، ان وقت باقاعده فوج ڪونہ هئي، نہ ئي ڪنهن کي پگهار ملندي هئي بس فتح جي صورت ۾ "مال غنيمت" مان ڪجهہ نہ ڪجهہ ملي ويندو هين، ورنہ شهادت کي ئي ڪافي سمجهندا هيا.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

شيشي جي هڪ پيتيءَ ۾ نبي سائينﷺ جا قدم مبارڪ بہ آهن. روايت موجب پاڻ سڳورا جڏهن معراج تي وڃن پيا تہ "براق" تي چڙهڻ کان اڳ سندن قدم مبارڪن جو نشان تي ويو. هڪ ٻي روايت موجب تہ بيت المقدس مان هڪ پٿر تي سندن قدم مبارڪ جا نشان مليا، جڏهن اُتان معراج لاءِ روانہ ٿين پيا. سندن "مُهر نبوي" Seal بہ اُتي محفوظ آهي، جيڪا پاڻ سڳورا سرڪاري خط و ڪتابت مهل استعمال ڪندا هُيا، "مهر" جي سائيز هڪ سينٽي ميٽر جي برابر آهي، سندن اهو خط بہ آهي جيڪو مصر جي بادشاهہ ڪي لکيو هيائون، جنگ اُحد ۾ شهيد ٿيل ڏند مبارڪ بہ آهي، جيڪو سون جي شوڪيس ۾ محفوظ آهي، وارَ مبارڪَ بہ چوويهن جي قريب آهن، ٻڌائن پيا تہ اڳ ۾ سٺ هيا. نبي سائينﷺ جن جو اُهو جهنڊو بہ آهي جيڪو جنگ بدر ۽ جنگ اُحد ۾ بلند ڪيو هيائون.

سڀ زيارتون ڪري جڏهن ٻاهر پيو نڪران تہ بار بار اهو خيال پئي آيو تہ وري هتي اچڻ الائي تہ ٿئي يانہ؟ پنهنجي خوشنصيبيءَ تي خوشي بہ پئي ٿي تہ مون جهڙي گناهہ گار کي الله نوازيو جو هت آيس ۽ زيارت نصيب ٿي. ان کان پوءِ سامهون واري هال ۾ آياسين تہ خانہ ڪعبہ جي مٿان رکيل هڪ "نيسارو" نظر آيو، جنهن مٿان سون جو ڪم ٿيل آهي ۽ ڪافي جاين تان ڳريل هيو، خانہ ڪعبہ جون چاٻيون ۽ تالا بہ موجود هيا. هڪ ڪمري ڏانهن اشارو ڪري ٻڌايائون تہ اُتي اُهو قرآن بہ موجود آهي، جنهن کي پڙهندي حضرت عثمان رضہ جن شهيد ٿيا هيا، پر ڪمرو بند هيو، ان ڪري زيارت ڪونہ ڪري سگهياسين. انهن شين ۽ تبرڪات کان علاوه حضرت ابراهيم عليہ السلام جو پيالو، حضرت يوسف عليہ السلام جي قميص، حضرت موسيٰ عليہ السلام جي لٺ (عصا)، حضرت دائود عليہ السلام جي تلوار، حضرت اويس قرنيءَ جي ٽوپي بہ آهي. انهن سيني شين کان علاوه بہ ڪيتريون ننڍيون وڏيون تاريخي شيون موجود آهن جهڙوڪ نماز جا مصلا، فانوس، حجر اسود کي محفوظ ڪرڻ واري پيتي، زم زم جي پيئڻ لاءِ پيالا وغيره وغيره. نبي سائينﷺ، حضرت علي رضہ ۽ امام حسين عليہ السلام جي نسبت سان ڪجهہ شيون بادشاهي مسجد لاهور ۾ بہ آهن، جيئن سندن سائي


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

رنگ جو پٽڪو، لٺ (عصا)، عَلمَ مبارڪ، وار مبارڪ، روضہ مبارڪ جو ٽڪرو ۽ سليپر. اهي شيون ڪافي سال اڳ مون ڏٺيون هيون. توپ قاپي ميوزيم ۾ باقي ڦوهارا، باغ، باغيچا، بيڊروم، فرنيچر بہ ڏسڻ وٽان هيا، اُهي جلدي جلدي ڏسي ٻاهر آياسين.

جڏهن نبي ڪريم ﷺ جي حوالي سان ”تبرڪات“ جو ذڪر پيو هلي تہ پوءِ پنهنجي سنڌ ۾ موجود ڪجھہ اهم ”تبرڪات“ جو ذڪر ڪرڻ ضروري پيو سمجهان.

روهڙيءَ ۾ بہ ”وار مبارڪ“ جي زيارت گذريل 475 سالن کان جاري آهي. زيارت جي پرسان جامع مسجد جو بنياد اڪبر بادشاهہ رکايو ۽ زيارت جو گنبذ پير صاحب پاڳاره جي خاندان جي هڪ بزرگ علي مردان شاهہ نهرايو.

گهوٽڪي ضلع جي شهر ”پرچوندي شريف“ ۾ پاڻ سڳورن جو هڪ ”جبو مبارڪ“ انتهائي محفوظ حالت ۾ رکيو ويو آهي. ڪتابن موجب اهيا قيمتي ۽ ناياب سوکڙي، حافظ محمد صديق رحہ کي، اڄ کان اٽڪل سواسو سال اڳ ڪن مغل شهزادن طرفان عنايت ٿي هئي. 20 آڪٽوبر 2009ع، جمع نماز کان پوءِ، اسان کي ”جبي مبارڪ“ جي زيارت ڪرائي وئي. اهيا هڪ روح پرور ۽ وڏي شان واري تقريب هئي، جنهن ۾ ”خانقاهہ پرچوندي شريف“ جي موجوده گادي نشين ميان عبدالخالق صاحب جن مسجد شريف جي اڱڻ ۾ ٻيهي عوام کي زيارت ڪرائي.

اهڙي ئي اهميت واري هڪ ٻي بہ زيارت آچر 22 آڪٽوبر 2009ع تي نصيب ٿي، جڏهن ڳوٺ ”سومراٽي شريف“، تعلقو لکي ضلع شڪارپور وياسين. اُتي هڪ قديم مدرسو آهي، شايد سو سالن کان بہ پراڻو هجي، ان جي متولي (منتظم) بزرگ محمد يعقوب مهر کي پنهنجي پڙ ڏاڏي کان ورثي ۾ مليل سوکڙي نبي سائينﷺ جي ”دستار مبارڪ“ (پٽڪو)، ڪاٺ جي هڪ سهڻي پيتيءَ ۾ محفوظ آهي، جيڪا افغانستان جي حڪمران تيمور گرگان کان ٿيندي هت پهتي آهي. مٿين ٻنهي زيارتن جي موقعي تي بورڊ جو هڪ سينيئر آفيسر محمود الحسن ڪوکر ساڻ هيو.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# نيري مسجد

هي استنبول جي هڪ وڏي، سهڻي ۽ خوبصورت مسجد آهي "نيري مسجد"، جنهن جي ڏسڻ بنان، استنبول جو دورو نامڪمل رهندو، هن کي "سلطان احمد مسجد" به ڪري چوندا آهن جو سلطان احمد 1616ع ۾ نهرائي هئي، جنهن جي حڪومت 1603ع کان 1617ع تائين رهي. اُن وقت جي مشهور آرڪيٽيڪٽ محمد آغا نقشو تيار ڪيو ۽ نهرائي مڪمل ڪئي. هي دنيا جي واحد مسجد آهي، جنهن کي ڇهه منارا آهن. جڏهن سلطان احمد مسجد گهمڻ آيو ته ڇهه منارا ڏسي ناراض ٿيو، ڇوته خانہ ڪعبہ جي مسجد جا به ڇهه منارا هيا. ڇون ٿا ته انجنيئر محمد آغا هڪدم وڃي، خانہ ڪعبہ جي مسجد جو هڪ مينار وڌائي ست ڪيا. مسجد ۾ نيري رنگ جون خوبصورت ٽائيلون لڳل آهن جن جو تعداد 21043 آهي. اُهي ٽائيلون خاص طور تي ترڪيءَ جي شهر "ازمير" مان نهرايون ويون ۽ ان کان پوءِ ان ڊزائن جي ڪابہ ٽائيل نہ نهي.

مسجد ۾ وڇايل خوبصورت قالين، ڪي ترڪيءَ جا ته ڪي ٻاهران گهرايل آهن، روشني ڪرڻ لاءِ وڏا فانوس به آهن، استنبول جي سڀ کان مهانگي ۽ اميرن جي علائقي ۾ هيءَ مسجد جڏهن نهي تيار ٿي ته اميرن ۽ نوابن تحفن سان مسجد کي سينگاري ڇڏيو. قرآن شريف جا ڪي نادر نسخا ۽ هٿ سان لکيل قرآن به هتي موجود آهن. مسجد ۾ اندر اچڻ لاءِ پنج دروازا آهن، جن مان هڪ کي سلطان احمد لاءِ مخصوص ڪيو ويو هو. مسجد کي 260 دريون آهن ۽ انهن جي شيشن جو رنگ به نيرو آهي.

مسجد ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ۾ وضو ڪري نماز پڙهيم، ٻپهريءَ جو وقت هيو ۽ نمازي ٻاهر نڪرن پيا، چڱي رش هئي، ڇون



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

پيا ته چار هزار کن نمازي روزانو هتي نماز پڙهڻ لاءِ ايندا آهن. هن مسجد جي گنجائش ڏهه هزار جي قريب آهي. ترڪيءَ جي ٻين شهرن وانگيان هتي به نمازي ڪلين شيو هيا ۽ هڪ به نمازي ڏاڙهيءَ سان نظر نه آيو، مسجد ۾ اندر ڪجهه بالڪونيون هيون، جتي خواتين به نماز پئي پڙهي. ديوارن تي قرآني آيتون نقش ٿيل هيون. هڪ جاءِ تي "حضرت بلال رضه" جو نالو پڙهي ڏاڍي حيرت ٿي. مون ڪتي به ۽ ڪنهن به مسجد ۾ هن بزرگ جو نالو نه ڏٺو آهي. حضرت بلال رضه کان ڪير واقف نه هوندو، نبي سائين صه جي وقت بانگ جي ادائگي ان جي فرائض ۾ شامل هئي ۽ ڪين ڏاڍا پيارا هيا. فتح مڪه وقت خانه ڪعبه جي ڇت تان بيهي پهرين بانگ ڏني هئائون.

ٻاهر نڪري آياسين ته فوٽوگرافر ۽ ڪتاب وڪڻڻ وارا ورائي ويا. انهن کان جان ڇڏائي هڪ عمارت ۾ آياسين، جيڪا مسجد جي بلڪل ويجهو هئي، جنهن ۾ سلطان احمد، سندس گهر واري، ٻه فرزند عثمان ثاني ۽ سلطان مراد چوٿون دفن هيا.

اهو ڪمرو بند رکندا آهن ۽ غير ملڪي سياحن کي ڪونه ڇڏن، پر اسان کي اجازت ملي، شايد پاڪستاني ۽ مسلمان هئڻ ڪري، وضوءَ سان ته هيس، سو احترام ۽ دل سان فاتح خواني ڪري دعا گهريم. سلطان احمد واقعي وڏو انسان هيو، جنهن سورنهن سالن جي ننڍي ڄمار ۾ تخت سنڀاليو ۽ سورنهن سال شان ۽ مان سان حڪومت ڪري "نيري مسجد" ۽ ٻيون ڪيتريون ئي يادگيريون ڇڏي ويو، ترڪن وٽ هن حڪمران لاءِ ڏاڍي عزت ڏٺيسين.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# صوفيہ چرچ، مسجد ۽ ميوزيم

استنبول ۾ ٻي هڪ، قابل ديد ۽ قابل تعريف عمارت آهي "سينٽ صوفيہ چرچ"، جيڪا نيري مسجد کان گهڻو پري نہ آهي. هن عمارت جي تعمير لڳ ڀڳ ڏيڍ هزار ورهيہ کن اڳي جي آهي، پنهنجي تعمير کان پوءِ تقريبن 1000 سال بطور چرچ سجاتي وئي. هن وقت هيءَ شاندار عمارت، عيسائين ۽ مسلمانن لاءِ هڪ جهڙي اهميت رکي ٿي، هيٺين منزل يا گرائونڊ فلور تي مسجد آهي تہ مٿي عيسائين لاءِ ميوزيم.

جڏهن هيءَ عمارت چرچ طور نئين سر راس ٿي تہ هن ۾ بي بي مريم ۽ حضرت عيسيٰ جون انتهائي قيمتي تصويرون نهرائي لڳرايون ويون، مسلمانن انهن تصويرن جي پوري طرح حفاظت ڪئي ۽ محفوظ نموني مٿين منزل تي رکايون آهن ۽ واقعي ڏسڻ وٽان آهن.

اسان کي ٻڌايو ويو تہ جڏهن ترڪيءَ تي ترڪ مسلمانن جي حڪومت قائم ٿي ۽ 1453ع ۾ استنبول بہ فتح ٿي ويو تہ صوفيہ چرچ کي مسجد ۾ تبديل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. استنبول ۽ پر وارن علائقن جا حاڪم، گورنر، سرڪاري عملدار، وزير، مذهبي اسڪالر ۽ پيش امام دعوتون ڏيئي گهرايا ويا. ان وقت جي خليفي جي اچڻ تي، اعلان ڪرايو ويو تہ، جنهن بہ شخص هوش سنڀالڻ کان پوءِ، تهجد جي نماز ناهي ڇڏي، اُهو اچي اِمامتَ ڪري. سڀي جماعت مان ڪوبہ نہ اُٿيو، آخرڪار خليفو پاڻ اٿيو ۽ امامت ڪيائين. اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ان وقت جا حڪمران ڪيڏا نہ پرهيزگار، نماز ۽ روزي جا پابند هيا. روايت موجب نماز دوران خليفي کي ٻڌايو ويو تہ


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

جماعت جو رخ خانہ ڪعبہ ڏي نہ آهي، هاڻي ڇا ٿئي؟ ظاهر آهي تہ نماز ڪي اڌ ۾ ڇڏي، نمازين جو رخ ڪي خانہ ڪعبہ ڏي ڪرڻ لازمي ٿي ويو. چون ٿا تہ اُن مهل خواجہ خضر، خليفي جي سامهون آيو ۽ چيائينس تہ "نماز نہ ٽوڙ، مان مسجد جو رخ، خانہ ڪعبہ ڏي ٿو ڪيان" ۽ پوءِ هُن پنهنجو ساڄو آڱوٺو، هڪ ٿنڀ ۾ زور سان اندر ڪري گهمايو تہ مسجد جو رخ تبديل ٿي ويو. اهو سڄو احوال، عرفان ٻڌايو جيڪو ڪراچيءَ کان وني اسان سان بطور گائيڊ گڏ هيو، هن پوءِ اسان کي اُهو ٿُنڀ بہ ڏيکاريو ۽ اُن ۾ واقعي آڱوٺي جو نشان بہ هيو، مون پنهنجو ساڄو آڱوٺو ان جاءِ تي رکي گهمايو. عيسائي سياح ان ڳالهہ تي يقين رکن ٿا ۽ پنهنجو آڱوٺو ان ٿنڀ ۾ وجهي واپس پيا گهمائن. مون اهو نظارو بيهي ڏٺو ۽ هڪ اسي سالہ انگريز پوڙهيءَ کان پڇيو تہ، هوءَ ڇا سوچي اهو ڪم ٿي ڪري، ٻڌايائين تہ ڪين سنڌن پادرين ٻڌايو تہ ائين ڪجو، شايد مسجد جو رخ ڦري وڃي ۽ وري گرجا ٿي وڃي.

سينٽ صوفيہ مسجد ۾ داخل ٿيڻ سان هڪ وڏو هال نظر ايندو. سامهون سڄي پاسي گول تختيءَ مٿان وڏن اکرن ۾ "الله" لکيل آهي ۽ ان کان پوءِ وري ٻي تختيءَ تي "محمدصہ". پاسي وارين ديوارن مٿان چئني خليفن حضرت ابوبڪر رضہ، حضرت عمر فاروق رضہ، حضرت عثمان غني رضہ، حضرت علي رضہ، جا نالا گول تختين تي لکيل آهن، ان کان علاوه حضرت امام حسين عليہ السلام ۽ حضرت امام حسن عليہ السلام جا اسم مبارڪ بہ لکيل آهن. مسجد ۾ بالڪونيون بہ ٺهيل آهن، جتي عورتون نماز پڙهنديون هيون. جڏهن عمارت کي چرچ مان بدلائي مسجد ڪيو ويو تہ اندر محراب و عنبر ۽ ٻاهران چار مينار ٺهرايا ويا. عمارت ۾ عيسائين ۽ مسلمانن جي دلچسپي ڏسندي، ڪمال اتاترڪ جي حڪم سان 1935ع ۾ کيس ميوزيم ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ اقوام متحده طرفان عالمي ورثہ قرار ڏنو ويو.

جڏهن اسان هن ميوزيم ۾ گهمڻ لاءِ پهتاسين تہ خوشنصيبيءَ سان هڪ چڱو ڏينهن هيو، جو عيسائين جي حوالي سان


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

هڪ وڏي بين الاقوامي سطح جي نمائش هلي رهي هئي، اسان ب اها نمائش ڏٺي ۽ بي بي مريم رضہ، حضرت عيسيٰ عليہ السلام جون انتهائي ناياب تصويرون ۽ ٻيون نوادرات ڏسڻ جو موقعو مليو. نمائش جي ڪري غير ملڪي سياحن سان ميوزيم پريل هئي. ترڪيءَ ۾ عيسائيت سان وابسطہ جايون، نشانيون ۽ ثقافتي شيون محفوظ ڪيون ويون آهن، جن کي ڏسڻ لاءِ يورپ جا سياح روز پيا اچن. وراندي ۾ سياحت ڪاتي طرفان ننڍڙا دوڪان هيا، پر اتي سڀ شيون ختم ٿي چڪيون هيون. شايد اڄ سياح وڌيڪ آيا هيا ان ڪري!

اسان سيني گڏجي ڪافي دير تائين فوٽو ڪڍيا، انصاري صاحب هڪ سنو ذوق رکندڙ ساٿي ثابت ٿيو، ميڊم حميده کهڙو عمارتن جو بيڪ گرائونڊ ٺاهيندي هئي، سندس سبجيڪٽ ب تاريخ هيو ۽ ترڪي اڳم ڏٺو ب هيائون.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# حضرت ايوب انصاري رضہ

تاريخ اسلام ۾ حضرت ايوب انصاري رضہ جو مرتبو ۽ مانُ نهايت ئي منفرد ۽ مثانهون آهي، جڏهن پاڻ سڳورا ﷺ مڪي شريف کان مديني (يثرب) هجرت ڪري آيا تہ مديني جي هر ماڻهوءَ جي اها خواهش هئي تہ مڪي مان آيل معزز ترين مهمانُ سندن گهر ۾ رهي. نبي سائينءَ جن سيني انصارن جون شوق ڏسي، پنهنجي ڏاچيءَ جي مهارَ کي ڇڏي ڏنو ۽ فرمايائون تہ "ڏاچي جنهن بہ گهر اڳيان بيهندي، هُو ان جا ئي مهمان ٿيندا." اهو شرف ۽ عزت حضرت ايوب انصاري رضہ جن جي نصيب ۾ هئي، جو ڏاچي اُنهن جي گهر آڏو اچي پاڻ ويني، ايڏي وڏي سعادت جي ڪري، حضرت ايوب انصاري رضہ جو ذڪر اڄ تائين احترام سان ورتو وڃي ٿو ۽ کين ميزبانِ رسول الله ﷺ جو لقب مليو.

تاريخ جا ورق اُٿلائڻ مان معلوم ٿئي ٿو تہ آخري نبي ﷺ جي پيدا ٿيڻ ۽ يثرب اچڻ جي خبر عيسائي راهبن کي اڳواٽ هئي. اهيو گهر، جيڪو حضرت ايوب انصاريءَ کي پنهنجي خاندان طرفان ورثي ۾ مليو هيو، اُن جي نشاندهي بہ عيسائي راهبن اڳواٽ ڪئي هئي، اُن جي ڪري ئي اهيو گهر، نبي سائين ﷺ جن جي تشريف آوري کان ڪيترائي سال اڳ، بہ منزلہ ڪري ٺهرايو ويو هيو، حالانڪ اُن وقت جي يثرب (مدينہ) ۾ بہ منزلہ گهرن جو رواج بنھ ڪونہ هيو.

پاڻ سڳورن ﷺ سان هڪ مستند حديث شريف منسوب ٿيل آهي تہ جيڪو بہ استنبول فتح ڪندو، اُهو جنتي آهي، خليفہ دوم حضرت عمر فاروق رضہ يا حضرت عثمان غني رضہ جي دور خلافت ۾ استنبول کي فتح ڪرڻ لاءِ ويل هڪ لشڪر سان حضرت ايوب


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

انصاري رضہ بہ شامل هيا. پيرسني، ٽڏ ۽ ٽڪاوٽ ڪري اُتي ئي وفات ڪيائون ۽ سندن وصيت مطابق ڪيس اتي ئي دفن ڪيو ويو.

جڏهن 1453ع ۾ استنبول فتح ڪيو ويو تہ هي بزرگ ٽن ڏينهن کان پوءِ فاتح استنبول، سلطان محمد جي خواب ۾ آيو، ان وقت جي عالمن کي ساڻ ڪري قبر جي تلاش ڪئي وئي، ۽ ڪافي تڪليفن کان پوءِ سندس قبر ملي، چون ٿا تہ بزرگ پنهنجي قبر جي پاڻ نشاندهي ڪئي، خواب ذريعي ڪيترائي دفعا ظاهر ٿيو ۽ رستو ٻڌايائين.

سلطان محمد فاتح هن بزرگ جي اهميت، عزت ۽ حيثيت کان واقف هيو، ان ڪري هڪ عاليشان مقبرو تيار ڪرايو ويو ۽ اُن جي پرسان هڪ سهڻي مسجد بہ نهرائي وئي. اسان کي ٻڌايو ويو تہ عثمانيہ دور جي هر خليفي ۽ سلطان، تخت تي ويهڻ شرط حضرت عثمان غني رضہ جي تلوار ڳچيءَ ۾ لٽڪائي سڀ کان پهرين، حضرت ايوب انصاريءَ جي درگاهہ جي حاضري ڀري، پوءِ پنهنجو حڪومتي ۽ سرڪاري ڪم شروع ڪيو.

ميزبانِ رسول الله صہ جي مقبري تي وڃڻ کان اڳ وضو ڪري پوءِ داخل ٿياسين، پنهنجي خوش نصيبيءَ تي وري بہ خوشي ٿي تہ هن بزرگ جي قبر تي فاتحہ پڙهڻ جو اعزاز مليو آهي، ان کان پوءِ زيارتون ڪيوسين، قدم مبارڪ ۽ وار مبارڪ نبي سائين صہ جا اُتي بہ آهن. ٻاهر آيس تہ مسجد مان ٽپهريءَ جي نماز جي آذان پئي آئي. جماعت سان نماز بہ نصيب ٿي وئي، ترڪيءَ جي ٻين مسجدن وانگر هت بہ هڪ بہ نمازي ڏاڙهيءَ سان نظر نہ آيو ۽ پيش امام صاحب بہ ڪلين شيوِ هيو. مسجد جي پرسان ئي هڪ وڏي بازار هئي، اُتي ڪافي شيون ڪپن پيو، مان پنهنجي ننڍي نياڻي "ڪونج" لاءِ مصلو ورتو، جيڪو ڪيس 4 ڊسمبر 2009ع تي سندس شاديءَ مهل ڏنوسين.

اسان جي ميزبانن جلدي هلڻ لاءِ چيو جو "استنبول جي چيمبر آف ڪامرس ۽ انڊسٽري" وارن ترڪيءَ جي وزير تجارت جي مانَ ۾ دعوت ڪئي هئي ۽ اسان کي اُن ۾ اچڻ لاءِ چيو ويو هيو،


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

دعوت بہ اسان واري هوٽل ۾ هئي، بس ڪپڙا بدلائي تيار ٿي آياسين، هال واپارين ۽ سرڪاري ڪامورن سان ڀريل هيو، اسان کي اسٽيج سامهون ٽيبل ڏنائون ۽ فنڪشن دوران وزير صاحب اسان جي ٽيبل تي اچي مليو ۽ پاڪستان جي تعريف ڪيائين، ان دوران آذان آئي، اِهو رمضان جو پهريون روزو هيو ۽ سيئي ترڪ روزي سان هيا. روزي کلڻ کان پوءِ دعوت ڏني وئي تہ ڪو اچي رمضان جي فضيلت ۽ اهميت تي ڳالهائي. سامعين مان هڪ شخص اٿيو ۽ ڏهہ منٽ ڪن تقرير ڪيائين. هال وڏو هيو، بلڪ ڏاڍو وڏو، چار سو ڪن مهمان هيا، سڀ جا سڀ فل سوٽ ۾، روزي سان ۽ ڪلين شيو، ان کان پوءِ ماني کاڌيسين، اسٽيج تان اعلان ڪيو ويو تہ تراويح جو بہ بندوبست ٿيل آهي، ڪي اوڏانهن ويا تہ ڪي پنهنجي گهر ويا. اسان بہ سڄي ڏينهن جي وزٽ کان پوءِ ڪافي ٿڪيل هياسين، مون کي سفر جي ڊائري بہ روز جو روز لکڻي پوندي هئي، اُن ڪري ميزبانن کي وڏيڪ خفي ۾ نہ وڌوسين ۽ وڃي پنهنجن پنهنجن ڪمرن ۾ آرامي ٿياسين.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# عدنان ميندريس

جديد ترڪيءَ جو جڏهن بہ ذڪر ايندو تہ عدنان ميندريس کي نظر انداز نہ ڪري سگهبو. ترڪيءَ جي ان منتخب عوامي ليڊر ۽ وزيراعظم جي سياست ۽ انجام ذوالفقار علي ڀٽو سان ڪافي مشابهت رکي ٿو، ان ڪري پڙهندڙن جي دلچسپيءَ کي ذهن ۾ رکندي اختصار سان بيان ڪجي ٿو.

سلطنت عثمانيہ جو خاتمو 1922ع ۾ ٿيو ۽ ڪمال اتاترڪ حڪومت جون واڳون سنڀاليون، جديد ترڪي جو اهو عظيم محب وطن ۽ قوم پرست رهنما سيڪيولر هيو ۽ هن جي سوچ ۽ فڪر مطابق ملڪي آئين بہ نئون ٺهيو. ان زماني ۾ ٻين تبديلين سان گڏ، آذان بہ عربيءَ بجاءِ ترڪي زبان ۾ ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو، ترڪن جي وڏي اڪثريت کي ان فيصلي سان ڏک پهتو، پر باباءِ قوم اتاترڪ جي شخصيت جو دٻدٻو ڏسي، ڪنهن ٻاڦ ٻاهر نہ ڪڍي. 1938ع ۾ اتاترڪ وفات ڪئي تہ سندس قريبي ساٿي عصمت انونو، نئون ليڊر ٿيو ۽ سلسلو ائين ئي هلندو رهيو. 1950ع وارين عام چونڊن جو وقت آيو تہ سيئي سياسي پارٽيون تازه دم ٿي، نون اعلانن ۽ واعدن سان ميدان ۾ لٿيون. جمهوريت ۾ ائين ئي ٿيندو آهي، حزب اختلاف سان تعلق رکندڙ پنجاهہ سالہ عدنان ميندريس، عوام سان هڪ اهيو واعدو بہ ڪيو تہ جيڪڏهن سندس پارٽي کٽيو تہ آذان وري عربي زبان ۾ ڏني ويندي. عوام جڻ تہ تيار ويٺو هيو ۽ انهن ووٽ ذريعي تبديلي آڻي ڏيکاري. ڪمال اتاترڪ جي پارٽي شڪست کاڌي ۽ هڪ نئين پارٽي، نئين ليڊر سان اقتدار اچي سنڀاليو.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

عدنان ميندريس 1950ع کان 1960ع تائين، ڏهه سال وزيراعظم رهيو، سياست ۾ عوامي انداز رکيائين، پنهنجون زمينون، غريبن ۾ ورهايائين ۽ ٻين زميندارن کان به کسيائين. فوج ۽ سرڪاري عملدارن جي مداخلت کي گهٽايائين، مغرب سان سنا ناتا قائم ڪيائين، اسلام پسند پارٽين سان رويو نرم رهيس. اهي تبديليون عوام لاءِ خوشين جو سبب ٿيون ۽ هن جي مقبوليت ۾ بي پناهه اضافو ٿيو، سنو مقرر به هيو ان ڪري ڪامياب جلسا ڪندو هيو ۽ لکين ماڻهو سندس جلسن ۾ اچڻ لڳا، جتان به لنگهندو هيو ته عوام ديوانه وار کيس ڏسڻ لاءِ پهچي ويندو هيو، ليڊر جڏهن ايڏي مقبوليت ڏسن ٿا ته هنن ۾ غُرور ۽ طاقت جو نشو ته چڙهي، مخالفت بنهه ڪونه ٿي برداشت ٿئي. هن سان به بلڪل ائين ئي ٿيو، پريس ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪو تنقيدي مضمون اچي ته حڪومت کي نه وڻي، تنقيد ٿيڻ تي پريس تي لڳيون ڪجهه پابنديون ۽ ڪي صحافي ٿيا پابند سلاسل.

جڏهن هر طرف کان هرقسم جا ماڻهو پارٽيءَ ۾ آيا ته ڊسپلين خراب ٿيو. 6 ڊسمبر 1955ع تي پارٽي ورڪرن، استنبول ۾ هڪ وڏو مظاهرو ڪيو جنهن کان پوءِ اقليت ۾ رهندڙ يوناني، آرمينيائي ۽ يهودين جا دوڪان، گهر، مال ۽ ملڪيتون ڦريون ويون، اهو واقعو ترڪ مزاج جي خلاف هيو، جو ترڪيءَ جي سيڪيولر آئين، اقليتن کي مڪمل تحفظ پئي ڏنو، اهي قومون ته خلافت عثمانيه کان به اڳ امن ۽ سڪون سان رهنديون آيون هيون، ان واقعي پارٽي ۽ حڪومت کي ڪافي نقصان پهچايو.

ٻئي طرف پارليامينٽ ۾ حڪومت ۽ مخالف ڌر جا تعلقات خراب ٿيڻ شروع ٿي ويا، ياد رهي ته مخالف بينچن تي ويهندڙ پارٽي، اتاترڪ جي هئي ۽ اُن جا فوج ۽ سرڪاري عملدارن سان انتهائي قريبي تعلقات هيا، آئين موجب فوج کي سيڪيولرزم جي حفاظت جو حڪم به ڏنل آهي.

آخر اِهوئي ٿيو جو متي ڏنل حالتن ۾ ٿيندو رهيو آهي. 27 مئي 1960ع تي فوج جي سربراهه جنرل جمال گرسل، سول حڪومت


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

جو تختو اونڌو ڪري، اقتدار تي قبضو ڪري ورتو. حڪومت هڪ ملٽري ڪورٽ قائم ڪئي، جنهن ۾ سڀ ميمبر فوج مان ڪنيا ويا. سول حڪومت جي عهديدارن کي ڪورٽ آڏو پيش ڪيو ويو ۽ بنا صفائي پيش ڪرڻ جي ڪين مختلف سزائون ٻڌايون ويون. عدنان ميندريس کي موت جي سزا ٻڌائي وئي ۽ 17 سيپٽمبر 1961ع تي فوجي حڪومت ان تي عمل به ڪري ڇڏيو. پوري مهذب دنيا بشمول پاڪستان ۾ ان فيصلي کي ننديو ويو، پر فوجي حڪومت ڪنهن به احتجاج يا اپيل کي مانُ نه ڏنو.

ان سزا جي ٺيڪ 29 سالن کان پوءِ 17 سيپٽمبر 1990ع تي ترڪ حڪومت پڇتاءُ جو اظهار ڪيو، عدنان ميندريس مٿان لڳايل الزام ختم ڪيا، سندس عزت ۽ حيثيت بحال ڪري هُن جي باقيات کي احترام سان استنبول آڻي دفنايو ويو ۽ هڪ خوبصورت مقبرو پڻ اڏايو ويو، هيئنر هن جي نالي پنيان هڪ يونيورسٽي ۽ ايئرپورٽ نهرايو ويو آهي.

اسان جي ڪوچ، جڏهن عدنان ميندريس جي مقبري ويجهو لنگهي ته عرفان مون کي اشاري سان ڏيکاريو، مون هلڻ جي خواهش ڏيکاري، پر اسان جي پروگرام ۾ اوڏانهن وڃڻ شامل نه هيو، ان ڪري دل ۾ حسرت رهجي وئي.

غور سان ڏسبو ته عدنان ميندريس ۽ ڀٽي صاحب جي قسمت ۾ ڪافي ڳالهيون هڪجهڙيون نظر اينديون، وري ٻنهي ملڪن يعني ترڪي ۽ پاڪستان ۾ به هڪجهڙائي نظر ٿي اچي.

ترڪيءَ ۾ چار دفعا فوج اقتدار تي قبضو ڪيو، يعني 1960ع، 1971ع، 1980ع ۽ 1987ع ۾. پاڪستان ۾ به ائين ئي ٿيو ۽ 1958ع، 1969ع، 1977ع ۽ 1999ع ۾ چار دفعا ڏنڊي جي زور تي جمهوري حڪومتن کي ختم ڪيو ويو.

هتي سوال اهو ٿو اٿي ته پاڪستان، بنگلاديش، ٿائلينڊ، آفريڪا، ترڪي ۽ ٻين اسرندڙ ملڪن ۾ جمهوريت چونه تي پاڙون وني ۽ مضبوط ٿئي؟ جڏهن به فوجي حڪومت آئي آهي ته ان کي ڪجھ سياسي پارٽيون، پريس جو هڪ ڌڙو، بيورو ڪريسي،


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

صنعتڪار، سرمائيدار ۽ زميندار ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ مدد ڪندا آيا آهن، معاملو عدالت ۾ ويو آهي تہ ”نظريہ ضرورت“ تحت ان ڪي ججن جي اڪثريت قانوني تحفظ فراهم ڪيو آهي، ان ڪري حالتون جيئن جو تيئن رهنديون پيون اچن. 5 سيڪڙو ماڻهو 95 سيڪڙو عوام تي راڄ پيا ڪن. سٺ سال گذرڻ بعد بہ آزاديءَ جو منو ميوو، هاري، نارين، مزدورن، اُستادن، ڪلارڪن ۽ سپاهين تائين ناهي پهتو. اُسرندڙ ملڪ ۽ ترقي پذير ملڪ، جتي جمهوريت جون پاڙون پختيون ناهن، اُتي فوجي حڪومت کي اقتدار تي قبضي ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ، سويلين حڪومت کي سچائي ۽ ايمانداريءَ سان فيصلا ڪرڻا پوندا. ملڪ جا اهم ترين ادارا جهڙوڪ پارليامينٽ، اعليٰ عدالتون ۽ پريس کي مضبوط ڪرڻو پوندو ۽ انهن کي ميرٽ ۽ انصاف سان ڪم ڪرڻ جي آزادي ڏيڻي پوندي. مخالف ڌر جي جماعتن کي بہ ڪم ڪرڻ جي آزادي ڪپندي آهي ۽ سياسي ورڪرن کي هرويرو جيل ۾ نہ رکيو وڃي، ڇو جو سويلين حڪومت جي غلطيءَ کي سپ کو چيڪ ڪندو آهي. حزب اختلاف جي سياسي پارٽين کي بہ کپندو آهي تہ هو حڪومت کي پنهنجو مدو پورو ڪرڻ ڏين ۽ عوامي مينڊيٽ جو احترام ڪن.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# ترڪي ۽ يورپي يونين

گذريل ڪيترن ئي سالن کان ترڪيءَ جون يورپي يونين وارن سان ڳالهيون هلندڙ آهن پر اجا تائين يونين جا دروازا ترڪن لاءِ کونہ پيا کلن، ڪافي شرط رکيا ويا آهن، جن کي حڪومت پوري ڪرڻ ۾ رڌل آهي، سياسي حڪومت جو خيال آهي تہ يونين ۾ اچڻ سان سندن اقتصادي ترقيءَ ۾ اضافو ٿيندو. فوج بہ ملڪ تي قبضو نہ ڪندي ۽ جمهوري ادارا مضبوط ٿيندا. يونين وارن کي ڊپ آهي تہ مسلمانن جي آزاداٽي اچ وچ ڪري يورپ ۾ اسلام کي طاقت ملندي. ڏسجي تہ اهو اُٺ ڪهڙي پاسي ٿو ويهي، مجموعي طور ان معاملي تي ترڪ ڏاڍا پرجوش ڏناسين، استنبول هينئر بہ دنيا جي سيني مذهبن لاءِ قابل قبول شهر آهي، اسرائيلي سفارخانو بہ آهي ۽ يهودي بہ ڪافي سارا رهن ٿا، انهن کي امن ۽ سلامتيءَ جي خاطري مليل آهي، پاڪستان جي اڳوڻي وزير خارجہ خورشيد محمد قصوري ۽ اسرائيل جي وزير خارجہ سلوان شالوم بہ هتي ئي ملاقات ڪئي.

يورپ جي جمهوري حڪومتن جي انسان دوستي ۽ مذهبي رواداري جي هرڪو تعريف ڪندو نظر ايندو. اُتي جي پريس کي بہ آزاد سمجهيو ويندو آهي ۽ حڪومت تي چٽي تنقيد ڪرڻ کان ڪونہ ڪيٻائن، پر ڏٺو ويو آهي تہ مسلمانن جي معاملي ۾ هو ايترا غير جانبدار نہ آهن، جيترو هنن جو ڏيکاءُ رهيو آهي مثال طور امريڪي ٽي وي چينل فاڪس ئي ڏسو، جيڪو مسلمانن خلاف پيو خبرون هلائي عراق ۽ افغانستان ۾ هو حدون لتاڙي ٿا وڃن، ترڪيءَ جي يورپي يونين ۾ شموليت کي بہ انگهايو پيو وڃي، پوءِ سوچيندڙ ذهن امريڪا ۽ يورپي يونين تي غيرجانبداريءَ کي ڪيئن تسليم ڪندا. ترڪي جو يورپي يونين ۾ وڃڻ، عالم اسلام لاءِ بہ سنو ثابت ٿيندو. ان پليٽ فارم ذريعي، مسلمان يورپ وارن کي پنهنجا مسئلا ٻڌائي سگهندا ۽ فلسطين يا ڪشمير بابت حقيقتون بہ سامهون آڻي سگهندا.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# خلافت عثمانيہ

عثماني ترڪن جو اصل وطن وچ ايشيا آهي، جڏهن اسلام قبول ڪيائون تہ تاتاري وڏي طاقت ۽ اڪثريت ۾ هيا، هنن نون مسلمانن لاءِ اهو ممڪن نہ هيو تہ ٿوري تعداد ۾ هجڻ ڪري تاتارين سان منهن ڏئي سگهن، ان ڪري پنهنجا ٻار ٻچا وٺي ايشيا ڪوچڪ ڏانهن روانا ٿيا. فرات نديءَ کي پار ڪندي سندن سردار ٻڏي ويو تہ ان جي پٽ "ارطغرل" کي قوم جو سردار ناهي اڳتي وڌيا. قونيہ Konia نالي هڪ ننڍڙي ڳوٺ پهتا تہ اتي ٻن قبيلن جي وچ ۾ خونريز جنگ پئي هلي، ترڪن پاڻ ۾ صلاح مشورو ۽ توڪل ڪري هڪ قبيلي جو ساٿ ڏنو ۽ اتفاق سان اهوئي ڪامياب ٿيو. فاتح قبيلي جو تعلق سلجوقي حڪمرانن سان هيو، جنهن جي سفارش تي ترڪن کي نہ رڳو رهڻ جي اجازت ملي، پر هڪ جاگير پڻ عطا ڪئي وئي. اهڙي طرح ترڪن کي ترڪيءَ ۾ پنهنجو "وطن" مليو.

ارطغرل جي وفات کان پوءِ سندس پٽ "عثمان" پنهنجي قبيلي جي قيادت ڪئي، هي سردار ڏاڍو سياڻو ۽ همت وارو ثابت ٿيو، پر وارن ننڍن علائقن کي پنهنجي "جاگير" ۾ شامل ڪري هڪ ننڍي خوشحال "رياست" جو بنياد رکيو ۽ ترڪن کي پنهنجي سڃاڻپ ۽ شناخت ڏياري. هن جي قيادت ۽ سمجهداري کي ڏسندي قبيلي وارن پاڻ کي عثمانوي ترڪ سڏايو ۽ هن جي نالي پنيان قائم حڪومت 1288ع کان 1922ع تائين 634 ورهيہ قائم رهي.

عثمان جي وفات کان پوءِ سندس پٽ "اول خان" آيو، جنهن پنهنجي فوج ناهي 1326ع ۾ "بروسہ" جو مشهور شهر فتح ڪيو. 1360ع ۾ هن جي وفات کان پوءِ سندس پٽ "مراد اول" قوم جي قيادت سنڀالي. مراد کي خوشحال ۽ مضبوط علائقو ورثي ۾ مليو.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ترڪ هن محل تائين ايشيائي حصي ۾ محدود هيا، جيڪو غريب ۽ پنتي پيل علائقو سمجهيو ويندو هيو، اصل خوشحالي تہ يورپ واري حصي ۾ هئي، جتي عيسائي آباد هيا ۽ گذريل پندرنهن سو سالن کان لڳاتار حڪمراني پيا ڪن پر هينئر هنن جا پاڻ ۾ ڪي اختلاف ظاهر ٿي پيا هيا. مراد اول ان سڄي ماحول جو سنجيدگيءَ سان جائزو پئي ورتو ۽ پنهنجي فوجي تياري بہ ڪرڻ لڳو. 1365ع ۾ ترڪن، يورپ ۾ قدم رکيو ۽ هڪ ننڍي سرحدي شهر ”اورونا“ کي فتح ڪري، پنهنجو هيڊ ڪوارٽر ”بروسہ“ کان شفٽ ڪيو. ”اورونا“ جو هٿ مان نڪري وڃڻ، عيسائين لاءِ خطري جي گهنٽي ثابت ٿيو ۽ هو ان چئلينج کي قبول ڪرڻ ۽ مسلمانن کي واپس موٽائڻ لاءِ تيارين ۾ لڳي ويا. يورپ جا سڀ عيسائي، جن ۾ سرب، سلجوڪ ۽ بلغاروي قومون هيون، سي سڀ گڏ ٿي هڪ وڏي فوج ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا تہ هوڏانهن وري مسلمان بہ خاموش نہ رهيا. مراد اول، هڪ مدبر ۽ همت واري رهنما طور اڳريو ۽ 1389ع ۾ ”ڪوسووو“ شهر جي پرسان عيسائين جي گڏيل فوج کي شڪست ڏئي، يورپ ۾ پنهنجا قدم مضبوطيءَ سان ڄمائي ويو. سڄي يورپ ۾ ان شڪست تي عيسائين طرفان ماتم ڪيو ويو. جنگ کان ٿورو ئي وقت پوءِ، هڪ عيسائي مراد اول کان، هڪ درخواست سان روبرو پيش ٿيڻ جي اجازت گهري. ان موقعي جو فائدو وٺي، هن هڪ تيز خنجر سان مراد اول کي سخت زخمي ڪري وڌو، زخم ڏاڍا گهرا هيا ۽ ائين هي مرد مجاهد شهيد ٿي ويو.

مراد جي وفات کان پوءِ سندس پٽ ”بايزيد اول“ ترڪن جي قيادت سنڀالي. هو بهادري ۽ همت ۾ پيءُ کان بہ گوءِ کڻي ويو، هن جو طريقہ واردات بہ مختلف رهيو خاموشيءَ سان پوري تياري ڪري اوچتو وڃي عيسائي فوج تي ڪڙڪندو ۽ کين نيست و نابود ڪري موٽندو. تاريخ ۾ کيس ”بايزيد يلدرم“ ڪري لکيو ويو آهي، جنهنجي معنيٰ آهي ”برق رفتار“.

هن مهل تائين ترڪ مسلمانن جي سردار پاڻ کي ”امير“ پئي سڏرايو، پر بايزيد اول“ پنهنجي لاءِ ”سلطان“ جو لقب اختيار ڪيو،


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

جيڪو آخر تائين قائم رهيو. سلطان بايزيد اول پنهنجي فوج ۽ علائقي کي استحڪام ڏيڻ ۾ رڌل رهيو ته تاتاري طاقت ۾ اچڻ لڳا ۽ ايشيا ۾ ڪافي فتحون حاصل ڪري ورتيون. تاتاري بنيادي طور خانہ بدوش، ويڙهاڪ، سخت جان ۽ گوشت خور قوم هئي، جنهن جو مقصد ئي قرلت ڪري، شهر ۽ ڳوٺ ساڙائي پنهنجو دٻدٻو رکڻ هيو. هو ڪٿي به ٽڪي سڪون سان حڪومت نہ ڪندا هيا. بايزيد اول هڪ بهادر ۽ سنو حڪمران هيو، جنهن انصاف سان حڪومت پئي هلائي، تاتارين جون واڳون "تيمور لنگ" وٽ هيون جيڪو سمرقند جي پرسان هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ 1336ع ۾ ڄائو. هو ايڏو تہ شاطر، ظالم ۽ جنگ جو ماهر هيو، جو هُن سڄي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن هٿان هارايو ڪونہ هيو. جڏهن تاتارين گڏجي پنهنجي امير جو انتخاب پئي ڪيو تہ مسلمان عالمن تيمورلنگ جي زبردست حمايت ڪئي ۽ جڏهن تيمورلنگ جي تاجپوشي پئي ٿي تہ ان وقت جي وڏي ۾ وڏي عالم، مولانا زين الدين، قرآن هٿ ۾ ڪٽي سيني سردارن کان بيعت ڪرائي ۽ کيس "امير". "سلطان" ۽ "ملڪ" جي خطابن سان نوازيو. اهيو ئي امير تيمورلنگ هيو، جنهن پوءِ لکين مسلمانن کي مارايو ۽ شهرن جا شهر ساڙائي خوشيون ملهايون.

1402ع جي گرمين ۾ تاتارين ۽ ترڪن ۾ تمام وڏي جنگ لڳي، جنهن ۾ ترڪن هارايو ۽ سندن امير بايزيد گرفتار ٿي ويو. گرفتاريءَ جي ٿورن ڏينهن کان پوءِ هي غيرتمند انسان جلد وفات ڪري ويو. امير تيمورلنگ 69 سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي ۽ سندس قبر سمرقند ۾ آهي.

بايزيد کانپوءِ سندس ٽن پٽن محمد، سليمان ۽ موسيٰ ۾ اختلاف ٿيا. 1413ع ۾ "محمد" پاڻ کي سلطان مڃرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ 8 سال حڪومت ڪئي. هن کان پوءِ سندس پٽ "مراد ثاني" 23 سال نئن سان حڪومت ڪئي، طبعيت ۾ ٿڌو، نيڪ ۽ عبادت گذار شخص هيو، 1444ع ۾ حڪومت، پنهنجي پندرنهن سالن جي پٽ "محمد ثاني" جي حوالي ڪري پاڻ کي صرف بندگيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. عيسائين ڏٺو تہ هڪ ننڍو نينگر، ناتجربيڪار حڪمران ٿيو


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

آهي تہ هو وري متحد ٿي ويا ۽ طاقت ۾ اچڻ لڳا. سلطان مراد کي جڏهن اهڙي صورتحال کان آگاهہ ڪيو ويو تہ هن وري اچي حڪومت سنڀالي ۽ ”ڪوسووو“ جي ميدان تي 1448ع ۾ جنگ لڳي ۽ عيسائين کي هڪ ڀيرو ٻيهر شڪست ملي. سلطان ٽي سال وري حڪومت ڪري، ملڪ کي استحڪام ڏنو ۽ وفات ڪئي، جنهن بعد سندس نوجوان پٽ محمد ثاني ٻيهر حڪمراني سنڀالي.

نوجوان سلطان محمد ثاني کي الله سائينءَ بي پناهہ صلاحيتن سان نوازيو هيو، هو ننڍي عمر هئڻ جي باوجود وڏي همت ۽ سمجهہ وارو انسان ثابت ٿيو. تخت تي ويهندي ئي خاموشيءَ سان استنبول کي فتح ڪرڻ جي تيارين ۾ لڳي ويو، ترڪيءَ جي ان وڏي ۾ وڏي شهر جي دفاع جو عيسائين طرفان ناقابل تسخير حد تائين بندوبست ٿيل هو.

هو ان بندوبست کان ايترو تہ مطمئن هيا، جو هنن جي وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ هيو تہ ڪنگلا مسلمان ان طرف اچڻ جو سوچي بہ سگهيا پئي، استنبول، جيڪو ان وقت تائين قسطنطنيہ ڪري ڪوٺيو ويندو هو، ان تي عيسائي پندرنهن سو سالن کان قابض هيا ۽ انتهائي مضبوطيءَ سان وينا هيا. سلطان محمد ثاني قسطنطنيہ فتح ڪري، ”سلطان محمد فاتح“ ٿي ويو ۽ ٽيهہ سال وڏي شان ۽ شوڪت سان حڪومت ڪري، سلطنت عثمانيہ ۾ پنهنجو وڏو نالو ڇڏي ويو. هن جي وفات کانپوءِ سندس پٽ بايزيد ثاني آيو، پر پائر نہ نهيا ۽ ان کان پوءِ سندس پٽ سليم واڳون سنڀاليون.

اتي اهو ٻڌائيندو هلان تہ 1258ع ۾ هلاڪو خان بغداد تي ڪاهہ ڪري پورو شهر ساڙائي تباهہ، برباد ڪري ڇڏيو، اِن واقعي کان پوءِ سنڌ ۾ ڪٿي بہ ڪو وڏو اجتماعي ظلم ٿيندو آهي تہ عوامي زبان ۾ چيو ويندو آهي تہ ”بغداد ٿي ويو“. هلاڪو جي ظلم ڪري عباسي بغداد ڇڏي مصر ۾ اچي ويا ۽ اُتي خلافت قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ”سلطان سليم“ آخري عباسي خليفہ کي استنبول گهرائي، پينشن ڏئي رهائي ڇڏيو ۽ پاڻ خلافت جو منصب بہ سنڀالي


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ورتو. 1517ع ۾ شريف مڪ ٻـ سندس اطاعت قبول ڪئي ۽ ڪيتريون ئي قيمتي ۽ نادر سوکڙيون پاکڙيون ڏياري موڪليون.

اهڙي طرح سلطان سليم "خليفت المسلمين" ٻـ ٿي ويو تـ "خادم الحرمين شريفين" ٻـ ٿي ويو. سلطان سليم اٺ ورهيہ دٻدٻي ۽ شان سان حڪومت ڪري 1520ع ۾ وفات ڪئي. ان ڪان پوءِ سندس پٽ سليمان اول تخت تي ويٺو ۽ جنهن کي "سلطان سليمان قانوني" بہ سڏيو ويو.

سلطان سليمان، دنيا ڀر جا قانوني ماهر گهرايا ۽ پنهنجي ملڪ لاءِ نوان ۽ جديد قانون نهرائي نافذ ڪرايا. هي قانون اُهي هيا جن ۾ دنيا جي هر مذهب لاءِ سهپ، برداشت ۽ عزت هئي، پنهنجي ملڪ ۾ سلطان سليمان انصاف جو اهو معيار مقرر ڪيو جو يورپي ملڪَ بہ ريس ڪرڻ لڳا، امن امان اهڙو هيو جو رڍ ۽ بگهڙ هڪ جاءِ تان پاڻي پيئڻ لڳا، غريبن جي ايتري تہ عزت هئي جو هو رات ڏينهن سلطان کي دعائون ڪرڻ لڳا. آسپاس جي عيسائين ۽ ٻين قومن، جو اهڙي انصاف واري حڪومت ڏٺي تہ هو پاڻ خوشي خوشي، سلطنت عثمانيہ ۾ شامل ٿيندا رهيا. سلطان سليمان قانوني ڇائيتاليهہ سال حڪومت ڪري 1566ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس پٽ "سليم دوم" حڪومت واڳون سنڀاليون ۽ پيءُ جي پراڻن ساٿين جي مدد ۽ تعاون سان ڪم کي هلايائين، هن جي دور جي خاص ڳالهہ سندس اُها اجازت هئي، جنهن تحت يهودي استنبول ۾ اچي آباد ٿيا ۽ اڄ ڏينهن تائين انهن ئي علائقن ۾ رهندا پيا اچن. ان کان پوءِ جا حڪمران ٿوري ٿوري وقت لاءِ آيا ۽ ڪا خاص بهتري ڪونہ آندائون ۽ اهڙي طرح 1839ع ۾ خليفو عبدالمجيد اول تخت نشين ٿيو.

روس جون نگاهون ڪيترن سالن کان باسفورس تي هيون، ڇو اهو لنگهہ يورپ جي سيني ملڪن لاءِ اهم هيو، ان ڪري ان معاملي تي هو ترڪيءَ سان گڏ هيا. آخرڪار "ڪريميا" جي جنگ (1854-56ع) لڳي، جنهن ۾ ترڪن سان گڏ فرينچ ۽ انگريز بہ روسين خلاف وڙهيا، روسين کي وڏي شڪست ملي ۽ اڄ ڏينهن تائين باسفورس ڏانهن ڪونہ پيا اچن. سلطان عبدالمجيد 1839ع کان 1861ع


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

تائين ٻاويهہ سال حڪومت ڪئي. سندس شمار سلطنت عثمانيہ جي سنن حڪمرانن ۾ ڪيو تو وڃي جيڪڏهن هن جي دور ۾ آندل سڌارن جو جائزو ورتو تہ هي حڪمران هڪ معتدل، روشن خيال ۽ ترقي پسند سوچ وارو نظر ايندو. حڪومت جون واڳون سنڀالڻ شرط ئي 3 نومبر 1839ع تي هڪ فرمان جاري ڪري رعايا جي جان، مال ۽ آزاديءَ جي حفاظت جا بنيادي اصول لاڳو ڪيائين. صوبن ۾ مجلس شورا جو نظام آڻي، جمهوريت متعارف ڪرايائين، فني تعليم جا ادارا قائم ڪيا ويا ۽ خواتين کي پهريون ڀيرو جج مقرر ڪري "مخلوط" عدالتون قائم ڪيون ويون.

1856ع ۾ وري ٻيو فرمان جاري ڪري ڪجهہ بنيادي اصلاحات آنديون ويا. عيسائين کي بنيادي حق ڏئي، مسلمانن جي برابر آندو ويو ۽ غير ملڪين کي ترڪيءَ ۾ جائيداد خريد ڪرڻ جو حق ڏنو ويو. انهن اصلاحات جو فائدو وٺي، عيسائي مشنريءَ طرفان 1860ع ۾ رابرٽ ڪاليج جو بنياد رکيو ويو، ۽ ڇوڪرين جي تعليم لاءِ درسگاهون کليون. ڪن تاريخدانن انهن اصلاحات کي سيڪيولرزم ڏانهن پهرين قدم طور ليکيو آهي.

ان کان پوءِ سندس ننڍي ڀاءُ "سلطان عبدالعزيز" 1868ع ۾ واڳون سنڀاليون ۽ اصلاحات جاري رکيا. 1869ع ۾ استنبول يونيورسٽي ٺهي ۽ 1870ع ۾ قانون جو ڪاليج (Law College) کليو ۽ بينڪ کلي، استنبول کي ريل ذريعي هنگريءَ سان ملائڻ جو ڪم شروع ٿيو، 1869ع ۾ نهر سوئيز جو بہ افتتاح ٿيو.

سلطان عبدالعزيز جي آخري سالن ۾ ڪجهہ بي چيني رهي، 1876ع ۾ کيس معزول ڪري سندس ڀائٽي مراد کي تخت تي ويهاريو ويو، چند مهينن ۾ سندس ڀاءُ سلطان عبدالحميد ثاني حڪومت جون واڳون سنڀاليون، هن حڪمران جو لاڙو مذهب ڏي ڪجهہ وڌيڪ ئي هيو ۽ جديد اصلاحات کان خائف هيو. روشن خيالي، عوامي حاڪميت، جمهوريت، برداشت وغيره جهڙن نالن کان گهڻو متاثر نہ هيو. هن جي زماني ۾ حجاز مقدس ڏانهن ريلوي لائين وڌي وئي ۽


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

حاجين لاءِ سهولتون وڌايون ويون مجموعي طرح سلطان عبدالحميد جو دور 1876-1909ع ۾ بيچينيءَ ۾ اضافو ٿيو.

هڪ طرف وقت جا حڪمران آنڌل اصلاحات ۽ سڌارن کان خائف هيا تہ ٻئي طرف نوجوان بي چين هيا. فوج جي سينيئر آفيسرن کي ڇڏي، باقي هينين عهدن وارن آفيسرن ۾ بي اطميناني هئي. هڪ خفيہ تنظيم "نوجوان ترڪ تحريڪ" جنم ورتو تہ اُن ۾ نوجوانن جي دلچسپي پيدا ٿيڻ لڳي. اها هڪ قومپرست ترڪ تنظيم طور ابرڻ لڳي. حڪومت ان تحريڪ کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي ۽ مجبور ٿي 1876ع وارو دستوري نظام بحال ڪيو، جنهن تحت 1908ع ۾ عام چونڊون ٿيون تہ نوجوان ترڪ تحريڪ وارا وڏي اڪثيرت سان پارليامينٽ جا ميمبر منتخب ٿي ويا، ائين چئجي تہ هڪ خاموش انقلاب اچي ويو. انهن ئي ڏينهن ۾ "غازي محمود پاشا" جيڪو مقدونيہ ۾ فوج جو ڪمانڊر هيو، ان استنبول تي قبضو ڪري سلطان کي معزول ڪري ڇڏيو، هن جي جاءِ تي سندس ننڍي ڀاءُ محمد خامس کي ويهاريو ويو ۽ سندس اختيار گهٽايا ويا.

جولاءِ 1918ع ۾ سلطان محمد خامس وفات ڪئي تہ سندس ڀاءُ وحيدالدين کي سلطان جي ڪرسي ملي، پاڻ "محمد سادس" جي لقب سان حڪومت ڪيائين. پهرين عالمي جنگ هلندڙ هئي ۽ ترڪيءَ کي شڪست ملي رهي هئي، انهن حالات ۾ ترڪيءَ جي اهم اتحادي جرمنيءَ هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ نومبر 1918ع ۾ اتحادي ٻيڙا استنبول ۾ لنگر انداز ٿيا، ياد رهي تہ 1453ع ۾ استنبول کي فتح ڪرڻ کان پوءِ هي پهريون ڀيرو هيو جو غيرملڪي جنگي جهاز استنبول جي سامونڊي حدن ۾ آيا هيا.

ترڪيءَ جون حالتون انتهائي خراب هيون، استنبول اتحادين جي قبضي ۾ هيو، پر انقره ۾ ڪمال اتاترڪ همت سان وينو هيو، حالتن کي منهن نہ ڏئي سگهڻ ڪري سلطان محمد سادس، استنبول ڇڏي هليو ويو ۽ سندس جاءِ تي سلطان عبدالعزيز جي پٽ عبدالمجيد ثاني کي خليفو بنايو ويو. 3 مارچ 1924ع تي خلافت ختم ڪرڻ جو اعلان ٿيو تہ سلطان پنهنجي خاندان سميت ملڪ ڇڏي ويو.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

خلافت جي خاتمي کان پوءِ عثمانوي خاندان جا فرد، دنيا جي مختلف ملڪن ۾ وڃي رهيا ۽ اُتي ئي وفات ڪري دفن ٿيا. ان خاندان جي آخري فرد، نالي ارطغرل عثمان، 97 سالن جي عمر ۾ 22 سيپٽمبر 2009ع تي استنبول ۾ وفات ڪئي. ارطغرل، سلطان عبدالمجيد دوم جو پوٽو هيو، جيڪو سلطنت عثمانيه جو 34هون خليفو هو ۽ 1909ع تائين حڪومت ڪئي هيائين. ارطغرل 1912ع ۾ شاهي محل ۾ پيدا ٿيو ۽ 1924ع ۾ جڏهن سندس خاندان جي حڪومت ختم ٿي ته آسٽريا جي شهر ويانا ۾ پڙهي رهيو هيو ۽ تعليم ختم ٿيڻ کانپوءِ امريڪا جي شهر نيويارڪ ۾ رهيو، 1990ع ۾ کيس ترڪ حڪومت واپس اچڻ جي دعوت ڏني ته پاڻ هڪ سياح جي حيثيت ۾ بين عام سياحن سان گڏ پنهنجي وڏن جا محل ۽ جايون ڏٺيون. 2004ع ۾ ترڪ حڪومت کيس واپس اچڻ جي اجازت ڏني ته اچي استنبول ۾ رهيو. وفات کان پوءِ کيس "نيري مسجد" پرسان پنهنجن بزرگن جي پاسي ۾ دفنايو ويو.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# تحريڪ خلافت

ننڍي کنڊ، هندوستان ۽ پاڪستان جي سياسي هلچل جي حوالي سان، ترڪيءَ ۾ خلافت جي حمايت ۾ هڪ تحريڪ هلي، جنهن کي سنڌ جي مسلمانن جي ڀرپور موٽ ملي، تُرڪن جي دلين ۾ ان تحريڪ ۽ حمايت جو اثر اڄ به آهي ۽ هو هتان جي مسلمانن کي پنهنجو سمجهندا پيا اچن. دراصل هندوستان ۾ جڏهن مغل بادشاهن جي حڪومت قائم ٿي ته ترڪ خليفن ان کي پنهنجي حڪومت جو تسلسل سمجهيو ۽ حمايت ڪئي، مغلن جي فوج ۾ ڪيترائي ترڪ شامل ٿيا، جن نالو ۽ عزت ڪمائي، خاص طور تي تاريخ ۾ مصطفيٰ ۽ علي قلي جا نالا اچن ٿا، جن کي بابر هندوستان گهرايو. هي ٻئي ڄڻا بندوق ۽ توپ جا معمار ليکيا وڃن ٿا. ترڪن کي جنگ طرابلس، جنگ بلقان ۽ پهرين عالمگير جنگ ۾ لڳاتار شڪستون آيون ته سندن حڪومت يعني ته خلافت ڪمزور ٿي وئي، جڏهن استنبول ۽ ٻين شهرن تي اتحادي فوجن جو قبضو ٿي ويو ته اسلامي دنيا ۾ ڏک ۽ غم جي لهر ڇانئجي وئي، برصغير جي مسلمانن کي اهو ڏکُ ٻين قومن کان مڙيوئي سوايو محسوس ٿيو، جلسا جلوس نڪرڻ شروع ٿي ويا ۽ خلافت جي حق ۾ مسلمانن جو جذبو وڌندو ويو.

انڊيا جي شهر لکنوءَ ۾، ”آل انڊيا مسلم ليگ ڪانفرنس“ آڪٽوبر 1919ع ۾ هڪ اجلاس ڪيو، جنهن ۾ فيصلو ٿيو ته خلافت کي بچائڻ لاءِ سڀ وسيلا ڪتب آندا وڃن، جلسا ۽ جلوس به ڪيا وڃن ته جيئن عوام جي حمايت ۽ مدد حاصل ڪري سگهجي.

لاڙڪاڻي جي سياسي اهميت ڏسندي، جون 1920ع ۾ اُتي ”خلافت ڪانفرنس“ ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ مولانا شوڪت علي، مولانا محمد علي جوهر، مولانا عبدالجبار لکنوي، مولانا ابوالڪلام


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

آزاد، رئيس غلام محمد خان پرڳڙي، سيٺ عبدالله هارون، مولانا امروٽي، مهاتما گانڌي، ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو ۽ ٻين سون سياسي ڪارڪنن سڄي سنڌ مان شرڪت ڪئي.

ان ڪانفرنس جي ڪاميابي جي پٺيان لاڙڪاڻي جو هڪ نوجوان وڪيل ٻئريسٽر جان محمد جوڻيجو هيو، جنهن "ڏامراهه" ڳوٺ جي هڪ معزز گهراڻي ۾ جنم ورتو ۽ تازو لنڊن مان ٻئريسٽري پاس ڪري آيو هو. انهن ئي ڏينهن ۾ فيصلو ٿيو ته، هندوستان مان رضاڪار مجاهد ترڪي وڃي خلافت بچائڻ لاءِ وڙهندا. جان محمد جوڻيجو نهايت سهڻو ۽ همت وارو جوان هيو. هن جي قيادت ۾ جولاءِ 1920ع ۾ 750 مسلمان نوجوانن جو پهريون قافلو، لاڙڪاڻي کان اسپيشل ٽرين ڪرائي افغانستان روانو ٿيو. برصغير جي تاريخ جو هي هڪ انوکو مثال آهي، جنهن ۾ هڪ ملڪ جا سياسي ورڪر، ٻئي ملڪ هجرت ڪري وڃن پيا ته جيئن اُتي جي سسٽم کي بچائجي! اهڙو مثال شايد ئي ڪو ٻيو هجي.

انگريز سرڪار کي اهو سڀ ڪجهه نه پئي وڻيو جو هتان ويندڙ مسلمان ترڪيءَ تي قابض اتحادي فوجن سان مهاڏو اٽڪائڻ پئي ويا، جن ۾ اڪثريت انگريزن جي هئي. 19 جولاءِ 1920ع تي قافلو جلال آباد (افغانستان) پهتو، اُتي هنن کي مهاجرن جي حيثيت ڏئي رهايو ويو، اُتي شروع وارا ڪجهه ڏينهن آرام سان گذاريائون پوءِ افغانين هنن کي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ هنن جو مال متاع لٽڻ لڳا.

جان محمد جوڻيجو، واپس هندوستان آيو ۽ اڳتي جي سفر لاءِ چندي جي اپيل ڪيائين، بمبئيءَ جي خلافت ڪاميٽي پنجاهه لک روپيا چندو ڏنو، جيڪو ساري جو سارو مسلمانن ڏنو، پاڻ هندوستان جي ڪيترن ئي ٻين شهرن ۾ ويو ۽ مسلمانن کي هجرت لاءِ تيار ڪيائين. مسلسل سفر ۽ تڪليفن ڪري بيمار ٿي پيو ۽ خواجه معين الدين چشتيءَ جي درگاهه اجمير شريف تي سورنهن اپريل 1921ع تي وفات ڪيائين. ان مهل سندس ڄمار جواني هئي ۽ پنجٽيهه سالن جو مس هيو.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

مرحوم جان محمد جوڻيجي کي "رئيس المهاجرين" جو لقب مليو. هن جي وفات کان پوءِ هجرت جو سلسلو بہ بند ٿي ويو جو ترڪيءَ ۾ ڪمال اتاترڪ "خلافت" ختم ڪري، جمهوريت قائم ڪري ڇڏي.

تحريڪ خلافت جو ذڪر اڌورو رهجي ويندو جيڪڏهن موجوده وزيراعظم سيد يوسف رضا گيلانيءَ جي پڙ ڏاڏي مخدوم سيد زين العابدين گيلانيءَ جو ذڪر نہ ڪبو، جنهن اعليٰ سرڪاري نوڪريءَ کي لت هڻي، خلافت تحريڪ ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ وجي ترڪيءَ نڪتو. ان واقعي جي ڄاڻ تمام ٿورن ماڻهن کي هئي، پر تازو آڪٽوبر 2009ع ۾ جڏهن ترڪ وزيراعظم طيب اردگان جو پاڪستان جي دوري تي آيو تہ ان پنهنجي تقرير ۾ خلافت تحريڪ جو ذڪر ڪندي، مخدوم زين العابدين جو نالو عزت ۽ احترام سان ورتو.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# خلافت عثمانيہ جو زوال

خلافت عثمانيہ (سلطنت عثمانيہ) جي عروج و زوال جي تاريخ پڙهندي اکيون آليون ٿي ويون. ڪمال ۽ زوال جو سلسلو هزارين سالن کان هلندو پيو اچي. انسان جي سوچڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ڪوڙ ساريون حقيقتون آهن، جيڪڏهن ڪو سوچي تہ ڪافي مواد آهي.

سلطنت عثمانيہ جو بنياد 1299ع ۾ پيو ۽ سوا ڇهہ سئو سال قائم رهڻ کان پوءِ 1923ع ۾ ختم ٿي وئي. ان دوران ڪي ناليوارا حڪمران آيا، جن حڪومت کي مضبوط ۽ طاقتور بنايو ۽ عوام کي سکيو رکيو تہ ڪي وري ڪمزور، نادان، نااهل ۽ عيش پرست آيا جن جي دور ۾ سلطنت ڪمزور ٿي ۽ عوام پريشان رهيو. جڏهن 1326ع ۾ ترڪ قوم جي پنهنجي حڪومت جي باني يا ڪٽي چئجي تہ سلطنت جو بنياد رکندڙ عثمان وفات ڪئي تہ سندس حڪومت ديگهہ ۾ 120 ميل ۽ ويڪر 60 ميلن تائين وڌي چُڪي هئي ۽ جڏهن سلطان سليمان اعظم قانوني جو دور هيو تہ سلطنت عثمانيہ جو رقبو چاليهہ لک اسڪوائر ميل کان بہ ڪجهہ وڌيڪ هيو! عثمان کان سليمان تائين 10 حڪمران آيا، جن سيني جي دور ۾ ترڪن ڪاميابيون حاصل ڪيون ۽ مملڪت جي حدن ۾ اضافو آڻيندا رهيا. استنبول جي فتح کان پوءِ تہ ترڪيءَ جي شان ۽ مان ۾ ڏاڍو اضافو آيو ۽ اها دنيا جي وسيع ترين اسلامي مملڪت ٿي وئي. سندس حدن ۾ آسٽريا، هنگري، مصر، تيونس، لبيا، مراڪش، عربستان، شام، فلسطين، عراق، رومانيہ، مالديويا، يونان، قبرص، بلغاريہ، آرمينيا، بوسنيا، داغستان، آذربائيجان، ڪريميا وغيره هيا. اهو ترقي، عروج ۽ ڪاميابين جو دور اٽڪل 280 سال رهيو. عثمان کان پوءِ ۽ سلطان سليمان جي وچ واري



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

دور جي حڪمرانن جا نالا آهن: اورخان، مراد اول، بايزيد اول، محمد اول، مراد دوم، محمد فاتح، بايزيد دوم، سليم اول.

سلطنت عثمانيه جي زوال جا آثار، سلطان سليمان اعظم قانوني جي وفات کان پوءِ جلد ئي ظاهر ٿيڻ لڳا، پر جيئن ته حڪومتي ادارا مضبوط هيا ان ڪري مڪمل زوال ۾ 340 سال لڳا. سلطان سليمان جي وفات کان پوءِ سندس نالائق فرزند سلطان سليم دوم (1566ع کان 1574ع) تخت نشين ٿيو ته زوال شروع ٿي ويو ۽ ان زوال جي انتها سلطان عبدالحميد دور ۾ وجي ٿي جيڪو خلافت عثمانيه جو آخري بااختيار بادشاهه هيو. زوال جي ان دور ۾ 25 حڪمران آيا، ڪي ته بلڪل نااهل ۽ عياش هيا ته ڪن حالات کي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي پر جيئن ته ادارا ڪمزور ٿي چڪا هيا، رشوت، اقرباپروري ۽ بدامنيءَ ۾ روز بروز اضافو ٿي رهيو هيو، ان ڪري زوال کي ڪوبه روڪي نه سگهيو.

هڪڙي خرابي جيڪا ترڪ حڪمرانن ۾ پئجي چڪي هئي اها هئي ”قتل برادران“ جنهن جو آغاز خليفه مراد اول جي وفات کان پوءِ ٿيو، سندس وڏي پٽ بايزيد اول تخت تي ويهندي ئي پنهنجي ننڍي ڀاءُ يعقوب کي ڪمان جي ڏور سان گهٽو ڏئي ماري ڇڏيو، هو فاتح ته هيو پر عورت ۽ شراب جو شوقين هيو، بايزيد جي مرڻ کان پوءِ سندس پٽن ۾ تخت لاءِ جهيڙو ٿيو جنهن ۾ شهزاده محمد اول ڪامياب ٿيو ۽ باقي سندس سڀ ڀائرن کي مارايو ويو.

سلطان مراد دوم جو پٽ سلطان محمد فاتح بنا مقابلي حڪمران ٿي ويو جو سندس سڀ ڀائر اڳ ۾ ئي مري چڪا هيا ۽ هو اڪيلو وارث هيو، ان ڪانپوءِ شهزاده بايزيد دوم تخت نشين ٿيو ته سندس ڀاءُ کي ختم ڪرايو ويو.

ان ڪانپوءِ سلطان سليم اول حڪومت سنڀاليندي ئي پنهنجي سيني ڀائرن کي مارائي ڇڏيو، ايتري قدر جو پنهنجي ڀائٽين کي به نه بخشيائين، هن ڪافي فتحون ڪيون پر ظالم به ڏاڍو هيو. هن پنهنجي دور ۾ سٽن وزيراعظمن کي قتل ڪرايو ۽ ڪيترن اعليٰ عهديدارن کي به مارايو. سندس دور ۾ عربستان ۽ ڪيترا عرب ملڪ


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ترڪي جي زير حڪومت اچي ويا تہ هن پنهنجي لاءِ ”خليفي“ جو لقب اختيار ڪيو.

سندس جانشين سلطان سليمان قانوني (1520ع کان 1566ع) ڏاڍو سنو حڪمران ثابت ٿيو پر پنهنجي جاهہ و جلال تي بي انتها پئسا لٽايائين، وڏو حرم هيس ۽ بي پناهہ حسين ۽ جميل ڪنيزون هيس. بادشاهہ جي وڏي پٽ مصطفيٰ ۽ سندس قابل اعتماد وزيراعظم ابراهيم پاشا کي سندس روسي نسل جي زال ”حريم“ مارائي ڇڏيو. بادشاهہ جي ٻي پٽ بايزيد ايران ۾ وڃي پناهہ ورتي تہ اتان بہ ان کي گهرائي مارايو ويو ۽ سندس ڇئن پٽن کي بہ مارايو ويو. اهڙي طرح تخت لاءِ صرف هڪڙو ئي وارث سليم دوم کي ڇڏيو ويو. جيڪو بي انتها عياش ۽ بد ڪردار ثابت ٿيو. هُن شراب جي عام واهپي جي اجازت ڏني، سندس موت بہ زياده شراب خوري ڪري ٿيو.

جڏهن خليفہ مراد سوم تخت نشين ٿيو تہ هن سڀ کان پهريون پنهنجي پنجن ڀائرن کي مارائڻ جو حڪم ڏنو. مراد بہ عيش پرست ۽ شرابي نڪتو. هن جي دور ۾ بُک، بدحالي ۽ بدامني ۾ اضافو ٿيو. ان کانپوءِ سندس پٽ محمد سوم تخت تي وينو جنهن پنهنجي 19 ڀائرن کي گهٽا ڏئي مارائي ڇڏيو ۽ انهن جي حامله عورتن کي بہ سمنڊ ۾ ٻوڙيو ويو تہ جيئن انهن مان ڪو وارث پيدا نہ ٿئي، پوءِ ڪنهن معمولي ڳالهہ تان ناراض ٿي پنهنجي پٽ محمود کي بہ دوستن سميت مارايائين. سندس جانشين سلطان احمد اول ڪمزور ۽ بزدل حڪمران ٿيو.

جڏهن سلطان عثمان دوم تخت نشين ٿيو تہ هن ڪجهہ بهتري آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪئي پر ڪين اميرن ۽ وزيرن گڏجي مارائي ڇڏيو. ان وقت ترڪي ۾ هر محڪمو بي قابي ٿي چڪو هيو ۽ ڪاروهنوار بہ ختم ٿي چڪو هيو، لاقانونيت عروج تي اچي چڪي هئي.

ان کانپوءِ سلطان مراد چوٿون خليفو ٿيو جيڪو بي انتها ظالم ثابت ٿيو، ٿوري ٿوري ڳالهہ تي ماڻهون مارائڻ سندس مشغلو ٿي ويو. تاريخ دانن هن کي سڀني خليفن مان وڌ ۾ وڌ ظالم قرار ڏنو


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

آهي. پنجن سالن ۾ هن 25000 ماڻهن کي مارايو ۽ اڪثر جون منديون پاڻ لاٿائين. ڪانئس پوءِ سلطان ابراهيم تخت تي وينو، جيڪو پڻ وڏو عياش ثابت ٿيو، سندس منظورِ نظر عورتن کي آزادي هئي ته هو استنبول جي ڪنهن به دڪان تان ڪابه خريداري ڪن ۽ پئسا نه ڏين. آخر عوام تنگ ٿيو ۽ فوج کيس گرفتار ڪري ڦاسيءَ تي چاڙهيو.

جنهن کان پوءِ سندس پٽ محمد چوٿون تخت تي وينو، هو وري شڪار جو شوقين نڪتو ۽ بيشمار ڪتا ۽ باز پاليائين، پنهنجي داماد "ڪارا مصطفيٰ" کي وزيراعظم بنايائين، جنهن جي پنهنجي ذاتي حرم ۾ 1500 ڪنيزون، 1500 سنگتياڻيون ۽ 700 خواجه سرا هيا.

جڏهن سلطان محمود اول آيو ته ڪجهه ناپر آئي، سندس وفات 1754ع ۾ ٿي، ان ڪانپوءِ سڀ حڪمران ڪمزور رهيا. سلطان محمود دوم جي وفات 1839ع ۾ ٿي ته خلافت سڪڙجي ننڍي ٿي چڪي هئي. ان ڪانپوءِ وري سلطان عبدالمجيد 1839ع کان 1861ع تائين ڪم کي هلايو ۽ ڪنهن قدر سنڀاليو، سندس وفات ڪانپوءِ 1867ع تائين عبدالعزيز رهيو ۽ پوءِ سلطان عبدالحميد دوم 1904ع تائين رهيو. باقي جا سال جنگ ۾ هارائيندي گذري ويا، تانجي 1923ع ۾ خلافت جو خاتمو ٿيو.

سلطنت عثمانيه جي عروج و زوال تي ڪافي ڪتاب لکيا ويا آهن، سندن زوال جا سبب اهي ساڳيا ئي آهن جيڪي اڳ ۾ ٻين قومن ۾ رهيا آهن، جيئن اقرباپروري، نااهلي، رشوت خوري، بي رحمي، بدامني ۽ ناانصافي. دنيا جي ڪا به قوم يا حڪومت، جنهن ۾ ميرٽ، انصاف، انساني حقن جي آزادي ۽ ادارن جي مظبوطي، سهپ، برداشت، جهڙيون خوبيون نه هونديون ته اها قوم يا حڪومت جلد يا دير ختم ٿي ويندي ۽ سندس نالو ۽ نشان مٽجي ويندو.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# استنبول ۾ آخري ڏينهن: ڍڪ بازار جي وزٽ

اسان جو دورو پڄاڻيءَ تي پهچڻ وارو هيو ۽ اڄ اسان جو هتي آخري ڏينهن هيو، شام جو ترڪيءَ کان موڪلائي وطن واپس ورڻو هيو، ان حساب سان، اڄ اسان کي استنبول جي مشهور بازار ”ڍڪ بازار“ ۾ وڃي آيا. ترڪ سياڻا چئبا، آخري ڏينهن هن بازار ۾ اچڻ جو مقصد هيو ته کيسا خالي ڪري پوءِ واپس وڃون. بازار هئي به اهڙي نه چڱو ٿيو جو گهر واري گڏ نه هئي، قرض ڪٿون ها ته به خريداري پوري نه ٿئي ها، ڪنهن چواڻي ته ”مال آ مٺين، جنهن کي ڪتي ڪٺي.“

”ڍڪ بازار“ جو نالو اسان لاءِ نئون ناهي، شڪارپور ۾ ان نالي سان بازار آهي ۽ مصر ۾ به اهڙي قسم جي بازار ڏٺم، نالو ڪٿي بيو هيس، جي پلجان نٿو ته شايد ”بازار خليل“، پيا چون. استنبول واري ”ڍڪ بازار“ کي ”مصالحه بازار“ به ڪري سڏيندا هيا، ايڏي ته وڏي هئي جو سندس آخري دوڪان تي پهچندي پهچندي شام ٿي وڃي ها ۽ اسان جي فلائيٽ به مس ٿئي ها، ميزبان به هليا وڃن ها ۽ اسان استنبول ۾ بي يارو مددگار ٿي پئون ها، ان ڪري جيڪي ٽي چار ڪلاڪ مليا، خوب گهمياسين ۽ شاپنگ ڪئي سين. عبدالحنان ته ايڏي شاپنگ ڪئي جو آخرڪار ان نئين خريداري لاءِ ڪيس هڪ وڏو ٿيلهو پڻ وٺڻو پيو. ميڊم حميده کهڙو ايڏي وڏي خريداري ڏسي چيس ته جيڪو به پهريون دفعو ملڪ کان ٻاهر ويندو آهي، ان کي خريداري به وڏي ڪرڻي پوندي آهي.

جيئن اڳ ۾ ٻڌايم ته بازار ڏاڍي وڏي آهي، هتي پنجٽيهه سو دوڪان، ان جي ٻيڻ ٽيڻ تي واپاري ۽ دوڪاندار، بازار کي ڳنڍيندڙ اسي جي قريب رستا ۽ گهٽيون ۽ بازار ۾ داخل ٿيڻ جا ارڙهن گيٽ.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com



استنبول ـ دولما باغيچہ محل ۾ ڪمال اتاترڪ جي بيڊروم ۾



استنبول ـ دولما باغيچہ محل ۾ ڪمال اتاترڪ جي بيڊروم ۾
عبدالحنان ۽ گائيڊ سان گڏ

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com



انقره ـ سابق وزير تعليم ترڪيءَ سان سندس آفيس ۾



انقره ـ سڀ کان وڏي ٽاور جي ڇت تان شهر
جو نظارو ڪندي

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com



استنبول - ڍڪ بازار



وفد جا اراڪين آيا صوفيہ جي آڏو

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com



ڊاڪٽر محبوب شيخ

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

هاڻي سائين ڏيو منهن، جنهن به دروازي کان داخل ٿيو ته سچڻ مڙئي سامهون. اسان جي ڪوچ واري بازار جي اهم دروازي ٻاهران اسان کي لاٿو. گيٽ تي وڏن اکرن ۾ لکيل هيو ”الله واپارين سان محبت ڪري ٿو“ خليفه عبدالمجيد دوئم جي وقت ۾ هي مکيه گيٽ نهيو ۽ ان جي ئي حڪم تحت، اهو جملو لکيو ويو.

بازار کي سهٽو ۽ وٽندر بنائڻ خاطر ست ڦهارا به هيا، جن مان جڏهن پاڻي نڪري ٿو ته نظارو ڏسڻ وٽان ٿئي. بازار اندر ٽيرنهن مسجدون به آهن، جتي ٻيپهري، ٽيپهري ۽ مغرب جي نماز دوران ڪافي رش ٿئي جو دوڪاندار ۽ خريدار گڏجي باجماعت نماز ادا ڪن.

بازار جي پنهنجي هڪ وڏي تاريخ آهي، اسان کي ٻڌايائون ته، هت سامان سان گڏ غلامن جو واپار به ٿيندو هيو، وڏا ماڻهو پنهنجا پراڻا، ٿڪل غلام، سستا کپائي، نوان، جوان ۽ همت ڀريا غلام وٺڻ ايندا هيا، قيمتي ۽ اٽلي سامان به چوري ٿي هتي کپجڻ ايندو هيو ۽ قيميتي ڪاٺ به عام جام کپندو رهيو آهي.

اسان جيئن بازار ۾ گهڙياسين، ته سامان جي گهڻائي ڏسي حيران ٿي وياسين، سنهڙيون گهٽيون ۽ ننڍڙيون بازارون هيون، گم ٿي وڃون ته واپس ڪوچ تائين ڪيئن پهچون! ان ڪري گڏ ٿي پئي گهمياسين. مون پنهنجي امڙ، گهر واري ۽ ننهن ۽ ڌيئرن لاءِ سونا لاڪيٽ ورتا، ترڪيءَ ۾ 12، 16، 18 قيراط جي سون مان ناهيل زيور ملن پيا، ڪٿي به 22، 24 قيراط جا زيور نظر نه آيا، روس، آمريڪا، برطانيا ۽ مصر ۾ جڏهن مون خريداري ڪئي ته اُتي به ائين پئي مليا، البته سعودي عرب ۾ 22 قيراط کان گهٽ ڪونه هيا. عبدالحنان به وڏي خريداري ڪري ورتي، سوئيٽر ۽ قميصون جام ورتائين. مون به ٻه سوئيٽر ورتا، ننڍا وڏا تحفا به سنا مليا، مناسب قيمت تي، البته قيمت گهٽائڻ لاءِ ڪافي ڪوشش ڪرڻي پئي.

بازار ۾ مردن کان وڌيڪ عورتون هيون، ترڪ عورتون مٿي تي اسڪارف پائي پيون گهمن، انهن کان وڌيڪ يورپ ۽ آمريڪا جا سياح عورتون ۽ مرد خريداريءَ ۾ مشغول ڏناسين، هو دوڪاندارن کان قيمت گهٽائڻ خاطر زور شور سان بحث ڪن ۽


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ڳالهائن. سانگهڙ ۾ اسان جي دوست حاجي محراب ميمڻ چواڻي تہ، خريداري تڏهن سٺي ٿيئي جڏهن خريدار ۽ دوڪاندار ٻئي پگهرجي وڃن.

ترڪيءَ ۾ "نيري رنگ جي اک" گهرن، آفيسن ۽ گاڏين ۾ لڳائن تہ جيئن ڪنهن جي بري نظر نہ لڳي. "نيري اک" واريون ننڍيون وڏيون تسبيحون عام جام نظر آيون، مون بہ گهرياتين لاءِ ورتيون ۽ ڪين ورهائي ڏنيون. تازو ٽي وي تي هڪ انگلش فلم ڏٺم، ان ۾ بہ ترڪ ايئر لائن جي ايئرهوسٽس هڪ پريشان پيسينجر کي "نيري اک واري تسبيح" ڏئي چويس ٿي تہ اوهان کي ترڪيءَ ۾ تڪليف نہ ٿيندي، بس هن کي پاڻ کان جدا نہ ڪجو. خريداري پوري ڪري ٻاهر ڪوچ پرسان هڪ اوپن ريسٽورينٽ ۾ اچي چانهن پيئڻ ويناسين، اسان کي هاڻي هوٽل واپس وڃڻو هيو جو فلائيٽ جو ٽائيم ٿيڻ وارو هيو.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

DEPARTURE

# ڊپارچر لائونج

وطن واپس ورڻ ۾ موڪلائڻ جي مهل به اچي وئي، اسانجي ترڪ دوستن سامان ڪٽائي ڪوچ ۾ رکرايو ۽ استنبول جي ايئرپورٽ تي اچي لاٿو. بين الاقوامي طريقي موجب ٽي ڪلاڪ ڪن اڳ ۾ آياسين ته جيئن اميگريشن، ڪسٽم ۽ ٻين شعبن جي آفيسرن ڪان پاسپورٽ ۽ سامان چيڪ ڪرائي ڊپارچر ڪارڊ وٺون. هڪ ته اسان سان هيا ترڪ ميزبان، ٻيو هياسين سرڪاري وفد جا رڪن، اُن ڪري ڪلاڪ ڪن جو ڪم ڏهن پندرهن منٽن ۾ ٿي ويو، ميزبانن کي اجازت ڏئي، وي آءِ پي لائونج ۾، بليڪ ترڪش ڪافيءَ جو مڳ کڻي، ترڪيءَ مان ورتل ڪتاب ڏسڻ لڳس، سوچيان پيو ته اسان کي ميزبانن وس آهر گهمائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ايڏو سارو ملڪ ايترو جلدي ڪيئن ڏسجي! ڪجهه ڏسڻ جهڙيون جايون، جيڪي هن ڀيري رهجي ويون، اُهي ٻي وزٽ لاءِ سوچي ڇڏيم، مثال طور مولانا روميءَ جو شهر قونيا وغيره.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# قونيا

هي هڪ قديم شهر آهي، جيڪو ٽي سو سال ق.م ۾ آباد ٿيو ۽ اڄ ڏينهن تائين شاد آباد رهندو اچي، گرم مصالحي وارا ڪاڏا، ڪباب، قالين، "مولانا رومي" ۽ "شمس تبريز" جا مقبرا ڏسڻ وٽان آهن، ان سان گڏوگڏ ڪيترين ئي تاريخي عمارتون، ميوزيم وغيره به گهمڻ لائق آهن. هن شهر کي ترڪ "سلجوق" حڪمرانن زور ونرايو. 1442ع ۾ خليفي مراد دوم جي وقت ۾ هي شهر فتح ٿيو ۽ خلافت عثمانيه ۾ شامل ٿيو، پوءِ به سندس ترقيءَ جو عمل جاري رهيو، 1923ع واري انقلاب کان پوءِ به، هن شهر سان ڇيڙ ڇاڙ نه ڪئي وئي ۽ سندس مذهبي، ثقافتي حيثيت برقرار رهي. قونيا ۾ مولانا روميءَ جا عقيدتمند رهن پيا لکن ۾، پاڪستان مان سوين زائرين، شوق ۽ عقيدت سان هن شهر کي ڏسڻ لاءِ ايندا آهن. 1998ع ۾ ميان شهباز شريف، چيف منسٽر پنجاب جي حيثيت ۾ هتي آيو ته کيس ڏاڍي عزت ڏني وئي. مولانا جلال الدين رومي، 30 سيپٽمبر 1207ع ۾، افغانستان جي شهر "بلخ" ۾ پيدا ٿيو، سندن والد مولانا بهاءُ الدين، پنهنجي وقت جا عالم هيا. حڪومت سان ڪن سببن ڪري ناراضگيءَ جي ڪري، افغانستان کي ڇڏيائون ۽ بار بچا وٺي نيشاپور، بغداد، مڪ مڪرمه ۽ پوءِ ترڪيءَ جي شهر "قونيا" ڪي اچي وسايائون. هن شهر ۾ کين عزت ۽ شهرت ملي ۽ اُن ڪري هتي ئي پنهنجو پڪو آستانو ۽ هڪ مدرسو نهرائي ويهي رهيا.

مولانا جلال الدين روميءَ، والد جي وفات کان پوءِ مدرسي جو انتظام سنڀاليو ته سندس نالو ۽ شهرت پيءُ کان به وڌي وئي. هتي سندس ملاقات هڪ وڏي بزرگ شمس الدين تبريزي عرف شمس تبريز سان ٿي جن کان پاڻ ڏاڍا متاثر ٿيا.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

شمس تبريز رحہ جي حوالي سان هڪ واقعو ڪافي مشهور آهي تہ بزرگ کي هڪ دفعي ڏاڍو اڃ بک ستايو، پر سندن ظاهري حالت ڏسي ڪنهن بہ کين ماني ڪونہ پئي کارائي. آخر هڪ جي دل ۾ رحم پيدا ٿيو ۽ ان گوشت جو (ڪن روايتن موجب مڇيءَ جو) ڪچو ٽڪر، کيس ڏنو، بزرگ اهيو ڪچو ٽڪر ڪٺي هر گهر تي ويو تہ اُهو کيس پچائي ڏين، پر سڀني انڪار ڪيو. آخر مجبور ٿي سج کي مخالف ٿيندي چيائين تہ ”تون بہ آهين شمس تہ مان بہ آهيان شمس، هاڻي هيٺ لهي اچ تہ ڪو ڪم ٿئي“. بزرگ جي ان چوڻ سان سج جو هيٺ لهي آيو تہ ڳوٺ ۾ ڄڻ قيامت اچي وئي، پوءِ ماڻهن جي ايلازن ۽ منٿن ڪان پوءِ سج کي واپس مٿي وڃڻ لاءِ چيائين.

ان نالي جو هڪ وڏو بزرگ ملتان ۾ بہ دفن ٿيل آهي ۽ اُن کي بہ اڪثر ڪري شمس تبريز ڪري سمجهيو ويندو آهي، پر ”تذڪره اولياءِ ملتان“ نالي ڪتاب ۾ کين شمس سبزواري ڪري لکيو ويو آهي. منهنجو ٻي دفعا ٻارن سان ملتان وڃڻ ٿيو آهي ۽ هر ڀيري ان جي مزار تي وڃي فاتحہ پڙهي اٿم.

مولانا روميءَ جو وڏي ۾ وڏو ڪارنامو آهي سندن ”مثنوي“ جنهن کي مڪمل ڪرڻ ۾ 42 سال لڳايائون. ان ڪتاب ۾ چويهہ هزار شعر آهن ۽ زندگيءَ جي هر مسئلي جو حل آهي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ ۽ علامہ اقبال ان مثنويءَ کي هميشہ پاڻ سان رکيو. ساري مثنوي روحاني لفظن ۽ انيڪ رازن سان معمور آهي. مولانا جامي مثنوي شريف بابت هڪ نظم ۾ هيئن چيو آهي:

مثنوي مولويءَ معنوي
هست قرآن در زبان پهلوي

معنيٰ: مولانا روميءَ جي مثنوي، ڄڻ فارسي زبان ۾ قرآن آهي. مولانا 17 ڊسمبر 1273ع تي وفات ڪئي.

مولانا جي مزار پرسان، هڪ هال جي وچ ۾، چانديءَ جي برنيءَ ۾ نبي ڪريم صہ جي منهن واري (ريش مبارڪ) (ڏاڙهيءَ) جا ڪجهہ وار رکيل آهن. ان جي زيارت بہ مسلمانن کي ”قونيا“ ڇڪيو اچي ۽ هر وقت سوين عقيدتمند، دعا گهرندي نظر ايندا.

قونيا جو شمار ترڪيءَ جي وڏن شهرن ۾ ٿئي ٿو ۽ سندس آبادي، 7،40،000 جي قريب آهي.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# ازمير

هي ترڪيءَ جو ٽيون نمبر وڏو شهر آهي ۽ سندس آبادي 22 لکن جي لڳ ڀڳ ٿيندي، يعني تہ استنبول ۽ انقرہ ڪانپوءِ هن شهر جو نالو ايندو. ساحل سمنڊ، سني ۽ مناسب موسم وارو شهر، جتي مني پاڻيءَ جا واهہ ۽ نديون جام آهن، اناج ۽ ميوو ڏاڍو ٿئي ۽ ٻاهر بہ وڃي، خاص طور تي انگور ۽ انجير ڏاڍا سٺا ٿين. هر سال بين الاقوامي ميلو بہ لڳي ٿو ۽ ڪيترين ئي وڏين ڪانفرنسون بہ هتي ٿيون آهن. مشهور شاعر ”هومر“ بہ هتي ئي جنم ورتو.

شهر جي وچ ۾ بيحد رش ٿئي ۽ گوڙ وارو شهر ڪري سڏيو وڃي ٿو جتي صفائي ٻين شهرن کان گهٽ ۽ ماڻهو روڊ رستن تي جام نظر ايندا، جيئن اسان جي شهرن ۾ رواج آهي.



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

HELEN OF TROY

# هيلن آف ٽرائي

ٽرائي Troy جو شهر 3500 ق.م ۾ تعمير ٿيو، 9 دفعا برباد ٿيو ۽ نهيو، پر هاڻي برباد آهي، کنڊرات آهن، ٽرائي شهر جي تباهي "هيلن" نالي هڪ خوبصورت ملڪ جي ڪري ٿي، جو هوءَ پنهنجي مڙس کي ڇڏي ٽراءِ جي هڪ نوجوان سان هلي آئي. مشهور ڪاٺ جو گهوڙو "ٽرو جان هارس" ان زماني ۾ نهيو ۽ اُن جي اندران سپاهي نڪتا، جن "ٽراءِ" شهر کي تباهه ڪيو. ان موضوع تي ڪافي ڪتاب به آيا آهن ۽ ڪوڙ فلمون به نهيون آهن، مون به تازو هڪ فلم Troy ڏٺي، ڏاڍي سٺي فلم هئي ۽ خاص طور تي ان جي هيروئن جنهن "هيلن" جو ڪردار ادا ڪيو، سا واهه جي عورت هئي، بي پناهه خوبصورت ۽ لاجواب اداڪاري ڪئي اٿس.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

BIBI MARYAM

# بي بي مريم جو گهر

19 صديءَ جي شروعات ۾ جرمنيءَ جي هڪ نن (عورتون جيڪي گرجا جي خدمت لاءِ پاڻ کي وقف ڪن ۽ شادي نہ ڪن) نالي آنا ڪيترينا، هڪ خواب ڏٺو ۽ اُن ۾ هُن کي بيبي مريم جو آخري گهر نظر آيو. اها خاتون معذور هئي ۽ گهر کان ٻاهر بہ ڪڏهن ڪو نہ نڪتي هئي. هن همت ڪري، پنهنجي ان خواب کي ڪتابي صورت ۾ آڻي شايع ڪرايو ان گهر جون نشانيون، رستا ۽ جبل بہ ٻڌايائين. ڪتاب جي شايع ٿيڻ جي دير هئي، پوءِ تہ سڄي دنيا ۾ ڳولها شروع ٿي وئي. آخر اهو جبل ۽ ان تي اُهو گهر، ترڪيءَ ۾ هٿ اچي ويو. ڪيترائي سال ان تي تحقيق ٿيندي رهي، آخرڪار 20 جولاءِ 1967ع تي پوپ پال چوٿون ۽ 30 نومبر 1970ع تي پوپ لين پال ٻيو هتي آيا ۽ هن گهر کي برابر صحيح قرار ڏنائون، هينئر تہ ترڪيءَ وارا بيحد خوش آهن جو روزانہ سوين عيسائي سياح اچن، زيارت ڪن ۽ دعائون گهرن.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# سفر جون آخري يادگيريون

مان ڪتاب ۾ پنهنجي خيالن ۾ گم هيس ته عبدالحنان اچي پڇيو ته ”ڪافيءَ جو ٻيو دور ٿي وڃي“ منهنجي سوچ جو سلسلو ٽٽي پيو ۽ وري جو خيالن کي گڏ ڪيان، تيستائين فلائيٽ واري بورڊ تي نگاهه پئي، جهاز جي وڃڻ ۾ اجان ڪجهه ٽائيم هيو، مان وري سوچ ۾ پئجي ويس. اجان ٿوري دير مس ٿي ته ترڪيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ بار بار اعلان ٿيڻ لڳا، اسان جي فلائيٽ ڪراچيءَ لاءِ تيار هئي، وڃي ”ترڪ ايئر لائين“ جي ساڳئي جهاز ۾ سوار ٿياسين. ڪجهه ڪچهري ڪئي سين ته ڪجهه ننڊ، اهڙيءَ طرح، رات جو ٽين وڳي جڏهن ڪراچيءَ جي انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي قدم رکيوسين ته ائين لڳو ڄڻ مادر وطن، پنهنجي هنج ۾ ڪٽي ورتو هجي، مونکي وڻڻ لاءِ منهنجو پٽ اعجاز پنهنجي والده سان گڏ آيل هيو. گهر ۾ ته سڀ ٻار سمهيا پيا هيا، مان به وڃي سمهي پيس جو پنهنجي بيڊ کي ڏسي ننڊ کي روڪڻ منهنجي وس ۾ نه هيو.


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

نالو: پروفيسر ڊاڪٽر محبوب علي شيخ
تعليم: ايم ايس سي (آنرز)، ايل ايل بي، پي ايچ ڊي،
جرمن ۽ روسي ٻوليءَ ۾ سرٽيفڪيٽ ڪورس

تجربو:

- چيئرمين، بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري ايجوڪيشن، سکر
- چيئرمين، ڪاميٽي آف چيئرمين (COC) بورڊ آف ايجوڪيشن، سنڌ
- چيئرمين، انٽر بورڊ ڪاميٽي آف چيئرمين، (IBCC) منسٽري آف ايجوڪيشن، گورنمينٽ آف پاڪستان، اسلام آباد
- ايڊيشنل سيڪريٽري ايجوڪيشن، گورنمينٽ آف سنڌ، ڪراچي
- ڊائريڪٽر جنرل،
- پراونشل انسٽيٽيوٽ آف ٽيچر ايجوڪيشن (PITE) سنڌ، نوابشاهه
- ڊائريڪٽر/پراونشل ڪوآڊينيٽر، بيورو آف ڪيريڪيولم، ڄامشورو
- چيئرمين، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، ڄامشورو
- چيئرمين، بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن، لاڙڪاڻو
- باني پرنسپال/پراجيڪٽ ڊائريڪٽر، ڪيڊٽ ڪاليج چاڪر نواز علي سانگهڙ، سنڌ
- پرنسپال، پاڪستان ايمبيسي اسڪول/ڪاليج جده (سعودي عرب)
- مختلف ڪاليجن ۾ پڙهائڻ جو 16سال تجربو
- ريسرچ جو 4 سال تجربو
- ميمبر، سنڌ يونيورسٽي سينيٽ، ڄامشورو
- ميمبر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي سينيٽ، خيرپور

سول سوسائٽي
ڪم جو تجربو:

- ميمبر آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان
- ميمبر سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن
- ميمبر سنڌ شيخ ويلفيئر ايسوسيئيشن


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

- ميمبر سنڌ يونيورسٽي اليومني ڄامشورو
- ميمبر پراجيڪٽ ايڊوائزري ڪاميٽي
- سٽيزن رائيٽس اينڊ ريسپانسبليٽي پاڪستان، اسلام آباد
- ميمبر بورڊ آف گورنرس پبلڪ اسڪول، سکر
- ميمبر بورڊ آف گورنرس ڪيڊٽ ڪاليج پنوعاقل، سکر
- ارلي چائيلڊ هوڊ ايجوڪيشن، وزارتِ تعليم، اسلام آباد
- هيومن رائيٽس ايجوڪيشن، وزارتِ تعليم، اسلام آباد
- انوائرونمينٽ ايجوڪيشن، وزارتِ تعليم، ڪراچي
- اڊلٽ لٽريسي، وزارتِ تعليم، ڪراچي
- ڪيريڪيولم ڊولپمينٽ، وزارتِ تعليم، اسلام آباد، حيدرآباد
- ٽيچر ٽريننگ ڪورسز، نوابشاهه، ڪراچي
- وڊيو ڪانفرنس آف ٽيچر ٽريننگ اينڊ ايجوڪيشن، قاهره، مصر
- ايجوڪيشنل سسٽم آف ترڪي، ترڪي
- آغا خان ايجوڪيشن سسٽم، گلگت
- ڪيريڪيولم ڊولپمينٽ آغا خان يونيورسٽي، پشاور
- ملڪي ۽ بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ شرڪت (ڪل 45)

اشاعت:

- مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ مضمون (ڪل 40)

ڪتاب:

- سفرنامو، ميهڙ کان ماسڪو

غيرملڪي زبانن جي ڄاڻ:

- انگريزي ۽ روسي

دورا ڪيل ملڪ:

- برطانيه، جرمني، روس، اٽلي، بيلجم، آذربائيجان، پولينڊ، هنگري، سعودي عرب، مصر، ترڪي ۽ امريڪا


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

## A CRITICAL COMMENT ON THE BOOK

I was deeply inspired by Dr. Mahboob's recent publication "Turkey me'n Chaar Musafir" in which he has expressed his valuable thoughts about Turkey, a country which is unique in its history, culture and civilization Dr. Saheb is an excellent writer and I know him since so many years, when I was posted as Consul General in Jeddah and he was the Head of Pakistan Embassy School over there in late 80s. He is remarkably a moody man, but he also knows the art of injecting romance in his words which at times hypnotizes the mind of the readers. He did tell me when he was taking his official trip to Turkey and I was dead sure that he would certainly come up with some new thoughts of his tour to that great country. However, also I had been a frequent visitor to that area and I thought I must contribute something towards his new edition of this book and share my humble experience as a professional diplomat.

I had been in Pakistan diplomatic service for more than 35 years till I retired as Pakistan Ambassador to Algeria in 2008. While I was posted there, I used to visit Istanbul quite often, particularly during my holiday trips to Karachi. Istanbul is a city with special touch and a place where one could witness a mind blowing culture and romance of various civilizations of the world. The Ottoman patching memories, beautiful mosques depicting the Ottoman-Islamic architecture, historic museums, grand bazaars, nice restaurants and last but not the least, the beautiful people and dazzling nite life that take every visitor into a crazy world. Moreover, the transparent blue Mediterranean Sea with white glittering sand and Bosphorus Bridge carries everybody in a Turkish vicious circle of deep romance from where one can hardly come out for the remaining period of his life. Although, I have traveled so much in my life and have


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

served in Japan, Bangladesh, Saudi Arabia, Kuwait, Germany, Sudan and Algeria on my postings at the Embassies and have unforgettable memories of those places, but still the sweet hangover of my visits to Turkey, specially the city of Istanbul, will always remain with me. Moreover, the splendid hospitality of Turkish people and warmth in their feelings, and love specially for Pakistan, is everlasting and adorable.

Being a birthplace of various civilizations, Turkey owns a magnificent cultural heritage. By virtue of its important geographical position, Turkey lies at the axis of cultures of the East, the West the Mediterraian and the Islamic. Anatolia is one of the world's oldest human habitats and it enjoys a unique cultural richness with its thousands of yeas of history. With its rich cultural heritage and potential, Turkey will always play its role in existing journey that humanity will embark upon in the new millennium.

One the diplomatic front, Turkey has always played an active and important role at all the regional and international levels. It is a country with so much of the stake in world politics, and with its unique position on the world map, Turkey is married to both Asia and Europe. Despite the fact that it has 95% of the Muslim population, it has a secular constitution with no official state religion. Today, Turkey is reaping the harvest sowed by its great leader kamal Attaturk who made this great country one of the most advanced and modern State of the world. However, Turkey also has. enormous challenges to face including the unresolved issue of Cyprus and its entry into the European Union.

Cyprus is crucial issue between Turkey and Greece. It is situated at the north-eastern end of the East-Mediterranean basin, 75kms south of Turkey, 105kms west of Syria and 380kms north of Egypt. Its population is less than a million of whom 85% belong to the Greek


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

Cypriot community, 12% to the Turkish community and remaining are foreigners. The Turkish Cypriot community is mostly descended from the soldiers of the Ottoman army which conquered the island in 1571 and the immigrants from Asia brought in by the Sultan's government shortly thereafter.

Cyprus has a long history. It was a former British colony which gained independence from the UK in 1960. The conflict between the Greek Cypriot majority in the South, and Turkish Cypriot minority in the North, came to a head in 1993 when fighting broke between the two parties. UN peace keepers were deployed in 1964 and there is still a visible presence today, in the form of a buffer zone policed by the UN. In 1974, the Turkish government intervened and brought peace in the area. In 1983, the North area of the island declared independence as the "Turkish Republic of North Cyprus". In May, 2004 South Cyprus joined the European Union and relations improved slightly between the North and South. There are numerous UN resolutions on the dispute and today there are around 3500 Turkish troops stationed in the northern part of Cyprus, who according to Turkey protect the Turkish Cypriots in the area.

I have dealt upon this problem in details because this is a core issue between Turkey and Greece and till today both blame each other of invasions and violation of human rights. However, it appears that this issue will remain unresolved for quite sometime to come.

Another important problem for Turkey is its entry into the European Union. The country first applied for associate membership in the European Economic Community in 1959 and in September, 1963 signed an agreement creating an Association between Turkey and the EEC also known as "Ankara Agreement". It came into effect in December 1964. In November, 1970 an "Additional Protocol" was signed establishing a


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

timetable for abolishing the tariffs and quotes on goods traded between Turkey and the EEC. In April 1987, Turkey formally applied for membership in the European Community. The European Commission in 1989 confirmed Ankara's eventual membership, but by deferring the matter to more favorable times, citing Turkey's unsatisfactory economic and political situation, as well as its poor relations with Greece on the Cyprus issue, creating an unfavorable environment with which to begin negotiations. Although Turkey has been trying its best to fulfill the EU demands, but it appears that Turkey will remain in the state of limbo for a long time. The USA, and most of the EU members are in favor of Turkey's accession but the Austria, France and Germany are vehemently opposed to it. The recent Survey shows that more than 60% of the EU-27 citizens are against Turkey joining the EU, while only about 27% are in favor. The countries where population was most strongly opposed to Turkish membership was Austria (about 81%) and Denmark (about 61%), while Romania was in favour of the accession. The highest support comes from the Turkish Cypriot community. However, in my personal assessment it will take Turkey another 5-10 years to seek full and formal membership of the EU due to strong opposition and high stubbornness from various member countries blaming Turkey for its so-called ill human rights record, weak political and economic situation and above all the resolution of Cyprus dispute.

I would not do justice to my episode if I do not talk about Pakistan-Turkey relations. Our ties with this brotherly country are very close, cordial and meaningful. We entered into a historic pact in 1964, called Regional Cooperation for Development (RCD), but unfortunately it never took off at a desired speed. However our position on almost all the international and regional issues is identical and our governments and leaderships have


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

always enjoyed best of its relations both at the official and personal levels. Also the people to people contact is so close that citizens of both the countries feel at home, whenever they visit each other countries.

While concluding my presentation, I once again congratulate Dr. Mehboob for his hard work and dedication in bringing out this new valuable edition of his trip to Turkey. I also had a chance to go through his earlier book "Mehar to Moscow" which in my view is a fine piece of work and valuable contribution towards the knowledge and intellect of Pakistani Youth, particularly the people of Sind.

**Zafarullah Shaikh**
Ambassador (Rtd)

Karachi
Dec. 2009


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ترڪيءَ ۾ چار مسافر

سفرنامو

ڊاڪٽر محبوب شيخ

ڊاڪٽر محبوب شيخ ٻنان رک رکاءُ جي پنهنجي جذبات جي ترجماني ڪئي آهي ۽ ترڪيءَ جا حالات قلمبند ڪيا آهن. نہ صرف ايترو پر تاريخي واقعات ۽ ترڪي جي سياست تي طبع آزمائي بہ ڪئي آهي.

ترڪي هڪ اهڙو ملڪ آهي، جتي پاڪستانين کي (Kardesh) ڪارديش يعني ”ڀاءُ“ سڏيو وڃي ٿو ۽ جيءَ ۾ جايون ڏنيون وڃن ٿيون. ڊاڪٽر شيخ صاحب جي سفرنامي ۾ بہ اهڙي محبت ۽ ورتاءَ جي جهلڪ نظر اچي ٿي.
”ترڪيءَ ۾ چار مسافر“ هڪ معلوماتي سفرنامو آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر شيخ صاحب پنهنجا مشاهدا بيان ڪيا آهن ۽ اتي جي تعليمي نظام جي باري ۾ لکيو آهي ۽ پنهنجي راءِ ڏني آهي.

آئون ڊاڪٽر محبوب شيخ کي ترڪيءَ جي سفرنامي لکڻ تي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو. مون کي اميد آهي تہ هن سفرنامي جو ٻيو ايڊيشن پهرين ايڊيشن کان بہ وڌيڪ دلچسپيءَ سان پڙهيو ويندو. ڇاڪاڻ تہ پاڪستاني، ترڪي ۽ ترڪ عوام جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ چاهيندا. لڳي ٿو تہ هي ڪتاب خاص طور استادن ۽ شاگردن لاءِ لکيو ويو آهي. جنهن لاءِ ڊاڪٽر محبوب شيخ جسُ لهڻي.

ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياچوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آس رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا

ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪ ڄاڻو ته اُهو بِه ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيلا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي همٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا.<br>
... ...<br>
ڄئن ڄئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛<br>
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛<br>
... ...<br>
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛<br>
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........<br>
... ... ... ...<br>
هي بيتُ اَٽي، هي بَم ـ گولو، جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!<br>
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،<br>
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناданيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاڪ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي پنهنجو حق، فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو ٻيجل ٻوليو)